# سر بلاول

مرتب: حميد سنڌي



شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز
ڀٽ شاه - حيدرآباد سنڌ
١٩٩٢ع

# سُر بلاول جو مطالعو

مرتب

حميد سنڌي

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز،

ڀٽ شاهه/ حيدرآباد سنڌ

١٩٩٢ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ جي ٢٤٧ عرس جي موقعي تي ٿيل
# سيمينار جا مقالا


ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ : غلام قادر ٻنڊ

ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ

ڇپيندڙ : آزاد ڪميونيڪيشن، ڪراچي

ڇاپيندڙ : عبدالحميد آخوند، سيڪريٽري،

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز،

ڀٽ شاهه، ضلعو حيدرآباد سنڌ.

تعداد : هڪ هزار



پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.



قيمت 80.00



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| الا جنگ جين | حميد سنڌي | ٥ |
| سُر بلاول ـ نالي پوڻ جو سبب ۽ مضمون | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | ١١ |
| سُر بلاول جو تاريخي ۽ ثقافتي پس منظر | ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر | ٢١ |
| سُر بلاول جو تاريخي ۽ ثقافتي جائزو | چوئٿرام ولهيٽ | ٢٧ |
| سُر بلاول جا تاريخي ڪردار ۽ واقعا | رقيه غلام النبي شاهاڻي | ٤٠ |
| سُر بلاول جا تاريخي ڪردار ۽ واقعا | معمور يوسفاڻي | ٥١ |
| اڀڙو سمون ـ (سُر بلاول جو هڪ ڪردار) | محمد حسين ڪاشف | ٨٠ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| سُر بلاول جي ڪردارن جو علامتي تصور | ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو | ٨٩ |
| وڳند سان ورونهه | سليم ميمڻ | ٩٩ |
| سُر بلاول تي هڪ نظر | غلام حسين رنگريز | ١٠٥ |
| جادم جڪرو ۽ لڄپال لطيف | نصرت حسين ابڙو | ١٣٦ |
| مُهڙ مِڙني مُرسلين | الحاج رحيم بخش ”قمر“ لاڪو | ١٤١ |
| سُر بلاول جو پيغام مدح نبي پاڪ عليه صلوات والسلام | مولانا عبداللطيف سڪندري | ١٤٨ |
| شاهه رحه جي نعتيه شاعري | محمد اياز قريشي | ١٥٤ |
| سُر بلاول جي سُونهن ۽ سرهاڻ | حافظ عبدالرحيم جمالي | ١٦٢ |
| شاهه جو فڪر | سيد يار محمد شاهه | ١٧٠ |
| سُر بلاول ۾ شاهه رحه جي سندر سوچ ۽ عارفاڻو اهاءُ | فقير امداد علي سرائي | ١٧٦ |

# الا جنگ جين

تاريخ جي صفحن تي ثبت ٿيل ماڻهو، قومن جي ڪردار، قول فعل جا آمين هوندا آهن. جن به قومن جو قدر ڪيو ۽ انهن جي فڪر ۾ غلطان ٿيا، اُهي نه رڳو رهبر بڻيا، پر سندن اندر اُهي خوبيون پڻ موجود رهيون، جيڪي سچائي ۽ بهادر قومن ۾ هونديون آهن.

سنڌ جي سرزمين به جيڪي به دلير مڙس مٿير پيدا ڪيا آهن اُنهن قومن جو منهن مٿي ڪيو ۽ اسان جي شاعرن، اُنهن جي صفتن جي ساراهه ۾ ڪئين ڪلام چيا، ڪئين ڳيت ڳاتا. جيئن ته سنڌ جي سرزمين تي اهڙي قوم جنم ورتو جنهن کي پنهنجي مٽي، پنهنجو پاڻي ۽ پنهنجو مزاج، پنهنجي ثقافتي ورثو هو تنهنڪري اُتي گهٽي ٽٽي اهڙا ماڻهو پيدا ٿيا جيڪي دلير هئا، نه سخي هئا ۽ اُن سان گڏ هڏ ڏوکيءَ ۽ سچا هئا.

جيئن ته لطيف سائين جهڙي آفاقي شاعر، جنهن جي شاعري جو بنياد انسانيت ۽ اُن سان لاڳاپيل صفتن (VIRTUES) جو پرچار هو. هن سچ ۽ حق پرستي جي پرچار ڪرڻ لاءِ ڪردار ئي اُهي چونڊيا جيڪي نج ڪرا هيا ۽ منجهن اُهي انساني خوبيون جهڙوڪ نئڙت، نياز، بهادري، سخا ۽ حب الوطني موجود هيون. جيئن ته شاه جي سچي شاعري آفاقيت جو مظهر آهي اُن ڪري سندس ڪردار به آفاقي ۽ لافاني بڻجي ويا آهن. حقيقت ۾ شاه سائين سچ ۽ حق جي ڳولا لاءِ جيڪا جاکوڙ ڪئي اُن ۾ سندس مددگار ساٿي، اُهي انساني ڪردار هئا جن ۾ مٿيا جامڻ هئا. جن ۾ سٽن سورمين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان گڏ ڪئين سورما هيا جيڪي شاه سائين جي ڪلام جي مالها ۾ پوتل اُهي مٽيا آهن جن کان سواءِ انسانيت ۽ سائس لاڳاپيل صفتن جو پرچار ناممڪن هو. سندس راڻو هجي، يا چنيسر، پنهل هجي يا ميهر، ٻيجل هجي يا راءِ ڏياچ، جکرو جس ڪرو هجي يا ابڙو پرجهلو ٻاري، مورڙو ميربحر هجي يا متارا هجن، اهي سڀ سچ ۽ سخا جي علامت بڻجي، سندس ڪلام وسيلي نہ رڳو سنڌ پر سڄي عالم ۾ آشڪار ٿيا ۽ سچ جي صورت بڻجي سچ، سخا ۽ سورهيائي جا مبلغ بڻيا.

تون جا ياڻئين موجب سا مڙيائي مهراڻ تي،

هيءُ انهن جا اوج جن سنبت سوري پار ڏي.

انهن ڪردارن جي جدوجهد جي باري ۾ پروفيسر بڻائي پنهنجي ڪتاب The melody and Philosophy of Shah Latif ۾ چئي ٿو:

From this follows logically the absolute determinism that characterizes all of Shah's poetry but along with this determinism is also relentless struggle to go forward. Shah was all for persistent and relentless struggle.

شاهہ سائين جا ڪردار، لطيف سائين وانگر جاکوڙي آهن. اُنهن ۾ سچي سهڻي هجي يا موهڻي مومل، ليلائڻ واري ليلا هجي يا نئڙت نياز واري نوري، لطيف سائين کي هنن وهڻ نہ ڏنو آهي تہ لطيف سائين هنن سورمين ۽ سورمن جي ننڊ ڦٽائي آهي. منهنجي نظر ۾ لطيف ٻين صوفين وانگر دنيا کي تياڳڻ يا ويراڳي ٿيڻ جو ڏس نہ ڏنو، پر هن ڌرتي ۽ ڌرتي تي رهندڙن سان رشتا ناتا جوڙيا. انهن جي فڪر ۾ غلطان رهيو ۽ ڏکن ڏاکڙن کي ڏور رکڻ لاءِ سڄڻ جو آسائتو رهيو.

هيءُ سڄڻ سيئي جي مون ڪوڏ نهارئا،

ايندم جان پيهي تہ سڀ لاهيندم ڏکڙا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئون جن آساري، متي تڙ گذاريان،
مون کي وساري، شال مَ وڃڻ اوهري.

سر ساموندي جا هي سڄڻ، هي پرين بہ اهڙائي ڪردار آهن جن وَس سيڪي آهي.

شاه سائين سڀ کان وڌو وسيلو جهليو آهي سُر بلاول ۾، جنهن ۾ پاڻ نبي ڪريم صلعم جن لاءِ عقيدت جا گُل ڪٽي جهليا اٿس.

ڊک ڏيکيندو مون نہ ڇڏيندو شفيع شافع سپرين،
انڌا اونڌا اکرٽا سڀ نباهي نيندو شفيع شافع سپرين.

سُر بلاول لاءِ ليلا رام وتڻ مل لعلوائي پنهنجي ڪتاب The Life Religion and poetry of Shah Latif. ۾ لکي ٿو تہ:

Bilawal is the name of a Hindhi ragni of which there are served kinds. This Sur contains miscellaneous versus in praise of the Prophet and serveral noted names of Sindh, well known in their time. Jakhro, a big zamindar famous for his librality, is spoken of. Mention is made of Sultan Allaudin who came from Dehli to Sindh with a large army and offorded protection to all those who paid homage to him. Rahu, Abro and Samo the chiefs of the Sama tribe are also mentioned.

شاه سائين وٽ دلير، وفادار، سخي، امين ڪردارن جي کوٽ نہ آهي، جاڪاڻ تہ هُن جي ڏِٺي نظر هر اُنهي اَملهہ کي جهٽي ورتو آهي جيڪي ڪردار قوم جي آڏو اهڃاڻ ڪري پيش ڪيا اٿس.

”جکرو جس کرو ڀٽا مڙئي ملهہ،
سمي جي سهاڳ جي کهين نہ پوي ڪَل،
متي اُن مرسل، اصل هٿي ايتري.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، جيڪي موکي موهين ٿا. کھڙا راڻا رڻ لتاڙين، کھڙا ميھر درياه ۾ گھڙي سھٽي ماٿين ٿا. مٿيا ۽ ماٿهو تہ اڄهو ھي آهن دڳ پيچرا تہ اهي ٿي آهن، رهبر رهرو بہ وک وک سان ملايو هلن پيا. باقي آهي پنهنجي ڪرٽي، اُن جي ڏات. ڏات ڏٺين وٽ ٿي هوندي. لطيف هجي يا سچل. ڏات جا هيءَ ڏٺي، ڏات ڏاڏائي ڏيهہ لاءِ ٿي تہ چڏي ويا آهن. شايد اسان کي اُن ڏات کي حاصل ڪرڻ جو ڏانءُ اڃا نہ آيو آهي. اُنهن ڏات ڏٺين جي ڏات عام ڪرڻ لاءِ لطيف ۽ سچل جا عُرس هر سال ٿين پيا. ڪوڙين سلام اَچيو ڪن. آتڻ اُن جي. اَسين بہ ادبي ڪانفرنس جي ڪُني هر سال چاڙهيون پيا. لطيف جي ادبي ڪانفرنس جو ڪم ڪار اڃا بندي حوالي آهي. هيل جيئن ممتاز مرزا ڪم کي تکو ڪيو آهي ۽ منهنجي نوڪري جي تڙ پيڙ وڌي وئي آهي تہ ڪم ڪار ۾ مڙوئي ڏکيائي محسوس ڪيان پيو. پر لطيف چواٿي:

پريان سندي پار جي مڙيوئي مٺائي
ڪانهي ڪڙائي چکين جي چيت ڪري.

لطيف سائين جي پار جي مٺائي آهي. ونڊ وراهہ لاءِ اڄهو حاضر آهي هن سال جو نئون ڪتاب "سُر بلاول" هيءَ مقالا آهن جيڪي ميلي جي موقعي تي منهنجي اديب سائين ۽ لطيف جي پانديٽڙن پڙهيا ۽ اُنهن کي تيار ڪري اوهان آڏو پيش ڪيون پيا. ٿورا حميد آخوند سائين جا جنهن جو پروسو، اعتماد ۽ ساٿ ڏينهون ڏينهن وڌو پيو پانيان. ممتاز جا قرب جو قربائتي نموني سان مون جھڙي هڄ هڄان ۾ ورتل ماٿهوءَ کي هلائي پيو ۽ ڪم وٺي پيو.

پٽ شاه ثقافتي مرڪز هيل ڪراچي ۾ لطيف سرڪار کي عقيدت جا گل پيش ڪرڻ لاءِ جيڪا ڪانفرنس ڪوٺائي اُها پنهنجي جاءِ تي هڪ يادگار ڪارنامو آهي، اُن لاءِ پٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي سان گڏ حميد ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ممتاز کي مبارڪون هجن. شال اچا پٽ ڌٽي جي پيغام کي عام ڪن اسان جو ساٿ هميشه سائين رهندو.

تورا اُنهن سيني اديب دوستن ۽ لطيف جي پانديئڙن جا جن منهنجي سڌ کي مان بي ڏنو آهي ۽ هر سال اچيو لطيف سرڪار آڏو ادبي ميڙ ۾ ڪنا تين.

هن وقت جنهن طرح سان سڄي سنڌ لطيف سائين ۽ سچل سائين جي سنڌ سان لافاني عشق جي موٽ ۾ عشق حقيقي سان سرشار آهي ته هر ماڻهو مون لاءِ مٺيادار آهي ۽ سندس وک لاءِ دِلان دعا ٿي نڪري

الا! جُنگ جيئن، جنين اَجهي گهاريان،
شال مَ سڪي وِيري، جڻان بي بين،
مَرڪڻ اکڙينِ، تو ڏني مون سک تيي.

حميد سنڌي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

## سر بلاول ـ نالي پوڻ جو سبب ۽ مضمون

سر بلاول ، شاهہ جي رسالي کان سواءِ شاهہ عنايت جي رسالي ۾ بہ ملي ٿو. يعني هن سر تي سنڌي شاعر اڳ ۾ بہ بيت جوڙيندا هئا، ڄاڻ جو شاهہ عنايت، شاهہ صاحب جو وڏو معاصر آهي. شاهہ عنايت جي رسالي جي سُر بلاول جو بہ ساڳيو مضمون ۽ ساڳيون علامتون آهن. يعني سنڌ جي سخي مردن ۽ سورهين جي ساراهہ. نہ فقط ايترو، پر انهن سورهين ۽ سخي مردن جي علامت جي اوٽ الله تعاليٰ جون صفتون بيان ڪرڻ، ۽ نبي آخر زمان حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جون بي مثل خوبيون ۽ خصوصيتون بيان ڪري، سندس عام فيض جو ذڪر ڪرڻ.

هي سُر آنجهاني ڊاڪٽر گربخشاڻي جي رسالي ۾ ڪونہ آيو آهي. البت غلام محمد شاهواڻي مرحوم پنهنجي مرتب ڪيل رسالي ۾ هن سر جي مضمون ۽ مقصد تي مختصر نموني روشني وڌي آهي، پر اهو ڪونہ ڄاڻايو اٿس، تہ "بلاول" لفظ جي معنيٰ ڇا آهي، ۽ ان تي اهو نالو ڪيئن پيو. مگر ڪلياڻ آڏواڻي پنهنجي مرتب ڪيل رسالي ۾ هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر بابت لکيو آهي:

" سر بلاول ـ هندستان جي گائن وديا موجب، بلاول ، رامڪليءَ وانگر، هندول راڳ جي پنجن استرين مان هڪ جو نالو آهي. ٻئي راڳڻيون ڏک ڪٽيندڙ ۽ اُتتي اچارڻ لاءِ موزون آهن. هن سر ۾ ڏٺيءَ، پيغمبر صاحب ۽ جادم جکري جي واکاڻ اچاريل آهي. ڪٿي مراد اٿس ڏٺي، ڪٿي نبي سڳورو." (١)

هن مان ٻه اهو معلوم ڪونه ٿو ٿئي، ته لفظ "بلاول" جي معنيٰ ڇا آهي، ان جو تاريخي پس منظر ڪهڙو آهي، ۽ هن سر تي اهو نالو ڪيئن پيو؟ البت هن مان ايترو پتو پوي ٿو، ته "بلاول" هڪ راڳڻي جو نالو آهي. انهيءَ ڳالهه جي سوچ ويچار لاءِ موسيقي جي باري ۾ ڪتاب ويهي اٿلايم، سڀ ڪا ڳالهه ظاهر ٿي پيئي.

گرنٿن ۾ لکيل آهي، ته " مهاديو جي" پهريان ڇهه راڳ بنايا جن مان پهريون راڳ ڀيرون آهي. انهيءَ ڪري موسيقي جي ماهرن جو خيال آهي، ته پهريون ناٽ ڀيرون هئڻ گهرجي، اهو انهيءَ ڪري ٻه جو اهو صبح جي وقت جو راڳ آهي. البت "پنڊت ڀات کنڊي جي" ڏهه ناٽ بيان ڪيا آهن. هن پهريون ناٽ شام جي وقت جو ڪلياڻ مقرر ڪيو آهي، جنهن ۾ تيور مڌم جو هجڻ ضروري آهي. ان تي ماهرن جو رايو آهي ته ڪنهن ڪلياڻ ۾ ٻه ست ئي شدّ سُر ڪونهن، وڪرت سر تيور مڌم ٻه آهي. ستَ ئي شد سر بلاول ۾ آهن، انهيءَ

(١) ڪلياڻ آڏواڻي: شاهه جو رسالو، هندستان ڪتاب گهر بمبئي، ١٩٥٨ع ، ص ـ ٤٧٨.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري پهريون ٺاٺ بلاول جو هجڻ گهرجي.

پنڊت ڀاتکنڊي جي هي به لکي ٿو، ته گرنٿن ۾ بلاول ٺاٺ کي شنڪر ابرڻ ميل لکيل آهي، پر شنڪري جا ڪيترا ئي قسم آهن، جن مان ڪوبه بلاول وانگر سپورن ڪونهي. جيڪو شنڪر ابرڻ مروج آهي، اهو ڪاڏو آهي. يعني ڇهن سرن جو آهي. ڪن شنڪر ابرڻ کي اوڊو يعني پنجن سرن جو راڳ سڏيو آهي.

بلاول ٺاٺ بابت ماهرن ڄاڻايو آهي، ته وادي سموادي سرن کي بدلائي، موسيقي جي ماهرن "بلاول" جا ڪي ئي قسم ٺاهيا آهن. ماهر اهو به چون ٿا، ته بلاول کي صبح جو ڪلياڻ به چيو ويندو آهي. (١)

ان مان معلوم ٿئي ٿو ته، "بلاول" صبح جو ڪلياڻ آهي. شاهه جي رسالي جي برٽش ميوزيم واري نسخي ۾ "سر بلاول و صبوحي" ڄاڻايل آهي يعني سر جو نالو ڄاڻايل آهي: "بلاول و صبوحي."(٢)

هن مان ظاهر ٿئي ٿو، ته "بلاول" هندستان جي راڳ ودياموجب هڪ ٺاٺ آهي، ۽ صبح جو ڳايو ويندو آهي. موسيقيءَ جي ماهرن هن سر تي ان نالي پوڻ جو سبب ڄاڻائيندي لکيو آهي:

"بلاول تي ان نالي پوڻ جو سبب هي معلوم ٿئي ٿو، ته ملڪ

---

(١) ڪامل جهوناڳڙهي: "پاڪستاني موسيقي" "حصه اول" ڪراچي، ١٣٩١هه، ص ٨٣ کان ٨٥

(٢)"................"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاٺياواڙ جي، علائقي سورٺ جي بندرگاهن ۾ سومنات پٽڻ سان لاڳيتو ”ويراول“ بندر به هو. هنديءَ ۾ اڪثر /و/ جي بدران /ب/ اچاريو ويندو آهي، جيئن ”شيو“ کي ”شب،“ ۽ ”وشنو“ کي ”بشنو“ چيو ويندو آهي. ان ڪان سواءِ /ل/ بدران /ر/ اچاريو ويندو آهي، جيئن ”ڪويل“ کي ”ڪويريا،“ ”هولي“ کي ”هوري،“ ۽ گجراتي لفظ ”ويراول“ بدلجي ”بلاول“ ٿيو آهي. (١)

ان مان ظاهر ٿئي ٿو، ته بلاول عربي، فارسي يا هندي لفظ ڪونهي، پر گجراتي لفظ ”ويراول“ بدلجي هندي ۾ ”بلاول“ ٿيو آهي. ماهرن اهو به ڄاڻايو آهي، ته مهراج ڪرشن ”ويراول“ جي ويجهو هڪ ڳوٺ جي ڏنار جي تير سان هرڻ کي مارڻ ويو. جيئن ته هن سر ۾ مهراج ڪرشن جي تعريف ڪئي ويندي آهي، انهيءَ ڪري هن سر تي ڪرشن جي سان تعلق رکندڙ ماڳ جي ڪري، ”ويراول“ نالو پيو، جيڪو بلجي هندي ۾ ”بلاول“ ٿيو. ان ڪان پوءِ هي ٺاٺ هند ۽ سنڌ ۾ ”بلاول“ جي نالي سان ئي مشهور ٿيو.

سنڌي شاعرن هن سر ۾ مضمون ته ”ساراهه“ جو رکيو، پر شخصيت ۾ تبديلي آندي يعني هن سر ۾ سنڌ جي سخي مردن ۽ سورهين جي ساراهه کي سمايائون، نه فقط ايترو، پر انهن سورهين ۽ سخي مردن جي علامتن ذريعي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ثنا ۽ صفت، ۽ سندن فيض جي پالوٺ جو ذڪر ڪيائون.

---

(١) پاڪستاني موسيقي، حصه اول، ص ٨٦.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه صاحب، ابڙي جي انهيءَ ڪري ساراهه ڪئي آهي، جو هو بهادر آهي، سامون جهليندڙ آهي، عورتن جي پرگهور لهندڙ آهي، ۽ سام تي سر ـ ساهه قربان ڪندڙ آهي. هو چوي ٿو:

سَرَٽين جي سک لئي، سام ڪنئين سردار،
جي آيون ابڙي جي آڏار، سي سونگ نه ڏينديون سومريون.

هن ۾ انهي تاريخي واقعي جي ڳالهه آهي، جڏهن سومرن ڌارين سان جنگ جي دوران، پنهنجون عورتون ابڙي ڄام کي سام ۾ ڏنيون هيون، ۽ ابڙي ڄام سام جو پورو حق ادا ڪيو هو. سام، سنڌي ثقافت جي خوبي رهي آهي. سنڌ جي ماڻهن نه سام جهلڻ کان ڪڏهن ڪيٻايو آهي، ۽ نه سام جو حق ادا ڪرڻ ۾ ڪڏهن ڪوتاهي ڪئي آهي.

شاهه صاحب سنڌ جي انهيءَ سورهه کي ”ڏونگر ـ راءِ“ جو لقب ڏئي ٿو، جيڪو رياست جي سربراهه هجڻ جي حيثيت ۾ پنهنجي راڄ ڀاڳ جي پرگهور لهي ٿو، ۽ پوري پوري حفاظت ڪري ٿو:

ٻين مڙني ڏنيون، ڏئي نه ڏونگر ـ راءُ،
اڻ ـ ڏنين آڏو ڦري، ڏنيون ڏئي ڪڻاءُ،
لوريون لک مٿاءُ، أنَ مٿيري موٽائيون.

شاهه صاحب پنهنجي مختلف بيتن ۾ ابڙي کي ڪٿي ڏونگر ـ راءِ، ڪٿي ڪڇ ـ ڌڻي، ڪٿي پٽ ڌڻي، ڪٿي راهو، ته ڪٿي جکرو سڏيو آهي. ابڙي جي سخاوت ۽ عوام سان مهربانين جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابڙو، وڏ- وڙو، سُوَڙو، سمر، سونهن سپنِ،
تنهن در سپ اچن، ڪنڌ نہ ڪڍي ڪچ - ڏٺي.

شاهہ صاحب جکري ڄام جي سورهيائيءَ ۽ سخاوت جو ذڪر ڪندي چيو آهي، تہ هو پنهنجي سردارن جي پيٽ ۾ اپوجهن جو آسرو، آذار ۽ پرجهلو آهي، هو دلير، سورهيہ ۽ جرئت پريو آهي، هو سوالين جون ضرورتون پوريون ڪندڙ آهي ۽ انهن کي ڪنهن بہ ويل وساري نہ ٿو. هي اهو سردار آهي، جيڪو ضرورتمندن جون ضرورتون پوريون ڪري ٿو، ۽ منجهيل ماڻهن جون مشڪلاتون دور ڪري ٿو. هو پنهنجي پناهہ ۾ آيلن کان سندن ڏک، درد، ڏک سور، اهنج ۽ آزار پڇي، سندن گهرجون پوريون ڪري ٿو. شاهہ صاحب هن بيت ۾ جکري جون اهي خوبيون ۽ خصوصيتون هن طرح بيان ڪيون آهن:

ابڙو اڳاهن ۾، پرجهلو پاري،
سمي سُوالين کي، ويلهہ وساري،
مَنَهنَ - مُني جکرو، طاماعن تاري،
پڇي سي پاري، جي عاجز آجورن ۾.

ان کان پوءِ شاهہ صاحب داستان ٻي ۾ جکري جي علامت کي چٽو ڪيو آهي. هن صاف نموني ڏيکاريو آهي، تہ جکري مان سندس مطلب آهي، نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم، جي ذات اقدس. هو جکري جي علامت جي اوٽ ۾ چوي ٿو، تہ ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جو نہ ڪو مٽ آهي، نہ ثاني، سندس جهڙو نہ ڪو ڄائو آهي ۽ نہ ڄمندو. فرمائي ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڪرو جس ڪرو، پيا مڙيئي مل،
سمي جي سهاڳ جي، ڪنهين نہ پيئي ڪل،
مٿي ان مرسل، اصل هئي ايتري.

----

جڪرو جس ڪرو، پيا سڀ انيرا،
جيائين جڙيو جڪرو، تيائين نہ پيا،
مٿي تنهن ماڳا، اصل هئي ايتري.

هنن بيتن ۾ شاهہ صاحب پاڻ سڳورن جون خوبيون ۽ خصوصيتون بيان ڪيون آهن. ڪن بيتن ۾ تہ واضح نموني پاڻ ڪريم جن جون وصفون ۽ صفتون بيان ڪري، ثنا ۽ صفت ڪئي اٿس. هن بيت ۾ شاهہ صاحب ٻنهي جهانن جي سردار جي معراج جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان حقيقت جو اظهار ڪيو اٿس، تہ اسان جي پياري رسول، معراج تي اسهڻ کان اڳ ۾ بيت المقدس ۾ سڀني نبين جي امامت ڪئي. انهيءَ لحاظ کان پاڻ ڪريم جن کي سڀني نبين ۽ رسولن جو منڍ ۽ امام سڏيو اٿس. فرمائي ٿو:

جڪري جهو جوان، ڏسان ڪونہ ڏيهہ ۾،
مُهَنْڙُ مڙني مرسلين، سرس سندس شان،
فڪان قاب قوسين او ادنيٰ، ايءُ ميسر تيس مڪان،
آڳي جو احسان، جنهن هادي ميڙيم مهڙو.

يعني الله تعاليٰ جو اسان تي اهو وڏو ڪرم آهي، جنهن اسان کي اهڙو رهبر ۽ رهنما ڏنو آهي. انهيءَ ڪري هن بيت ۾ شاهہ صاحب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان کي ٻڌايو ٿو، تہ جڏهن اسان کي اهڙو هادي مليو آهي، تہ پوءِ اسان کي ٻين جي درن تي ڀٽڪڻ نہ گهرجي. مطلب هي آهي، تہ اسان کي نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي پيروي ڪرڻ گهرجي. ان ۾ ئي اسان جي فلاح ۽ بهبود جو راز سمايل آهي. فرمائي ٿو:

جيهس ڪونہ جهان ۾، هند سنڌ، سورت هاڻ،
در داتا مڱَ، مڱتا! ٻي جي ڪيمَ ڪاڻ،
پاتوندر پاڻ، حال ڏسي پال ڪري.

هن بيت ۾ شاهہ صاحب علامت تہ ابڙي جي آندي آهي، پر جيڪي خوبيون ۽ خصوصيتون بيان ڪيون اٿس، اهي فقط پاڻ سڳورن صلعم جي ذات اقدس ۾ ئي موجود آهن. انهيءَ ڪري ظاهر آهي، تہ جڪري مان سندس مراد آهي ٻني جهانن جو سردار، ڪائنات جو ڪارٽي، ٻي واهن جو واهرو حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم:

تون اوڏر، تون اوڏڪو، تون اجهو تون اڳ
هت پڻ تنهنجو تڪيو، مهند پڻ تونهين ماڳ،
سولوريون ڏين نہ لاڳ، جي اجهي آيون ابڙي.

شاهہ صاحب پاڻ سڳورن کي مخاطب ٿي چوي ٿو

تہ تون ئي اسان آڌار ۽ آسرو آهن، تون ئي پردو پناهہ آهين، تون ئي اسان جو رهبر ۽ رهنما آهين. هن جهان ۾ بہ تنهنجي تاريءَ پيانگون، تہ اڳتي يعني آخرت ۾ بہ تنهنجي شفاعت ذريعي ڇوٽڪارو ملندو. شاهہ صاحب پوئين سٽ ۾ چوي ٿو تہ، جيئن ابڙي جي پناهہ ۾ آيل مسڪين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورتون محصول ڏيڻ کان وانجهيل رهيون. تيئن نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي امتين سان انهن جي ڪمين ڪوتاهين جي باوجود واحد وڏا وڙڪندو ۽ انهن سان فضل جو ڦيرو ڪندو.

چوٿين داستان ۾ وڳند جو ذڪر آهي. انداز بيان مزاحيہ آهي، پر شاهہ صاحب مزاح جي اوٽ ۾ حقيقتون بيان ڪيون آهن. جڏهن بيتن جيهن سلسلي تي غور ڪجي ٿو تہ معلوم ٿئي ٿو، تہ وڳند مان سندس مطلب آهي، اپر، نڌر، اپرو ۽ اسونهون انسان، جيڪو جڏهن پير جو پاسو وٺي ٿو تہ کيس سڀ ڪجهہ حاصل ٿي وڃي ٿو. يعني جڏهن انسان نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي پردي پناهہ ۾ اچي ٿو، ساڻن محبت ڪري ٿو ۽ سندن پيروي ڪري ٿو، تہ کيس دنيا ۽ آخرت جون سڀ ڀلايون حاصل ٿي وڃن ٿيون شاهہ صاحب چوي ٿو تہ وڳند پنهنجي ليکي جيڪي ڪوشش ڪيون، انهن مان کيس ڪو لاڀ نہ مليو. پر جڏهن پاڻ سڳورن تي ايمان آڻي، عمل صالح اختيار ڪيائين تہ کيس سڀ ڪجهہ پڙ پيو.

وڳند وري آئيو، وسن ڪين وڏوس،
گندي ماني، ماڳ موچارو، پاسي پير ٿيوس.

هيئين بيت ۾ شاهہ صاحب ظاهر ڪيو آهي، تہ وڳند هونئن تہ گندو بندو آهي، پر جڏهن پاڻ سڳورن جي صحبت ۾ اچي ٿو تہ سُرهو ٿي پوي ٿو. چاڪاڻ جو نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي صحبت گندن کي گلاب جي خوشبوء وارو بنائي ڇڏيندي آهي. شاهہ صاحب آخري سٽ ۾ اسان کي صلاح ڏئي ٿو، تہ سراپا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونهن، سچ، سڳنڌ ۽ سرهاڻ يعني پاڻ سڳورن سان تعلق پيدا ڪريو، ته اوهان به سدائين سُرها رهو. فرمائي:

وڳند وري آئيو، نسوروئي نَرڳ،
گندا گلابي ڪري، سيد جو سَرڳ،
عطرسين اورڳ، ته هئين سدائين سَرهو.

مطلب ته شاهه صاحب، هن سر ۾ علامتي انداز ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ثنا ۽ ساراهه ڪري، اسان کي ذهن نشين ڪرايو آهي، ته دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي پاڻ سڳورن سان تعلق پيدا ڪرڻ ۽ سندن پيروي ڪرڻ ۾ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر

# سر بلاول جو تاريخي ۽ ثقافتي پس منظر

راهُو تنهنجي ريت، پرڪندين پڌري
گهٽا گهوڙن چاڙهيئي، مسافر مسيت،
پڇين ڪانه وڌيت، جي آيا سي اگهيا. (٢ ـ ٩)

حضرت شاهه عبداللطيف جو ڪلام هونئن ته ڪيترين ئي خوبين جو حامل آهي، جن جو ذڪر اسان جي عالم سڳورن مختلف وقتن تي پئي ڪيو آهي. پر انهن مڙني خوبين ۾ به اهڙيون خوبيون آهن، جيڪي اتم خوبيون چئي سگهجن ٿيون. انهن ۾ هڪڙي آهي قوم ۽ وطن لاءِ قربانيءَ جو جذبو پيدا ڪرڻ، ۽ ٻي مسڪينن جي مدد لاءِ حاڪم ڪي اتساهه ڏيارڻ. سر بلاول جي مطالعي مان اسان کي پتو پوي ٿو ته هن سُر کي تاريخي دستاويز جي حيثيت ان ڪري ملي آهي، جو هن سر ۾ ٻئي خاصيتون موجود آهن. اچو ته هن سر جي پس منظر ۾ ان تاريخي شجاعت ۽ قربانيءَ جو مطالعو ڪيون، جنهن ڀٽائيءَ کي متاثر ڪيو.

سومرن جي دور ۾ (١٣٠٠ع) سما به وڏا طاقتور راڄ هئا. سندن قبيلي جا ڪيترائي ماڻهو وڏا مالدار ۽ سخي سردار هئا. فرشته ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابوالفضل اهڙا مؤرخ آهن، جن سمن جي حاڪمن کي ڄام ۽ راءِ جي لقب سان سڏيو آهي راءِ حڪمران ته اسان کي برهمڻ حاڪميت (٤٩٠ - ٦٣١ع) کان اڳ سنڌ تي پوريءَ طرح پنهنجي جاهه وجلال سان حڪومت ڪندي نظر اچن ٿا. هن دؤر ۾ راءِ گهراڻي جي ڪل پنجن حاڪن سنڌ تي حڪومت ڪئي. انهن ڪيترائي ڀيرا ايران ۽ هندستان جي حاڪمن سان جنگيون به ڪيون. ان ڪانسواءِ سمن سردارن جون افغان، ترڪ، تاتاري، غزنوي ۽ ڪيتن ئي ٻين حملي آورن سان تاريخي جنگيون به مشهور آهن. ان ڪري اهو سمجهڻ سولو آهي، ته سومرن جي راڄ کان اڳ به سما حاڪم سنڌ جي سياست ۽ ثروت تي حاوي هئا. سومرن جي حاڪميت قائم ڪرڻ ۾ به سمن سردارن جو وڏو ڪردار رهيو آهي. مؤرخن جو رايو آهي، ته ابتدائي سويون، جيڪي سومرن کي حاصل ٿيون، انهن ۾ به سمن راڄن جي تعاون جو وڏو حصو رهيو آهي. پر وقت گذرڻ سان جيئن سومرا طاقتور ٿيا، ته وري سمن سان ارهه زورائي ڪرڻ لڳا. ان ڪري ڪيترائي سما خاندان ڪڇ طرف ناراض ٿي هليا ويا. سمن جي تعاون گهٽ هئڻ جي ڪري ڌارين کي سنڌ تي حملي ڪرڻ جو وجهه ملي ويو. اهوئي سبب هو، جو سومرن جي دور حڪومت ۾ دهليءَ جي پٺاڻن ويهه ڪوٽ تي حملو ڪيو.

دهليءَ جي حملي لاءِ خود سومرن جو پنهنجو نفاق به ذميوار آهي، جنهن ۾ ڪن تاريخ جي ڄاڻن چنيسر سومري کي اِن جو گنهگار سڏيو آهي. ڪن ته دودي سورهيه جي سياسي غلطيءَ کي ان جو ذميوار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڏيو آهي. پر جيستائين سمن جو تعلق آهي، ته انهن خاندانن جا سردار نهايت وڙائتا سردار ثابت ٿيا. وڳهه ڪوٽ جي جنگ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته سما سردار سنڌ جي غيرت جا رکپال هئا. سومرن جڏهن ڪين مدد لاءِ پڪاريو ته نه رڳو سومرن جا ننگ سامون ڪري سنڀاليائون، پر پاڻ به پناٽن سان جنگ جي ميدان ۾ روبرو مقابلي لاءِ نڪري پيا. ان دؤر جون ڪافي شاهديون موجود آهن، ته نه رڳو سما سردار سامن جا رکپال بڻيا، پر مري به پاڻ ملهايائون. حقيقت ۾ سمن سردارن جو اهوئي تاريخي ڪردار هو، جيڪو تاريخ تي قرض هو. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ انهيءَ تاريخي قرض لاهڻ جي سر بلاول ۾ ڪوشش ڪئي آهي. شاهه صاحب سندن سورهيائي ۽ شجاعت کان متاثر ٿي کين امرتا بخشي آهي.

سر بلاول جي هيٺين بيت ۾ شاهه صاحب جکري سردار کي سندس بهادريءَ تي خراج تحسين پيش ڪئي آهي:

جو ڇليون ڀسي نه ڇَڪئو، تہ واڪاڻيون وِکَ،
لَڏي ڪين، لطيف چي، لَکَنِ اڳيان لِکَ،
پيرُ نه موڙي پاهجو، تڪي پنجي تِکَ،
سرڻين ڏيي سِکَ، هڪل سين هالارَ ڏٺي.

(بلاول ـ ١ ـ ١٠)

بيشڪ هن جنگ ۾ سومرن به مانجهي مڙس ٿي پاڻ ملهايو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي راءِ موجب ته ” اهو سومرن جو پنهنجي گهر جو جهيڙو هو. هن بيشڪ مڙس ٿي منهن ڏنو، ۽ پنهنجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توڙي سنڌ جو مُنهن مٽي ڪيائون. پر ٻئي طرف ابڙي سمي جو پنهنجو ڪوڙ معاملو ڪونہ هو. هن سورهيہ بنا ڪنهن ذاتي غرض ۽ فائدي جي سامون جهليون ۽ ٻي گهر ۽ بيوه زالن جي عزت ۽ آبرو بچائڻ لاءِ پنهنجي سر گهوري گهوري مٿائن قربان ڪيو."

ابڙي سمي جي دليرانہ ۽ سنڌس مستحڪم ايرادي جي ڳالهہ لطيف سائينءَ هن طرح ڪئي آهي:

سَرٽِين جي سڪ لَئِي سام ڪنئي سردار،
جي آيون ابڙي جي آڌار، سي سونگ نہ ڏيندين سومريون.

(۱ـ ۱۴)۲

شاهہ صاحب سر بلاول ۾ سمن سردارن جي قومي غيرت ڪانسواءِ سندن سخا جا بہ ڏڪ پريا آهن . انهن سخي حاڪمن ۾ جادم جکرو سخا جو صاحب هو. هن جي سخا ڪي پتائي صاحب ساراهيو آهي. هيٺئين بيت مان معلوم ٿو ٿئي تہ انهن سخي حاڪمن عوام جي سک ۽ سهنج لاءِ رستن تي ڪوهہ کٽايا هئا ۽ مٿي پاٽيءَ جا تلاءَ نهرايا هئا. شاهہ صاحب اسان کي ٻڌائي ٿو:

ڏني جادَمَ جکري، چت نہ ٻيا چڙهن،
تہ ڪي ڪُوهَ کڇن، جہ سَرُ ليي سيَرو.

( بلاول ـ ۲ ـ ۵ )

جکري جام جي سخا کان متاثر ٿيندي، شاهہ صاحب ڪيس هيٺين بيت ۾ دلي دعائون ڪيون آهن. جيئن فرمائي ٿو:

جکرا! جيئين شال، تنهنجو ڪنين مدو مَستان،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جئن تـو اچي ڪال، نالائق نـوازئا.
(٢ ـ ٢)

سنڌ جي سماجي تاريخ ۾ جهاتي پائي ڏسبو تہ سمن سردارن مان تمام گهڻا حاڪم سخا جا صاحب ٿي گذريا آهن. انهن حاڪمن مان راءِ ڏياچ تہ سخا جو سرتاج ٿي گذريو آهي. هن الله جي نانءَ تي بيجل کي پنهنجو سر ڪپي ڏنو هو. سخا لاءِ حاتم بہ مشهور آهي، مگر انهيءَ پنهنجو سر ڪونہ ڪپايو هو. پر چاڪاڻ تہ حاتم عرب قوم مان هو، ان ڪري ساري دنيا ۾ مشهور آهي. پر راءِ ڏياچ جو تعلق هڪ مسڪين قوم سان رهيو آهي، ان ڪري لطيف سائينءَ جي دعائن کان سواءِ ٻيو ڪير اهڙو انسان آهي، جيڪو هن سخي حاڪم کي دنيا ۾ شهرت ڏياري ٿي سگهيو! هن سخيءَ جي بي مثال سخا جي ساراه ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف پورو سر سورٺ ترتيب ڏنو.

ان ڪانسواءِ سمن ڄامن ۾ لس ٻيلي جا ڄام حاڪم بہ سخا جي لحاظ کان اعليٰ پايي جا سخي سردار ٿي گذريا آهن، جن لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي، تہ " ٻيلي جي حاڪمن ۾ سخا جو سرتاج سپڙ ڄام ٿي گذريو آهي، جنهن ڪيترن ئي ڏڌن کي ڏان ڏنا ۽ ڪيترن ئي منگتن کي مالا مال ڪيو. سخي سپڙ جي ساک سنڌ توڙي ٻيلي جي رياست ۾ مشهور آهي. سندس پويان اڄ بہ سخا جي سنت کي قائم رکيون تا اچن." يتائي صاحب سر پرڀاتيءَ ۾ هن سخيءَ جي تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي:

ٻاجهارو ٻيلي ڏٺي، ٻجهان ٻاجهہ ٿئي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سپڙ سا سٽي، جيڪا چارڻ چت ۾.   (پرياتي)

مطلب تہ شاھہ صاحب سر بلاول ۾ اهي تاريخي ڪارناما دهرايا آهن، جن جي ڪري سنڌ جي تاريخ ڪي پنهنجن غيرت مند ۽ سخي حاڪمن تي هميشہ ناز رهندو.

آخر ۾ هيٺين بيت تي سوچڻ کپي، جنهن ۾ شاھہ صاحب، هزارن حاتمن کي سمي کان گهٽ ٿو چوي:

جَهڙَ ٿُنهنجي جَهپِٽا، هَزارين حاتِمَ،
ڪوجهنِ سَندا ڪَمَ، ڪامِلَ ري ڪيرُ ڪَري؟
(بلاول ـ ٣ ـ ٢ )



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوئٿرام ولهيت

# سُر بلاول جو تاريخي ۽ ثقافتي جائزو

سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت دنيا جي قديم تاريخن کان ۽ ثقافت کان آڳاٽي آهي. ان ڪري اسين هن تي فخر به ڪريون ٿا، ۽ ان کي پنهنجو سمجهون ٿا. ثقافت ۾ بهادري، پهلواني، سخاوت ۽ مهمان نوازي کان علاوه، ميلا ملاکڙا، شادي، وهيانو، رسم رواج وغيره سڀ ثقافت ۾ اچن ٿا. ان ڪري اسان جي ثقافت نرالي ۽ انوکي به آهي، جنهن جو مقابلو ٻي ڪابه ثقافت ڪري نه ٿي سگهي. اسان جا قصا ۽ لوڪ ڪهاڻيون لوڪ ورثو سڀ ثقافت جا جزا آهن. اسان جي ڪنهن به مشهور شاعر کي سامهون رکو ته ان وٽان اوهان کي ڪيترائي لوڪ ڪردار سامهون ايندا جيڪي ان ڏس ۾ پرک آهن، پوءِ اهي ڪردار بهادرن جا هجن توڙي سخين ۽ ڏاتارن جا هجن. اسان جي ثقافت ۾ اهڙا به ڪردار آهن، جن کي جانثار چيو وڃي ٿو. سخين ۽ ڏاتارن جا قصا ٻين وٽ به آهن، پر اسان وٽ اُهي ڏاتار ملن ٿا جيڪي الله جي نالي تي سر ڏين ٿا ۽ سر گهُرن ٿا.

مثال خاطر جيڪڏهن ڪو بهادر جان ڏي ٿو، ۽ ميدان ملهائي ٿو اهو سدائين زنده آهي. ۽ ان کي اسين هن وقت جيڪو اعزاز ڏيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـا اهو آهي "نشان حيدر" پر ان جي مقـابلي ۾ جيڪڏهن ڪو سـائل اڇيو سر جو سوال ڪري ٿـو ۽ ان کي سر ملي ٿو تہ سر ڏيندڙ کي ڇا ڇئبو؟ ان لاءِ ڪو اعزاز آهي يا نہ؟ پر اسان وٽ اهڙا ڪافي اعزاز آهن جن کي اسين انوکـا اعـزاز ڪونـيـون تـا، ۽ اُهي اڄ تائين انوکـا ۽ نرالا آهن. ان ڪري اسان جي ثقافت بہ هر طرح کان نرالي ۽ انوکي آهي. سُر سورٺ ۾ بيجل جو راءِ ڏياچ کان سر جو سوال ڪرڻ يا سِسي گهرڻ انوکو سوال آهي. سنڌي ثقافت ۾ سخين ۽ ڏاتارن لاءِ ڪي اهڙا قـانون ثـاهيل آهن، جن جي دائري ۾ راءِ ڏياچ ڪـانـسـواءِ عـملي طرح بيـو ڪوبہ اهڙو ڪردار ڪونهي جنهن صـدا تي سـر ڏنو هجي. اهڙي طرح بهـادري جي ميـدان ۾ اهڙا ڪئين لال ليندا جن پنهنجي جان تي ڪـيـڏي پنهنجي تهذيب کي بچايو آهي، يا پنهنجي ڪلچر جو منهن مٿي ڪيو آهي. انهيءَ دائري ۾ دودي چنيسر جو قصو ۽ ان سان وابستہ ڪلچر سمـورو اسان لاءِ هڪ اهڙي نشاني آهي جنهن کي اسين سنڌ جي سچي ثقافت چئي سگهون ٿـا. دودن جي دليري ۽ سندن سنگت جو ساٿ، سچائي تاريخ ۾ نـشـان بر ۽ اهم آهن. دودو بهـادر ۽ دليـر هو جنهن کي اڄ تائين بہ ياد ڪيو ۽ ڳايو وڃي ٿو. عام چوٽي آهي تہ

مڙس تہ ڪو دودو آهي. (١)

دودي چنيسر جي ڪهاڻي سنڌ ۽ ڪڇ جي گڏيل ڪهاڻي آهي جنهن ۾ سنڌي بهـادر بہ ڏسـجن ثـا ۽ ڪڇ جا جانبـاز بہ ظاهر آهن. انهن ۾ ابڙو اڙبنگ، ڏونگر راءِ، جکرو، چام سـپـڙ چوٽاڻي، چام جکرو، ڳهڙ راءِ، ابڙو اگهام، چام راهو، اهي سيئي بهادر، سخي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاتار تي گذريا آهن، جن کي شاهه سائين کان سواءِ پانن، پاتن ۽ سگهڙن به ڳايو آهي.

## ابڙو اڙهنگ:

سُر بلاول ۾ ابڙو اڙهنگ نمايان نظر اچي ٿو، ۽ سيني جو سرواڻ هو. ابڙو اڙهنگ ڪچ جي وڏسر پاڳي تي حڪمران هو جيڪو هن وقت ابڙاسيو ۽ ديهه گرڙ يوابڙاسيو سڏجي ٿو (٢)

ابڙي اڙهنگ لاءِ لطيف سائين هيئن فرمايو آهي!

ابڙو وڏ وڙو، سوڙو جهلي سامن
تنهن درترڪ اچن، ڪين، ڪريندي ڪچڙي (٣)

ابڙو اهڙو سردار هو، جيڪو جنگ لاءِ سدائين تيار هوندو هو.
ان لاءِ لطيف سائين فرمايو آهي:

سرٽين جي سک لاءِ، سام ڪنئي سردار
جي ابڙي جي آڏار، سي سونگ نہ ڏينديون سومريون (٤)

انهيءَ زماني ۾ سام جهلڻ، سر ڏيڻ جي برابر هئي. جيڪي بهادر ۽ سورهيہ هوندا هئا اُهي ئي سامن جو ذمو کڻندا هئا. ان لاءِ لطيف سائين هن طرح فرمايو آهي تہ

ارڙوجي اٿيو، ديمن پيس دک،
لاتائين لطيف چئي، عالم تان اهُک،
تن سرٽين تا سک، جي اجهي آيون ابڙي. (٥)

مطلب تہ سرٽيون سورهين جي ئي سام ۾ رهنديون هيون ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ جو انهن وٽ ئي ڪين سک ۽ سلامتي جو يقين هو. سورهين لاءِ لطيف سائين هيئن به فرمايو آهي:

جو ڇليون پسي ڇڪيون، تنهن واڪاٽيو وڪ،
لڏي ڪين لطيف چئي، لکن اڳيان لک،
پير نه موڙي پنهنجو، تنگي پئي نه تِک،
سرٽين ڏي نه سِک، هڪل سين هالار ڏٺي. (۴)

ابڙي کي هالار ڏٺي به چوندا هئا ڇو جو هالار جو علائقو به ابڙي جي قبضي ۾ هو ۽ ابڙو سدائين تيار هوندو هو ته الاجي ڪيڏي مهل سڏ ٿو ٿئي. ابڙي جهڙا بهادر انتظار ڪونه ڪندا هئا ته موت ڪڏهن ٿو اچي. ان جي سِسي سدائين هٿ ۾ هوندي هئي. ان لاءِ لطيف سائين فرمايو آهي:

سمون تن سڏ ڪري، جن تي وڏو ولير،
آئي ته آجي ٿيان، پائي پاڳوڙي پير،
تنهن ري، پيو ڪير، سرٽين جا سونا سهي. (۷)

سرٽين جا سونا سهڻ وارو ابڙي ڪانپوءِ ابڙي جو پٽ ڏونگر راءِ هو جنهن سامون سنياليون ۽ سر ڏنو (۸) جنهن لاءِ لطيف سائين ڪيس هن طرح ڳايو آهي:

ٻين سيني ڏنيون، ڏي نه ڏونگر راءِ،
اڻ ڏنين آڏو قري، ڏنيون ڏي ڪياءِ،
لوڙيون لک متاءِ، هن متيري موتايون. (۹)

ڪڇ جو هي ڪونڌر جنهن آخري وقت به سامن جي سنيار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لذي تنهن کي تاريخ ڪنهن به طرح وساري نه ٿي سگهجي. هن جي ڏاهپ اها هئي جو هو سومرن جون پانهون وٺي هڪ اهڙي ڏيڻ يا گهلڻ ۾ داخل ٿيو جو اتان اهي ڪنهن به طرح نڪري نه سگهيون. اها ڳلهڻ هن جي هميشه جي رهائش گاهه بنجي وئي، جنهن تي پوءِ سومرن جو مشهور پان پاڳو مجاور ٿي ويهي رهيو ۽ سڄي حياتي پوءِ سومرن کي ڳائيندو رهيو سندس ڳايل ڳاهون ۽ ڳاهن واري ڳالهه هميشه سنڌ جو ڪلچر بنجي رهيون جيتوڻيڪ ان ۾ ڪافي وڌاءُ آهي، جنهن کي تاريخ قبول ڪونه ٿي ڪري، پر ڪلچر ۾ اهي قبولجي ويون آهن ۽ قبول رهنديون .

## ڄام جکرو:

سر بلاول ۾ ڄام جکري جو ذڪر به اچي ٿو. ڄام جکرو پنهنجي وقت جو مشهور سخي هو، ان ڪري هند توڙي سنڌ ۾ ڳايو ويو، جنهن جي ساراهه پٽ ڏٿي هن طرح ڪئي آهي:

ڏٺي جادم جکري، پيا ڇت ڇڙهن ڪين،
سمون تن سارون لهي، جي مُنا ۽ مسڪين،
انهي مدل مبين لذي سار سپين جي. (١٠)

ٻئي هنڌ جکري جي ساراهه پٽ ڏٺي هيئن به ڪئي آهي:

ڏمريو ته به ڏي، پرچي ته پاٽ پري،
جنگ جکري کي، ٻئي چڱايون ڇت ۾. (١١)

جکرو سمن ۾ نشانبر هو ۽ اڳرو هو، ڪيس سپ ڪنهن

ساراهيو آهي. پٽ ڏٽي ٻئي هنڌ فرمايو آهي تہ:

سمون سوائي، ڀُھون ڀين آڳرو،
دانهہ جي درٻار ۾، ورتي ايءَ وائي،
ڳھڻ ڳالهائي، مهڙ سڀ ملهايا. (١٢)

سخي جکري نہ رڳو مهڙ ملايا ها پر پوري ملڪ ۾ سندس ساراهہ هئي. ان ڪري لطيف سائين کي هيئن بہ چوڻو پيو:

سنڌ سورت هند هاڻ، جهڙس ڪونہ جهان ۾،
در داتا مڱَ مڱتا، ٻي جي ڪيو مَ ڪاڻ،
اي پاتوندر پاڻ، حال ڏسيو ڀال ڪري. (١٣)

جکري جي ساراهہ انهيءَ منزل تي هئي جو ان کي عرب دور جي مشهور سخي حاتم سان ڀيٽيو ويندو هو. ان لاءِ لطيف سائين فرمايو آهي:

پاندپ سين نہ پاڙيان، سوين ڀيا سردار،
آهي مثل مينهن جي، سخي تنهن جي سَار،
حاتم هزده هزار، جهڙ تنهن جي جهپيا. (١٤)

مطلب تہ حاتم جهڙا سخي بہ جکري جي سخاوت آڏو پوئتي پئجي ويا هئا ايتري قدر جو انهن کي بہ جکرو مات ڏئي ويو هو. هن منزل تي صرف سنڌ جو سخي ۽ ڏاتار راءِ ڏياچ هو، جنهن جي منزل مٿي هئي. جکري جي ساراهہ ۾ لطيف سائين منگتن کي هوشيار ڪندي فرمائي ٿو تہ متان ٻي در واجهائي وڃ نہ وڃائين، وڃي جکري وٽ واجهائين. ان لاءِ لطيف سائين فرمائي ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تون آسائو آئيو، تہ ونئون جکري لاءِ،
متان وڙ وچائين، کنهن ٻي در ليلاءِ،
سمي ساماءِ، چنتا لٿي چارڻي. (١٥)

## ڄام سپڙ چوٽاڻي:

هن سر ۾ جيڪي اسان کي تاريخي ڪردار سامهون اچن ٿا تن ۾ ڄام سپڙ چوٽاڻي جو بہ نالو ذڪر لائق آهي.ڄام سپڙ ذات جو رونجهو هو جنهن جي حڪومت ڇهتاڻ ۽ ٻيلي تي هئي. هي پنهنجي وقت جو مشهور سخي ڏاتار هو، تنهن ڪري لطيف سائين سر بلاول ۾ ابڙي سان گڏ سپڙ جو بہ ذڪر ڪيو آهي. شاهہ سائين فرمائي ٿو:

وائي جنهن وات ۾: ڏئو ۽ ڏئو
ابڙو اڳهامن ۾، سپڙ جنين ٻيلي،
سي پٽ ڪنهن نہ پوٽيا، جي ٿو ٻڙ ٻيلي،
سڄڻ سانوڻ مينهن جيئن، رڃون ٿو ريلي،
اچن جي ويلي، تن بور بخشي پٽ ڏٽي. (١٦)

ڄام سپڙ جي ساراهہ، پٽ ڏٽي نہ صرف سر بلاول ۾ ڪئي آهي پر ٻين سرن ۾ بہ ڄام ملي ٿي.

## ڄام جکرو ڳهڙ راءِ:

هن سُر جو مشهور ڪردار ڄام جکرو ڳهڙ راءِ پڻ آهي، هي ڄام لاکيار جي اولاد مان هو ۽ پاتار بندر جو رهاڪو هو (١٧) هن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شـهـر ۾ هڪ گنگا جو وهڪـرو پڻ وهندو هو. (١٨) هن کي شــاهہ سائين ڪيس هن طرح ياد ڪيو آهي:

پيهي پن پاتارم ، جت گهڙ گنگا جر راءِ،
چڙهي ميلا هن هند جا، تي جکري پاسي جاءِ،
اوڏو تي الله کي، ڪاج تـنـهنجو ڪاءُ.
سک نہ ايندئي ساءِ، ويل ويندئي نڪري. (١٩)

گنگاجر جکري ڄام جو لقب هو، ان کي گهڙ راءِ پڻ سـڏيندا هئا. هن کي پوئين دؤر جي مشهور شاعر صوفي صديق فقير ڄام راهو سان گڏ هن طرح ڳايو آهي:

گنگا جر جي گام ۾، جي پهتا پري پير،
تن کي سـدا گونرن گير، تي راهو رات بخشيا. (٢٠)

ٻي هنڌ وري جکري کي شاهہ سائين هن طرح ڳايو آهي:

ڪري آس اپار، پاريءَ جهليو نہ رهي،
ٻيلي ۽ گرنار، آئو گـنـگاجر جکرو. (٢١)

## ابڙو اگهام:

جيـتـري قـدر سخين جي ڳالهہ ڪبي تہ ان ۾ ابڙو اگـهـام پڻ نمايان نظر ايندو. ابڙو اگـهـام پارڪر واري خطي تي راڄ ڪندو هو. سمات قوم جي ڏلَ شاخ مان هو ۽ مشهور ڏاتار تي گذريو آهي. ابڙو پنهنجن سوالين کي هڪ پل بہ نہ وساريندو هو. ۽ پرجهلو هوندو هو. جنهن ڪري شاهہ سائين ڪيس هن طرح ياد ڪيو آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابڙو اڳهامن ۾، پرجهلو پاري،
سمي سوالين کي، ويلهه وساري،
منهه مني جکرو، لقائن تاري،
پچي سي پاري، عاجز اجورن ۾. (٢٢)

ابڙي اڳهام جو ذڪر سپڙ هيلي ڏٺي سان پڻ ٿيل آهي جيئن پٺاڻي صاحب فرمائي ٿو:

ابڙو اڳهامن ۾، سپڙ جئن هيلي.

## ڄام راهو :

هن سُر ۾ سخين ۽ ڏاتارن جا ڪيترائي نالا اچن ٿا جن ۾ ڄام راهو به مشهور سخي ۽ ڏاتار ٿي گذريو آهي. ڄام راهو بدين ضلعي جي پڇيهل درياهه جي ڪپ تي راڄ ڪندو هو. (٣٢) هن کي شاهه سائين سخاوت جو اهڙو اهڃاڻ سڏيو آهي. جنهن جي سخاوت جا هزارين واهه ٿي وهيا. هن جي سخاوت جي تعريف ڪندي پٺ ڏٺي فرمائي ٿو:

اُڏميو اوڙاهه، سهسين وهن واهڙا،
سمي سُرو چڪايو، پئي شاهه گدا،
راهو جي رهاڻ ۾، نه ڪو ڏپ نه ڏاءُ،
هو ٿياٽي هٿاءُ، وڙ به وڃن واسيا. (٢۴)

ڄام راهو جيئن نه ڄادم جکري جي اولاد مان هو، انهيءَ ڪري پٺ ڏٺي ڪيس ڄادم جکري جهڙو ڪري ليکيو آهي ۽ فرمائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو:

راهو جا رهيام، سنيها سرير ۾،
پيا در وسريام، راهو رهيم روح ۾. (٢٥)

## چام ڪرن:

سُر بلاول ۾ پيٽ ڏٽي ٻين سخين ۽ ڏاتارن سان گڏ چام ڪرن جو به ذڪر ڪيو آهي. جاگرافيائي لحاظ کان چام ڪرن جي راڄڌاني حي علائقي ۾ هن وقت تعلقي عمر ڪوٽ کان اولهه طرف ديهه ڪرنا ۽ ديهه ڪرنا ڀيلو ۾ٿ اچي وڃن ٿا. ان ڪانسواءِ درڪ واهه جي موري، جيڪو ٿرواهه آهي، تنهن جي موري به "ڪرنا موري" نالي سان مشهور آهي. ان ڪانسواءِ چام ڪرن جو ذڪر ٻين سُرن ۾ ٻڻ ملي ٿو. جڏهن چام ڪرن جي هاڪ پوري ملڪ ۾ پکڙجي وئي ۽ مشهور ڏاتار ٿيو ۽ مڱتن سندن امتحان ورتو ۽ ڪين اطمينان ٿي ويو ته چام ڪرن برابر سخي ڏاتار آهي ته پوءِ ڪين هر هنڌ اها ڳالهه مچٽي ۽ ڪرٽي پيئي. حضرت پيٽ ڏٽي مڱڻهارن جي انهيءَ فيصلي کي هيٺئين طرح بيان ڪيو آهي:

اکين سوئي اوڙکيو، جو ڪنين سوم ڪرن،
ماءُ منهنجو من، چام پسندي پتيو. ( ٢٦)

## وڳنڊ واٽيو:

سُر بلاول حي تاريخي جائزي ونڻ سان اسان کي معلوم ٿئي ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ سخين. ڏاتارن ۽ بهادرن ڪانسواءِ، ڪوتڙي جو هڪ رهاڪو وڳند واڻيو پڻ نمايان ڪردار آهي. سندس تعريف ۾ شاهہ سائين هن طرح ڳايو آهي :

وڳند وري آئيو، ڪوتڙيان ڪلاتَ،
سندو ڪرڙڪاٽ، هڻ نرڳي ڪي نڪتين. (٢٧)

هي درويش جسم ۾ جڏو هو، پر ڪائڻ جو بنهہ تيز هوندو هو. هن کي اسُر سان ئي اڃي ٻَک ورائيندي هئي، جنهن ڪري شاهہ سائين هن کي پيٽر پڻ سڏيو آهي. شاهہ سائين هن سان تمام گهٽي مذاق ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پاندو بہ چوندو هوس. هن کي گهر ۾ جوٽس ڪڏهن ڪڏهن مار بہ ڏيندي هئي، ان ڪري شاهہ سائين ان جي ثابتي ڏي ٿو:

وڳند وري آئيو، پينارنئون پوءِ،
محڪم لڳس موچڙا، ذرو نہ ڏنس جوءِ،
وينو ائين چوءِ، تہ پيران پاسي نہ ٿيان. (٢٨)

## حوالا

(١) هي حوالو سنڌ ۾ مشهور آهي ۽ سنڌي ٽئين ڪلاس جي سبق" دودو چنيسر" ۾ پڻ آيل آهي.
(٢) دادا سنڌي؛ "سومرن جي دؤر جا سؤرما"، ص ٦٩ سال ١٩٨٩ع سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد.
(٣) محمد عثمان ڏيپلائي؛ "شاهہ جو رسالو" سال ١٩٦٣ع ص ٣٧٧- شيخ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلام علي اينڊ سنز، حيدرآباد.

(۴) ايضا ص ۴۷۶، ۴۷۷.

(۵) ايضا ص ۴۷۶

(٦) ايضا ص ۴۷۶

(۷) ايضا ص ۴۷۵

(۸) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "سومرن جو دؤر." سال ۱۹۸۰ع ص ۷۳. سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.

(۹) عـلامہ آءِ آءِ قاضي: "شاهہ جو رسالو"۔ سال ۱۹۸٦ع دفعو ٻيو ص ۲۴۹ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.

(۱۰) ايضا ص ۲۴٦

(۱۱) ايضا ص ۲۴۹

(۱۲) ايضا ص ۲۴۸

(۱۳) ايضا ص ۲۴۸

(۱۴) ايضا ص ۲۴۸

(۱۵) ايضا ص ۲۵۱

(۱٦) ايضا ص ۲۴۲

(۱۷) هي جملو مون ڪنهن رسالي ۾ پڙهيو آهي حوالو ياد نہ اٿم.

(۱۸) قربان علي ميمڻ: "فڪر لطيف" ص ۱۸۰ سال ۱۸۹۱ع، تنظيم فڪرو نظر سنڌ سکر

(۱۹) ڪلياڻ آڏواڻي: " شاهہ جو رسالو "۔ ص ۴۷۳ سال ۱۹۷۸ع ڇاپو ٻهريون سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت حيدرآباد

(۲۰) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: راڳنامو۔ ص ۲۱۸ سال ۱۹۸۱ دفعو ٻهريون، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، حيدرآباد.

(۲۱) ڪلياڻ آڏواڻي: شاهہ جو رسالو۔ سال ۱۹۷۸ ص ۴۷۳ سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد.

(۲۲) ايضا ص ۴۷۰

(۲۳) سومار شيخ: " لطيف سائين جا لاڙ تان پيرا"۔ ص ۵۰ سال ۱۹۸٦۔ تنظيم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فڪر و نظر سڪر (سنڌ)

(٢٤) ڪلياڻ آڏواڻي: "شاھ جو رسالو" - سال ١٩٧٨ ص ٤٧٥، سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد.

(٢٥) ايضاً ص ٤٧٢

(٢٦) ايضاً ص ٤٧٥

(٢٧) ايضاً ص ٤٧٧

(٢٨) ايضاً ص ٤٧٦



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رقيہ غلام البني شاھاڻي (ننون ديرو)

# سر بلاول جا تاريخي ڪردار ۽ واقعا

شاھہ عبداللطيف ڀٽائي جي زندگي ۽ ڪلام تي نظر وجھڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ھن صاحب سير وسياحت ڪري، مشاھدا ماڻي، ذاتي تجربن کي پنھنجي شاعري جو موضوع بڻايو، جنھن ڪري سندس ڪلام ۾ سنڌ جي تاريخ، جاگرافي ۽ ثقافت سان گڏ واقع نگاريءَ مشاھده نگاري ۽ جا مثال ڀرپور انداز ۾ نمايان نظر اچن ٿا. شاھہ جي نقادن ۽ شارحن سندس ڪلام کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو آھي: (١) سندس عاشقانہ يا دعائيہ ڪلام (٢) اھو ڪلام جنھن ۾ سنڌ جي زندگيءَ جو پس منظر بيان ٿيل آھي ۽ (٣) لوڪ داستانن تي مشتمل ڪلام. شاھہ جو ڪلام جنھنکي" شاھہ جو رسالو" سڏيو وڃي ٿو، سو ٣٠ سُرن ۾ ورھايل آھي ۽ ھر ھڪ سُر تي مضمون جي مناسبت سان جدا جدا نالا ڏنل آھن. شاھہ صاحب جي زندگيءَ وارو زمانو سنہ ١٦٩٠ع کان شروع ٿي سنہ ١٧٥٢ع تي پورو ٿئي ٿو.

شاھہ لطيف سنڌ ۾ ڪلھوڙن جو دور حڪومت تہ پنھنجي اکين سان ڏٺو مگر سومرن ۽ سمن جي حڪومت جي مختلف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪايتن ۽ واقعن بابت احوال سير وسياحت دوران روايتن جي انداز ۾ روپ ۾ جدا جدا علائقن ۾ مختلف ماڻهن کان ٻڌو هوندو. سومرن جي دور حڪومت جي هڪ مشهور رزميہ حڪايت، جنهنکي "ڪُوپائي ڪتا"، "جنگ ڪيڏارو" يا "جُنگ نامو" سڏ جي ٿو، سا آهي " دودي - چنيسر جي ڳالهہ" جيڪا شاهہ صاحب جي زماني کان اٽڪل پنج سوَ سال اڳ کان سيني، بہ سيني نثر توڙي نظم ۾ منگتن، پانن ۽ سگهڙن واتان بيان ٿيندي ۽ ڳائبي پئي آئي، تنهن جي شاهہ صاحب کي پوري پوري ڄاڻ معلوم ٿئي ٿي. انهيءَ ڳالهہ ۾ علاءالدين بادشاهہ سان دودي ۽ ٻين سنڌ جي سردارن جي ٿيل جنگين جو تفصيل بيان ٿيل آهي. شاهہ صاحب بہ ساڳيءَ طرز تي رسالي ۾ "سُر ڪيڏارو" هيٺ ڪربلا جي واقعي کي جنهن رزميہ انداز ۾ بيان ڪيو آهي سو قابل تعريف آهي. ساڳئي طرح هَن سُرٻلاول ۾ سومرن واري جُنگِ ڪيڏاري جي بهادر، غيرتمند ۽ وفادار ڪردارن جي مختصر بيتن ۾ پوريءَ وضاحت سان واکاڻ ڪئي آهي ۽ انهن واقعن کي خوش اسلوبيءَ سان بيان فرمايو آهي.

دودي چنيسر جي ڳالهہ، سومرن جي دور حڪومت جي، سنڌ جي ڪونڌرن ۽ ڪوَيَن، سورمن ۽ سورهين، ڪنڌارن ۽ بهادرن جي جڳ مشهور هڪ مهاڪتا Great Epic آهي جنهنجو مقابلو دنيا جي اهڙي قسم جي ڳالهہ ڪري نہ ٿي سگهي. هي پنهنجي نوعيت جو هڪ وڏو جنگي داستان آهي جنهن جي شهرت ۽ مقبوليت لازوال آهي ۽ ايڏي وڏي عرصي گذرڻ بعد اڄ بہ اُهو پنهنجي هيئت ۽ افاديت برقرار رکيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچي ٿـو. هي سنڌ ۽ هند جي هڪ تاريخي حقـيـقت آهي ۽ ان کي ڏند ڪٿـا هرگـز چئي نـہ ٿـو سگهـجي ۽ وڏي ڳالهـہ اها آهي جو هي جنگ نامو صدين کان سيني بہ سيني هلندڙ زباني روايت جو بهترين مثال آهي. هن جو بنياد دودي سان چنيسر جو پڳ تان تڪرار آهي. پڳ حـاصل ڪرڻ لاءِ چنيسر علاءالدين بادشاهہ، جنهنکي عام طور "عالادين" چوندا آهن، تنهن وٽ دانهين ويو ۽ کيس دودي سان جنگ ڪرڻ لاءِ سنڌ تي چاڙهي آيو. جنگيون لڳيون، جن ۾ دودو چنيسر ۽ ٻيا سنڌ جا ڪوُپا ڪنڌار وڙهندي مارجي ويا ۽ غيرت جوا لافاني مثال ڇڏي ويا. انهيءَ مـختـصـر تاريخي پس منظر بيان ڪرڻ بعـد اسان رسـالي جي سُر بلاول جا تاريخي ڪردار ۽ واقع" بيان ڪريون ٿا جيڪو هن مقالي جو عنوان آهي.

## ابڑو سمون:

هيءُ وڏو ڪوپو، ڪنڌار ۽ سورهيہ سپوٽ ٿي گذريو آهي. جدا جدا روايتن موجب سندس ماڳ مڪان، سرداري ۽ حڪومت واري حد جو مرڪزي حصو ڪڇ جو اهو علائقو هو جنهنکي هن وقت "ابڑا سيويا" "گـرڙيو ابڑاسيو" سڏجي ٿو. اهو " ٻني" واري علائقي کـان اولهہ طرف ۽ عربي سمنڊ جي اوبـر طرف ڪناري سان لڳو لڳ آهي، انهيءَ ڪري ئي ابڙيَ جي نالي پٺيان انکي "انکي ابڑا سيو" سڏيو ويو آهي.

ڪن روايتن مـوجب ابڙي کي" هالار ڏٺي" بہ چيـو ويو آهي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس سرداري هالار جي علائقي ۾ ڄاڻائي وئي آهي. شاهه صاحب، پڻ ابڙي کي هالارڌڻي سڏيندي فرمائي ٿو:

جو ڄُليون پسي نہ ڄَڪِيو، تنهن واڪاٽيو وِڪَ
لَڌي ڪين لطيف چئي، لَڪن اڳيان لِڪَ
پيرِ نہ موڙي پانهنجو، تِڪيءَ پئي تِڪَ
سَريٽن ڌي سِڪَ، هُڪَل سين " هالار ڌڻي. "

هن مٿير مڙس جي بهادري ۽ دوستي نڀائڻ جي ساراهه ملڪين مشهور هئي. دودي ۽ چنيسر جي پڳ تان ويڙهه ٿي، انهي جي نتيجي ۾ چنيسر جي چوڻ تي عالادين ڪاهي آيو. ڇتيون لڙايون لڳيون جن ۾ دودو ۽ سندس رشتيدار ۽ پيا سردار مارجي ويا ۽ ڪوٽ ۾ وچي عورتون بچيون. تڏهن اهي پنهنجي عزت ۽ عظمت بچائڻ خاطر ڪوٽ مان نڪري دودي جي دوست ابڙي سمي ڏانهن سام پوڻ لاءِ روانيون ٿيون. جڏهن ابڙي کي اهو معلوم ٿيو تڏهن پاڻ بہ ڪهي اچي انهن سان مليو ۽ سيني کي سام ڪري پاڻ وٽ رهايائين. اها خبر جڏهن عالادين کي پئي تڏهن ابڙي ڏانهن عورتن واپس ڪرڻ لاءِ حڪم ڪيائين جيڪو ابڙي نہ مڃيو ۽ ظاهر ڪيائين تہ سامون مڙس ڪڏي نہ ڏيندا آهن. آخر ابڙي جنگ قبول ڪئي مگر سامون پاڻ وٽ جهليائين. آخر لڙائي لڳي. ابڙي سمي بهادريءَ سان وڙهندي سامن مٿان پنهنجو سر ڏيئي پاڻ کي امرَ ڪري ڇڏيو. سندس اڄ تائين نالو پيو ڳائجي. ابڙي جو ڌڙ هڪ وڏيءَ پٽ تي دفن ڪيو ويو جيڪا "ابڙي واري پٽ" سڏجي ٿي. شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ڪيس "پٽ ڌڻي"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سڏيو آهي. سندس تعريف ۾ فرمائي ٿو:

اَبڙو آڳاهَنِ ۾، سَيَرُ جيئن پيلي
سي پَٽِ ڪنهن نہ پورِيا، جي ٿو پَڙ پيلي
سَڄڻَ سانوڻَ مينهنَ جيئن، رُجون ٿو ريلي،
اَڄنِ جي ويلي، تِنِ بور بخشي "پٽ ڏٽي".

متي ڪيل ذڪر موجب ابڙي جي سرداري ڪڇ ۾ هجڻ ڪري ڪن روايتن موجب ڪيس "ڪڇ ڏٽي" جي لقب سان بہ ياد ڪيو ويو آهي. شاھ سائين جن خود سندس وڙن جي واکاڻ ڪندي چيو آهي:

"اَبـڙو وَڏَ وَڙو، سَمون سُونَهن سَپِنِ
تَنهنِ دَرِ سَيَ اَڄنِ، ڪَندُ نہ ڪَڍي "ڪڇ ڏٽي."

شـاھ صـاحب ابڙي جي تعـريف ۾ وڌيڪ چئي ٿـو تہ اوڪيءَ ويل ٻين سـردارن سـاھ پيل سـومـريون ڪـڍي ڇڏيون. پاڻ جهلڻ جي جرئت ڪانہ ڪئي پر ڏونگر راءِ (حبل ڏٽي)

سمي سردار هرگز نہ ڏنيون:

"ٻيَنِ مِڙنِي ڏِنيون، ڏِئي نہ ڏونگرَ راءِ
اَڻ ڏِنِيِنَ آڏو قِري، ڏِنيُون ڏِئي ڪٿاءِ؟
لورِيُون لَکَ مَتاءِ، اَنَ مَتيري موٽائيون.

شاھ سائين سندس سخاوت لاءِ فرمائي ٿو:

"سَمَا! تو سِرِ ڇَٽَ . ناتَ پَاڳَارا پُرسَ ٻيا،
ڳهڻ! تنهن جي ڳِجَڙي، اَچي جالَ جڳَٽ،
جِنِ جيهَا ئي پَٽَ، تِنِ تيهَائي ٻِڪيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابڙي سمي جي وقت ۾ ٻيا به ابڙا سردار ڪڇ جي ٻين وارن علائقن ۾ موجود هئا پر ابڙو سمون سيني جو سردار پڳدار هو. سومرين سامن تان سر قربان ڪرڻ بعد ملڪ سندس پائرن ۾ مهڙ ڇام هٿ ڪيو.

## ڄادم ڄکرو

ڄادم ڄکرو ڪڇ جي علائقي جو وڏو سردار هو ۽ بهادريءَ ۽ سخاوت ۾ جڳ مشهور حاتم ثاني هو. ابڙي سمي سان سندس گهاٽا دوستانه تعلقات هئا جڏهن ابڙو سمو جنگ ۾ مارجي ويو تڏهن سندس پاءُ پيلي ڄام ۽ ان جي پٽ سپتر ۽ ابڙي جي پٽ ممٿ عالادين جي لشڪر سان جنگ جوٽي جنهن ۾ ڄکرو ڄاڙيجاڻي به شامل هو. جڏهن سامون ابڙي وٽ هيون تڏهن سندس سڀ عزيز ڄکرن ڄاڙيجن سميت سندس همراهه ۽ ساٿي ٿي رهيا، پر جڏهن ابڙي آخري جنگ ڪئي ۽ مارجي ويو تڏهن سامن کي ڄکري جي حوالي ڪيو ويو. ابڙي سمي جي پڄاڻيءَ بعد سلطان عالادين سمجهيو ته هاڻي باقي ٻيو ڪو به سائس مقابلي ڪرڻ جهڙو ڪونهي تڏهن سومرين سامن جي هٿ ڪرڻ جو خيال ڪيائين. جڏهن اوچتو ڄکري جنگ جو اعلان ڪيو تڏهن عالادين وڏيءَ ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويو ڇو ته سندس لشڪر جو سمورو ڪاڌ خوراڪ جو سامان ختم ٿي ويو هو. اِن ڪري ڄکري ڏانهن صلح لاءِ ڇوَرايو. ٻيءَ صورت ۾ مهلت گهريائين ۽ ڪيس لشڪر جي خوراڪ ختم ٿي وڃڻ جو بهانو ڪري موڪليائين. ڄکري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صلح ۽ مصلحت، ڪان صاف جواب ڏنس پر پنهنجي روايتي سخاوت ۽ مهمان نوازي ڏيکاريندي ڪيس سموري لشڪر جي ڪاڌ خوراڪ جي ذميواري پاڻ کنيائين مگر جنگ جاري رکيائين. اهڙي طرح رات جو مهمان نوازي ۽ ڏينهن جو لڙايون لڙيا عالادين جو لشڪر ماري کٽايائين. عالادين وٽ فقط ٨ ماڻهو وڃي بچيا ته جکرو به جان ڏئي سُرهو ٿيو.

شاهه صاحب سرُ بلاول ۾ جادم جکري جي سورهيائي ۽ سخاوت جي ساراهه ۾ گهڻئي بيت چيا آهن، جيئن ته:

جکِرو جوڙيِ پاڻ ڏٺيءَ پيدا ڪيو،
ڪيهرَ جئين ڪرُ ڪٽِي ، مُچون مَلهه ُ موڙي،
سمُوندَ جيئنَ سيرَ ڪيو ٿو پار جيئن پوڙي،
گهوٽ چڙهيو گهوڙي - پيچِنِ لائي پيچرا.

----

هتان جادَمَ جکري ، وِٺي وچَ مَ پوءِ
پِي پِي سوپِرِ ٿيو ، جو حاتم پاسي هوءِ
ڪيفِ ڏاران ڪوءِ ، جِئي ڪومَ جهانَ ۾.

----

ڪوهُ نه جهارئين جکرو - جَنهن ڏيههَ ڏيا ڏيئي؟
جي ”لَڏيا ٿي لينگهُنِ ۾“ شالنِ ۾ سيئي
سَمي سَيِيئي ، طا ماعُو تارڪَيا.

----



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتان جَادَمَ جکري، وِٺي پوءِ مَ وِچَ
"اَچو! آيَا نچ !". سَمَي وَاِئي واتَ ۾.

مستين بيتن ۾ شاهه صاحب جادم جکري جي بهادريءَ ۽ سخاوت بابت فرمائي ٿو ته جکرو کيهر ( ٻيلائي) شينهن جهڙو ٻيڪي دار هو. هو سخا جو سمنڊ هو. جيڪي سوالي آيس ٿي انهن سيني کي گنج ڏيئي ٿي ڇڏيائين ۽ اڻ سونهن کي ڏڳ لائڻ پنهنجو فرض ٿي سمجهيائين. لِيڙن پاتل ڪپڙن وارن مسڪين کي شالون ڍڪائي ڇڏيائين. مطلب ته سيني سوالين کي ڏوَ ڏيئي ڇڏيائين. سندس در تان ڪوبه سوالي خالي هٿين ڪڏهن نه موٽيو. اهڙو هو جکرو جوان سخاوت جو سردار!

## علاءالدين

دودي چنيسر جي وچ ۾ ڀڳ تان تڪرار ٿيو آخر چنيسر علاءالدين بادشاهه وٽ ڀڳ ۽ تخت واپس وٺي ڏيارڻ لاءِ فريادي ويو عالادين وڏي لشڪر سان دودي تي چڙهائي جي ملڪ جي گادي روپاه ويجهو منزل انداز ٿيو ڪيتريون لڙايون لڳيون. دودو ۽ سندس وفادار مٽ ۽ ساٿي وڏيءَ بهادريءَ سان وڙهيا. آخر دودو مارجي ويو چنيسر ڇَٽَ تي ويو اهڙيءَ طرح سومرن جي سلطنت جو خاتمو ٿيو دودي سومره جي سومرين راڻين جي سَامَ ابڙي سمي جهلي جنهنجي نتيجي ۾ ابڙي جي جنگ عالادين سان ٿي جنهن ۾ بهادريءَ سان وڙهندي ابڙو مارجي ويو ۽ اهي سامون سردار جادم جکري جهليون جنهن جون ڀڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سلطان عالاالدين سان لڙايون ٿيون. شاهه صاحب سُر بلاول ۾ هڪ بيت ۾ علاؤالدين بابت چيو آهي:

عَلاوَالدينَ آئيو ، ڪـٽـي چَلَ چڱيرَ
ڪَنهن ڪِينَ هَمَتيو، ڪانَ جهليندو ڪير؟
سُومِريَنِ سَامَ ڪنِئي، اَبڙي ڪَيو اُنَ پيرَ
هو مُهَانِئين ميرُ، پَرَمَستوراتِنِ ماريو.

جنهن جو مطلب آهي تہ "ڇـٽ ڏٽي" عالاالدين لشڪر وٺي آيو جنهن سـان سـامـهـون ڪان ۽ تراريون جهلڻ جي ڪنهن کي همت ڪانہ ٿيندي. ابڙو سمو جُنگ سردار هو جنهن سومرين جي سَامَ جهلي ۽ جنگ ڪرڻ لاءِ اُٺ تي چڙهي بهـادريءَ سـان لڙيو ۽ سَامَ جهليل ننگن جي بچاءَ ڪندي سر ڏنائين.

## راهو

شاهہ سائينءَ سر بلاول ۾ هڪ بيت راهو ابڙي بابت چيو آهي. فرمائي ٿو :

تَڙتَڙِ ڪيمَ تَرَسُ، سَرُ نِهارِجِ سَيَـرِو
ڏيندءِ لَڪَ لَطيف چئي، راجُ راهوءَ جي رَسُ
وِلَهاَ جنهن وَنِهيا ڪَيا، پاڳَ تُنهنجي پَسُ
ڪَوڙين لاهي ڪَسُ، جي ڳالهائي ڳاٽَ ڪي.

هن بيت ۾ لطيف سائين واتهڙو غريب مسافر کي مشورو ٿو ڏئي تہ اڄ ۽ پياس لاهڻ لاءِ هر هڪ تَڙَ تي ترسي ويهي وقت نہ وڃاءِ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ڪنهن وڏي تلاءَ يا چشمي جي تلاش ڪر. جيڪڏهن سخا جي سرتاج راهوءَ جي راڄ يا جوءِ ۾ رسندي ته سيئي سڪ پسندين. هو توکي ڏسندي ئي لڪَ ڏئي ڇڏيندو. انهيءَ مڙس جي پڳ يا ڇَٽَ جو وجي ديدار ڪر جنهن مڙس سڄڻ کي سائو ڪري ڇڏيو آهي. تون ڪيڏو نه ڏکايل هوندين پر جي هو ڪنڌ مٿي ڪري مخاطب ٿي ڳالهائيندو ته بي انداز ماڻهن جا غم ۽ ڏلين جي ميراڻ هڪدم ميسارجي ويندي. اهو راهو جنهن جي لطيف هيتري ساراهه ۽ صفت ڪئي آهي تنهن لاءِ جدا جدا روايتون ملن ٿيون.

هڪ راهو پٽ انڙ جو هو ۽ انڙ پٽ پانيپٽي جو. سمن جي نسب نامي جي هڪ روايت موجب "رامڏئيا" سما آهن ۽ راهوءَ جي اولاد مان آهن: چون ٿا ته "رامڏئي سمي" جو نالو پڻ ابڙو هو. ٻي روايت آهي ته ڪڇ ۾ سمن جي نسب نامي موجب انهيءَ ابڙي جي پيڙهي هن طرح ڄاڻايل آهي: ابڙو پٽ راهو پٽ اُڏو پٽ اوڍار پٽ لوتيار. بهرحال راهو ڪڇ ملڪ جي هڪ حصي جو برجستو سردار ۽ سخاوت جو سرتاج هو. جنهن جي واڪاڻ لاڪيٽي لطيف اهڙي پيرايي ۾ ڪئي آهي.

## وڳنڌ فقير

وڳنڌ جنهن کي عام طور وَرُو فقير سڏيندا هئا سو ڳوٺ ڪوٽڙيءَ جو رهندڙ هو ۽ شاهه صاحب جي فقيرن مان هڪ هو. سر بلاول جو آخري داستان سڄو سارو وڳنڌ بابت بيتن تي مشتمل آهي. انهن جي مطالعي مان پوري طرح معلوم ٿئي ٿو ته شاهه سائين جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڳند سان پوري پوري محبت هئي. هو هڪ سادو سودو حليم طبع فقير هو. معلوم ٿئي ٿو ته شاهه صاحب ساڻس مذاق (چرچا) ڪري دل وندرائيندو هو. هڪ هنڌ فرمائي ٿو ته:

وڳند وري آئيو ، پينارنيئون پوءِ
مَحڪَمُ لڳس موچڙا ، ذرو نه ڏنس جوءِ
وينو ائين چوءِ، ته پيران پاسي ٿيان.

بيتن مان معلوم ٿئي ٿو ته وڳند گندين عادتن وارو، جسم جو اپرو ۽ پيٽ جو پوڄاري هوندو هو. سندس گهر واري کيس ڪجهه به نه ڏيندي هئي ۽ در تي بيهڻ به ڪونه ڏيندي هيس. انهيءَ ڪري ويلي وقت وڳند شاهه صاحب وٽ حاضر اچي ٿيندو هو. اهڙي گدلي ۽ غليظ کي شاهه سائين جي صحبت گلابي ۽ سڳنڌ ڪري ڇڏيو:

اَسُور سندي آسري وينو آه وڳند
هڏ نه ڇڏيندو هنڌ، آيس بوءِ بهار جي."

----

وڳند وري آئيو - نسِورو ئي نَرڳُ
گندا گلابي ڪري - سيد جو سَرڳُ
عطر سين اورڳُ ، ته هئين سدائين سُرهو.

حوالا : -

(١) سومرن جو دؤر: ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
(٢) شاهه جو رسالو: ڪلياڻ آڏواڻي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر بلاول جا تاريخي ڪردار ۽ واقعا

هن سر ۾ تاريخي ڪردار آهن، جن ۾ ڪجهہ مشهور ڪردار آهن جن کي سخين ۽ بهادرن ۾ ڳڻيو ويو آهي. ڪجهہ ڪردار اهڙا آهن جن کي اسين ڳڻيون ٿا. اهي هن طرح آهن:

### (١) الابندي:

الابندي يا الادين غير ملڪي سورمو آهي. اسين ان کي انهي ڪري ٿا ڳڻيون جو هو هتي جي ماڻهن سان وڙهيو هو. سندس ڪردار اهو هو تہ ڪنهن جي چوڻ تي هن ملڪ تي ڪاهي آيو هو. ڪيس فوج مارائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ حاصل نہ ٿيو.

### (٢) حاتم طائي:

حاتم طائي نوفل جي دور جو عرب سخي هو. سندس سخاوت جي ڪري هن ملڪ تائين نالو پهتل هو. هن کي هتي جا ماڻهو سخي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سپوت تصور ڪندا هئا ۽ شاهه صاحب به ڪيس پنهنجي شاعري ۾ ڳايو ۽ ڳڻيو آهي.

## (٣) وڳند فقير:

وڳند فقير شاهه صاحب جي گهرو فقيرن مان هو. ۽ پيتوڙي هو جنهن جي ڪري شاهه صاحب هن کي هن سر جي بيتن ۾ ڳايو ۽ ڳڻيو آهي.

هن ڪانپوءِ تاريخ جا اهي اهم ڪردار ايندا جي سخي ۽ بهادر آهن ۽ انهن جو تعارف هن ريت آهي:

## چام جکرو ڳهڙ راءِ

سنڌ جي سردارن ۾ چام جکرو آڳاتو سخي سردار ۽ ڏاتار ٿي گذريو آهي. سندس شجرو هن طرح آهي: چام جکرو ولد چام سمون ولد انڙ ولد لاکيار ولد اوڍر... لاڙ جي پاتار بندر جو رهاڪو هو جنهن کي قديم دور ۾ گنگا جو هڪڙو وهڪرو آباد ڪندو هو. (١) جنهن جا آثار اڄ به موجود آهن. ان ڪري ڪيس گنگا جر راءِ ڪوٺيندا هئا. ڪيس ميين شاهه عنايت اجهو هيئن ڳايو آهي:

پيهي پن پاتار ۾، جت گهَرُ گنگا جر راءِ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڙ ميلا من منڊ جا، تون جکري پاسي جاءِ،
اوڏو تي عنات چئي، ڳاڇ تنهين ڳاءِ،
سکن ايندوءِ ساءُ، ويندي ويلهه وسري. (١)

(١ ـ ٢)

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو ته:

پيهي پن پاتار ۾، جت ڳهرَ گنگا جر جام،
شڪتن، سيد چئي، ترت ڪارا ٿي طعام،
جه واسريو وريام، ته ريليندو رونتن ڪي. (٢)

(١ ـ ٤)

جام جکري جو هڪ طرف گنگا جر راءِ لقب هو ته ٻئي طرف ان کي ڳهڙ راءِ پڻ سڏيندا هئا. ان ڪري شاهه صاحب توڙي شاهه عنايت کيس ڳهڙ راءِ پڻ ڪوٺيو آهي. جيئن ته :

سما! تو سر چٿ، نا ته پاڳارا پرس پيا،
ڳهڻ تنهنجي ڳيچڙي، اچي جال جڳت،
جن جيهائي پٿ، تن تيهائي بکيا. (٣)

(١ ـ ٤)

ميون شاهه عنايت سندس تعريف ۾ اجهو هيئن فرمائي ٿو ته:

ڪاڇي جو نر ڪيسري، ابڙو چئي تو اينءِ،

سمون سانوڻ مينهن جيئن، رات وسي ۽ ڏينهن،
جيئن گهرجي جن کي، تن ڏياري تيئن،
ڏاتر سچي ڏيهه ۾، تون قرض ڪڍين ڪيئن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچ گنگا جر سيئن، تہ ستي ٿئين، سيد چئي. (۴)

(۱ ـ ۸)

سخي جکرو عرف گنگا جر راءِ اهڙو تہ سخي نيڪ مرد هو جو ان جو پڌڻ سان سدائين سوالين کي آسرو ٿي ويندو هو تہ سندن مراد جلد پوري ٿيندي. انهيءَ ڪري ميين شاهہ عنايت سندس تعريف ۾ اجهو هئين فرمايو آهي تہ:

اکين پنون نيهن، جن گنگا جر گڏيو،
سکيو ٿي سُرڪ کي، ڪال سچوئي ڏينهن،
سندو موتين مينهن، تن تي جال وسايو جکري. (۵)

(۱ ـ ٦)

جکري ۽ سندس شهر پاتار جو نالو لازم ملزوم هئا. جتي جکري جو نالو ايندو هو تہ اُتي پاتار جو بہ تصور سامهون اچي ويندو هو. ان ڪري مينن شاهہ عنايت هن طرح ساراهہ ڪئي آهي:

پيهي پن پاتار ۾، جت ڳهڙ گنگا جر گل،
هيلا چڏ هن هنڌ جا، پورا هڏمَ پل،
پاٽوندر بينو ڏئي، پري ماٽڪ مل،
سُور تنهين سان سل، ايءُ ڏاتار ئي ڏڏن جو. (٦)

شاهہ شريف رضوي پڻ جکري ڳهڙ راءِ جي تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي ۽ فرمائي ٿو:

گنگا جر ڏونهن گس، ڪوڙين لايا ڪيترا،
طامائن تِتِ ٿئي، ويندي وڏي وس،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڻ جي ڏاتار ڪي، چارئي پهر چس،
ڪنئن لنتا ڪس، سخاساڻ شريف چئي. (٧)
(١ ـ ٨، الف)

جکري گنگا جر راءِ جي حڪومت جي حد سنڌ ڪان ٻرڙي ٻيٽ تائين هئي ۽ سندس سخاوت جو مينهن پاتار ڪان ٻرڙي تائين جاري هو. ميين شاهہ عنايت سندس تعريف ۾ فرمايو آهي: ـ

جي آڻ ستي آهين، تہ ڏڻ اُتان ئي ڏار،
پاتوندر پاتار ۾، جاءِ جکري جُهار،
ٻرڙي ٻيٽ ڪنڌار، وجي لهريون لڳيون. (٨)
(١ ـ ٧)

انهيءَ دؤر ۾ سنڌ اندر ڪوبہ سخي يا ڏاتار جکري گنگا جر راءِ جي مقابلي جو ڪونہ هو. سندس تعريف حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي هيئن ڪئي آهي:

ڪوهُ نہ جهارين جکرو، جنهن ڏيهہ ڏَيا ڏيئي،
جي لڏيا تئي لينگمن ۾، سالن ۾ سيئي،
سمي سييئي، طاماعو تارڪيا. (٩)
(٣ ـ ١٠)

مطلب تہ انهيءَ دؤر ۾ سنڌ ۽ ڪڇ جي ايراضي جو ڪوبہ سائل نہ بچيو هو، جنهن کي ڪا گهرج هجي، ۽ اها پوري نہ ٿئي هجي. مطلب تہ سمون چام جکرو گنگا جر راءِ عرف ڳهڙ راءِ پنهنجي دور جو مثالي سخي ۽ ڏاتار هو، جيڪو ان وقت ڪان وٺي موجوده



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوڙ تائين ڳائبو رهيو آهي. جنهن جي شاهه صاحب جهڙي عظيم شاعر تعريف ڪندي فرمايو آهي:

آءِ جکري جيهو، ٻُرس پسان ڪو نه ٻيو،
وائي جنهن جي وات ۾، ڏيو ۽ ڏيو،
وِجي چو نه ويهو، ان در مٿي مڱڻهان. (١٠)

## حوالا

١. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: ميين شاهه عنايت جو ڪلام ڇاپو پهريون سال
صفحو ١٤٩ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
٢. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: ميين شاهه عنايت جو ڪلام ڇاپو پهريون سال
صفحو ١٥٠ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
٣. غلام محمد شاهوائي: شاهه جو رسالو ڇاپو پهريون سال ١٩٥٠ صفحو ١٢٨٨ آر ايچ احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد.
٤. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: ميين شاهه عنايت جو رسالو ڇاپو پهريون سال
صفحو ١٥٠ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
٥ کان ٨ تائين ساڳيو حوالو
٩. غلام محمد شاهوائي: شاهه جو رسالو ـ نئون ايڊيشن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال ١٩٥٠ صفحو ١٢٠٣ آر ـ ايچ احمد اينڊ برادرس حيدآباد.

١٠ـ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: شاهہ جو رسالو ـ ڇاپو پهريون سال ١٩٧٧ صفحو ٤٨٤ پيٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، حيدرآباد.

# ڄام جکرو اوڍا ٽي

سنڌ جي سخين ۽ ڏاتارن ۾ ڄام جکرو اوڍاٽي پنهنجي وقت جو مشهور نالي وارو ۽ ڏاتار ٿي گذريو آهي. هي پارڪر ۽ پائور جي علائقي ۾ رهندڙ ۽ آس پاس جي ٽڪرن تي حاڪم هو. هي سمن جي ڪيهر خاندان مان مشهور سخي سردار هو. سندس ذڪر ڪنهن شاعر اجهو هن طرح ڪيو آهي.

ڪيهر پاسي ڪيترا، مڙيا مڱڻهار،
تازي تماچي چئي، ڳنڊين ڊارو ڊار،
ڏسين جي ڏاتار، جکي لاتين جکري. (١)

هن جي پيءُ اوڍي ڪيهر جي شادي پارڪر جي مشهور حسينہ هوتل پريءَ سان ٿي جيڪا قوم جي سردار جي ڌيءُ هئي. ان ڪري هي پيءُ سان گڏ ماءُ جي نالي سان پڻ سڏجڻ لڳو. ۽ اڪثر ڪري هن کي جکرو هو تياڻي سڏيندا هئا. ميين شاهہ عنايت ان لاءِ فرمايو آهي:

جنگ نہ پسين جکرو، هلي هوتياڻي،

مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ان جي ساراهہ ڪندي فرمايو آهي :



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمي ساماڻي، چنتا لٿي چارٽي،
جنهن چنا چانئي چڏيا، ڪارڻ ميهماڻي.
اهڙي اهڃاڻي، هوتل چائو جکرو. (٢)

جکرو پارڪر ۽ پائور جو حاڪم هو، پر سندس تخت گاهه پراڻ جي ويجهو هاڪڙي جي ڪناري اوپر ڪان پاتار شهر ۾ هو. جنهن جا آثار هن وقت تعلقي ڏيپلي جي ڪاڙڪ ٽپي ۾ اڃا وڃن ٿا. هي اهڙو تہ سخي هو جيڪو ڪنهن بہ سوالي کي ڪنهن بہ طرح خالي نہ ڇڏيندو هو ۽ وڻائنس سيئي تامائو تار ٿي نڪرندا هئا.

جي اڏميو اچ نہ وسندوسون پڙبين،
جال ڏئيندو جڳ، جنگ ڏئيندو جکرو. (٣)

جکري جي عارضي راڄ ڌاني يا موسمي تخت گاهه، چوتاڻ ۾ پڻ هئي ۽ هي اُتي بہ پنهنجي عادت موجب سخاوت جاري رکندو هو. انهيءَ ڪري ميين شاهہ عنايت سندس ڪُلي طرح ساراهہ ڪئي آهي:

سمن سميجن ۾، جکري جيهو نہ ڪوءِ،
سيد، سوالين کي، عاقل ائين هي چوءِ،
جيئن گهرجي جن کي، تن کي ڏيان توءِ،
جو سام سميجي هوءِ، جُکي ٿئي جهان ۾. (٤)

چوتاڻ واري علائقي ۾ جکري جا ڪيئي آثار موجود آهن جتي هن جا راهگيرن لاءِ اوطارا ۽ تکاٽا نهرايل هئا، جتي پهيڙا ترسي آرام ڪندا هئا ۽ ڪاڏو ڪائي اڳتي روانا ٿيندا هئا. سندن ساراهہ ۾ شاهہ سائين اجهو هيئن فرمايو آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاندپ سين نہ پاڙيان، سَئين پيا سردار،
آهي مثل مينهہ جي، سخي تنهنجي سار،
حاتم هزد هزار، جهڙ تنهن جي جهپيا. (٦)

----

جهڙ تنهن جي جهپيا، هزارين حاتم،
ڪو هَن سندا ڪم، ڪامل ريءَ ڪير ڪري.

مطلب تہ جکرو پنهنجي وقت جو اهڙو سخي هو جو ڪنهن بہ سائل ۽ ضرورتمند کي ڪارائڻ پيارڻ ڪانسواءِ اڳتي نہ ڇڏيندو هو. ۽ پاڻ سندن تعريف لطيف جا هينيان لفظ مشهور آهن:

هتان جادم جکري، وٽيءَ وچ مَ پوءِ،
ٻي ٻي سو ٻُر ٽئو، جو حاتم پاسي هوءِ.

لطيف سائين جکري کي جادم ڪوٺي اها وضاحت ڪئي آهي تہ هيءَ جکرو، گنگا جر يا ڪو ٻيو جکرو نہ آهي، هي اهو جکرو آهي جيڪو ڪيهر سمن مان اوڍي ۽ هوتل جو پٽ هو، جنهن لاءِ ائين بہ چيو ويو آهي:

هو ٽياٽي هتان، وڻ بہ وڃن واسيا.

هڪڙو جکرو ونگي واري ايراضيءَ ۾ هوتي نهڙي جو پٽ بہ هو جنهن کي ڪن نهڙين اهو جکرو اوڍاڻي سمجهيو آهي ۽ هنن مضمونن ۾ اهڙي دعويٰ بہ ڪئي آهي، جنهن کي هن مضمون جي منڍ ۾ آيل بہ بيت رد ڪن ٿا.

جکرو بن هوتي نهڙي، جکري اوڍاڻي کان گهٽو پوءِ ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذريو آهي ۽ ان ۾ جکري سخيءَ جا ذري پر به اهڃاڻ ڪونہ هئا.

نهڙين جي اها دعويٰ غلط آهي ۽ هو خوش فهمي ۾ آهن تہ رسالي ۾ جکري کي هوتياڻي سڏيو ويو آهي، ان ڪري اهو جکرو اوڏاڻي يا هوتياڻي اهو هو جنهن کي جادم جکرو ڪوٺيو ويو آهي، جنهن لاءِ لطيف سائين اجهو هيئن فرمايو آهي:

جکري جهيهو پرس پسان ڪو نہ پيو،
وائي جنهن جي وات ۾، ڏيو ۽ ڏيو،
وجي چو نہ وهو، ان در مٿي مڱڻان. (٨)

۽ هن وڏيڪ هيئن بہ تعريف ڪئي آهي:

سمون سوائي، پهُون پئنئان اڳرو،
دانهن جي دربار ۾، ورتي اي• وائي،
ڳهڻ ڳالهائي، مهڻ سڀ ملهايا. (٩)

## حوالا

١- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: شاهہ جو رسالو ڇاپو پهريون، سال ١٩٧٧ ص٤٨٥، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، حيدرآباد.

٢- ڪلام گرهوڙي - مختلف ڇاپا -

٣- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: شاهہ جو رسالو - ڇاپو پهريون - سال ١٩٧٧ع - ص ٤٨٩ - ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز.

٤- غلام محمد شهوائي: شاهہ جو رسالو - ڇاپو پهريون - سال ١٩٥٠ع - آر-ايڇ - احمد برادرس - حيدرآباد

٥- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: شاهہ جو رسالو - ڇاپو پهريون - سال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٩٧٧ع - ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز -

٦- علامه آء-آء قاضي: شاهه جو رسالو ڇاپو ڇپيو سال ١٩٨٦ صفحو ١٥١ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد

٧- ............ ايضا ............ صفحو ٢٤٦

٨- ............ ايضا ............ صفحو ٢٤٢

٩- ............ ايضا ............ صفحو ٢٤٨

# ابڙو اڳهام

ٿر جي پارڪر واري حصي ۾ سخاوت ۽ ڏاتارپ ڄڻ ڪاتي ۾ ڪليل هئي جتي ڪئين سخي ۽ ڏاتار پيدا ٿيا ۽ پنهنجي دؤر ۾ سخا جا دروازا کولي ڇڏيا، سائلن ۽ طاماعن جون سڀئي ضرورتون پوريون ٿينديون رهيون.

ملڪ جي اهڙن سخين ۽ ڏاتارن ۾ پارڪر جو چام ابڙو پڻ شامل آهي، جيڪو سمات قوم جي دل شاخ مان اڳهام نک جو هو. جنهن شاخ مان پيا به ڪئين سخي ۽ ڏاتار مشهور ٿيا آهن.

ابڙي اڳهام جي رهائش، پارڪر جي ”چوتاڻ“ ڀٽ ۾ هئي جيڪو هتي رهائش جي لحاظ کان بهترين علائقو هو. انهيءَ دؤر ۾ پارڪر جو ڀٽ پيدائش جي لحاظ کان مشهور هو. اوپر کان ايندڙ ندين جون شاخون هن ڀٽ کي سيراب ڪنديون رهيون ٿي، جنهن کان هر قسم جي پوک کان سواءِ جبل ۾ ايترو ته گاهه ٿيندو هو، جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچو سال سائو ۽ سرسبز رهندو هو.

ان ڪري هن پٽ جو مال سدائين متارو ۽ خوشحال رهندو هو. ۽ مالدار سدائين خوش رهندا هئا.

انهي زماني ۾ سخاوت ئي شاهوڪاريءَ جي علامت هئي. سخي ۽ ڏاتار سائلن ۽ گهرجائن، توڙي چارڻن ۽ پاڻن کي چوپايو مال ئي ڏيندا هئا، جن ۾ اٺ، گهوڙا، ڍڳيون، مينهون وغيره شامل هونديون هيون.

حضرت شاهه عبداللطيف رحه مشهور ڏاتار ڄام سپڙ جي ذڪر سان گڏ، ڄام ابڙي اگهام جي پڻ تعريف ڪئي آهي. فرمائي ٿو ته:

ابڙو اڳاهن ۾، سپڙ جئن پيلي،
سي پٽ ڪنهين نه پوريا، جي تو پڙ پيلي،
سچڻ سانوڻ مينهن جئن، رُجون ٿو ريلي،
اچن جي ويلي، تن بور بخشي پٽ ڏٽي. (١)

ڄام ابڙي جي عادت هوندي هئي، جو هو پنهنجي ايراضيءَ ۾ ۽ آس پاس جي پٽ ۾ واٽ ويندڙن ۽ مسافرن جي جاچ ڪندو هو ته انهن مان ڪو بکيو ۽ اڃيو نه رهجي وڃي. ان ڪري هن جي طرفان خاص ماڻهو مقرر هئا، جيڪي ڪاڏي جون ضروري شيون کڻي، رستن جي مکيه هنڌن تي بيٺا هوندا هئا ۽ انتظار ڪندا هئا ته ڪو مسافر ڪو واٽ ويندڙ بکيو، اڃيو ملي ته ان جي مدد ڪئي وڃي. ڄام ابڙي جي انهيءَ عادت کي نگاهه ۾ رکندي، لاڪيٽي لطيف ڪهڙو نه سٺو چيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي :

ابڙو اڳاهن ۾، پرجهلو باري،
سمي سوالين ڪي نہ، ويلهہ وساري،
منهہ مُڙي جڪرو، طامائون تاري. (٢)

شاهہ صاحب، مشهور ڏاتار ڄام سپڙ ڀيلي ڏٺي ۽ ڄام جڪري اوڍائي سان گڏ، ڄام ابڙي اڳهام جي تعريف ڪري، ڀٽ ڌڻي اجهو هيئن فرمايو آهي:

پڙ ۾ اُپيو پاڻ، ساٿيڙن سڏ ڪري،
پلي جي لاڏاڻ، سڀ لنگهندا لڪيون. (٣)

مطلب تہ ڄام ابڙو اڳهام اهڙو سخي ۽ ڏاتار هو، جنهن کي پارڪر جا ماڻهو هر وقت ياد ڪندا هئا، ان لاءِ تہ هو بہ هر وقت سندن قريب هوندو هو جيڪي غريب ۽ مسڪين ماڻهو سندس اَجهي ۾ هوندا هئا، اُنهن کي ڪوبہ اُلڪو ڪونہ هوندو هو. حضرت ڀٽ ڌڻي سندس لاءِ اجهو هيئن فرمايو آهي تہ:

سمون سخاوت جي، ويٺو پيچي پر،
ڪوٺيو ڪنگالن کي، ڏي دلاسا در،
مٿي ولهن ور، ڏيهاٽي ڏاتار جي. (٤)

## حوالا

١ علامہ آءِ ـ آءِ قاضي: شاهہ جو رسالو ڇاپو پهيو سال ١٩٨٦ صفحو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۲۴۲ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد

۲ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: شاهہ جو رسالو ڇاپو ڀهريون سال صفحو
پٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد

۳ علامہ آء ـ آء قاضي: شاهہ جو رسالو ڇاپو ٻيو صفحو ۱۴۲ سال
۱۹۸٦ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد

۴ علامہ آء ـ آء قاضي: شاهہ جو رسالو ڇاپو ٻيو سال ۱۹۸٦ صفحو
۲۵۲ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

# ڄام راهو

ڄام راهو، ساموئيءَ جي مشهور حاڪم ڄام تماچي عرف ڄام سمي جو پٽ، ڄام انڙ جو پوٽو ۽ ڄام لاکي ڳيهر راهو جو پڙ پوٽو هو. جيڪو يارهين صدي عيسويءَ جي پهرين اڌ ۾، ڏيرڪ پرڳڻي جو حاڪم هو.

هُن راڄڌاني سنڀالڻ ڪانپوءِ پنهنجي ڏاڏي ڄام انڙ وانگر سخا جا در کولي ڇڏيا. جنهن ڪري سڀني طرفن کان منگتا ۽ سائل وٽس اچڻ لڳا جن کي هو سندن سوالن پٽاندر خوش ڪندو ٿي رهيو.

اهڙي طرح هلندي، آخر سندس نالو عام سخين جي ڏاڪي کان چڙهي ڏاتارن جي لسٽ ۾ پهچي ويو. ڄام راهوءَ کي نہ رڳو ڀاٽن، ڀانن ۽ چارڻن ڳايو ۽ ڏهن ڏاتارن ۾ ڳڻيو آهي، بلڪ حضرت شاهہ عبداللطيف رحہ بہ ڪيس ياد ڪيو آهي ۽ سائس مخاطب ٿيندي، اجهو هيئن فرمائي ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راهو ٿنهنجي ريت، پرکيندين پڌري،
گهٽا گهوڙي چاڙهين، مسافر مسيت،
پڇين کانئه وڏيت، جي آياسي اگهيا. (١)

چام راهوءَ واري دور ۾ هاڪڙي ۽ پوراڻ ۾ جيتوٽيڪ اڳوٽي دور وارو پاڻي ڪونه هو، تہ بہ ايترو پاڻي هو جو ملڪ هر طرح آباد ۽ خوشحال هو ۽ ملڪ ۾ تمام گهڻي پيداوار ٿيندي هئي، جيڪا گهڻي ياڳي، محتاجن، مسڪينن ۽ اڙيالن لاءِ وقف هئي. چام راهو نہ رڳو در تي آيل محتاجن جي مدد ڪندو هو بلڪہ پنهنجا خاص ماڻهو موڪلي، رعيت جي چڱي طرح خبر چار وٺي گهرجائن ۽ ضرورتمندن جي بہ مدد ڪندو هو.

راهوءَ جي انهيءَ روش جي ڪري، ڪيترائي سائل، ڏسيون ڏوري وٽس ايندا هئا ۽ ڪشادو آن وٺي موٽندا هئا. سندس انهيءَ رعيت پروريءَ ۽ ڏاتارپ کي نگاهہ ۾ رکندي، پٽ ڌڻيءَ رحہ سائلن ۽ مڱڻن کي هن طرح صلاح ٿو ڏئي:

ڪاڇي جو نر ڪيسري، ابڙو چئي ٿو اينءَ،
تڙ تڙ ڪيم ترس سر نهارج سيرو،
ڏينديئي لک، لطيف چئي، راڄ راهوءَ جي رس،
ولها جنهن ونهيان ڪيا، ياڳ تنهنجي بس،
ڪوڙين لاهي ڪس، جو ڳالهائي ڳات ڪٽي. (٢)

مطلب تہ چام انڙ، چام سپڙ، چام وڪئي، چام لاکي قلاٽي ڪان پوءِ چام راهو اهڙو سخي ۽ ڏاتار هو جو ڪيس چام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جکري جي دور يعني پندرهين صدي عيسويءَ تائين به نهايت ادب ۽ احترام سان ياد ڪيو پئي ويو. جڏهن ته ڄام جکرو اهڙو ته جنگ جوان هو، جو سنڌس سخاوت ۽ ڏاتارپ جي ڪري اڳوڻا سڀ سخي، سردار ۽ ڏاتار ڇڻ وسري ويا هئا. يا ماڻهن جي ذهن تان لهي چڪا هئا. مگر ڄام راهو اهڙو ناليرو مرد هو جو چار صديون گذرڻ کانپوءِ به سنڌس نالو منگڻن ۽ چارڻن جي زبان تي موجود هو.

اهڙي شاهدي، حضرت شاهه عبداللطيف کان به ملي ٿي جنهن ۾ پاڻ سائل يا منگتي جي زبان ۾ فرمائي ٿو

راهوءَ جا رهيا ۾، سنيها سرير ۾،
پيا در وسريا ۾، ڏئي ڄادم جکري. (٣)

ڄام راهوءَ پنهنجي حڪومت کي اتر توڙي ڏکڻ کان اڳتي وڌايو. نارو ۽ ڪڙير پنهنجي حڪومت ۾ داخل ڪيا ۽ اولهه ۾ بدام ۽ پيا پٽ به هن جي اثر هيٺ اچي ويا.

ڄام راهوءَ کانپوءِ، سنڌس پٽ ڄام داسڙو گادي نشين ٿيو. جنهن ناري پٽ ۾ هڪ وڏو قلعو ٺهرايو جنهن جا کنڊر شادي پلي اسٽيشن جي لڳ اولهه طرف ريلوي لائين جي ڏکڻ ۾ هڪ وڏي دڙي جي شڪل ۾ موجود آهن. جنهن دڙي مان ڪيئن پراڻيون شيون لڌيون ٿيون.

ڄام راهو بعد، ڄام داسڙو اهڙو ته سپوت ساماڻو، جو ان جي وفات کانپوءِ، سنڌس اولاد سما سڏجڻ جي بدران داسڙا سڏجڻ لڳا ۽ اڄ تائين به داسڙا پيا سڏجن. داسڙن جا ڳوٺ، هن وقت به ضلعي ٺٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ موجود آهن.

## حوالا

(١) علامہ آء ـ آء قاضي: شاهہ جو رسالو ڇاپو پيو صفحو ٢٤٧ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد

(٢) ............... ايضا ............ صفحو ٢٤١

(٣) ............... ايضا ............ صفحو ٢٤٧

## ڄام ڪرن

سنڌ جي سمن مان جيڪي سخي ۽ ڏاتار مشهور ٿيا، تن ۾ "ڄام ڪرن" جو نالو بہ شامل آهي ۽ سنڌ جي وڏن شاعرن بہ سندس ذڪر ڪيو آهي.

ميون شاهہ عنايت رضوي ڪرن کي همون ٽاٽي چيو آهي جنهن مان اهو ٿو معلوم ٿئي تہ ڪرن جي وڏن مان ڪنهن جو نالو "همون" ضرور هو يا وري ڪرن جي والده جو نالو همون هو، جنهن جي پويان هي همون ٽاٽي مشهور ٿيو.

ڄام ڪرن ناري پٽ جي سونپر واري ايراضيءَ جو حاڪم هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جي راڄڌاني واري شهر جا ڪنڊر عمرڪوٽ کان اٺ ڏهہ ميل اولهہ طرف ديهہ سونپر ۾ عمر ڪوٽ - ساماري واري رستي لڳ، اوڀر طرف اڌ ميل پنڌ تي آهن جتي قديم دؤر جي هڪ بزرگ سانگي فقير پيتي جي مزار پڻ آهي. ڄام ڪرن جي شهر جي ڪنڊرن کي هن وقت پڙي جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

متواتر روايتن موجب پڙي لڳ هڪ اهڙو کوهہ هو، جيڪو هرڻ جي سڱن سان ٻڌل هو ۽ اهو کوهہ ڪلهوڙا دور تائين قتل حالت ۾ موجود هو.

انهيءَ ايراضيءَ ۾ ڪرن جي نالي سان، ديهہ ڪرنا، ديهہ ٻيلو ڪرنا ۽ ترو واهہ جي هڪ موري " موري ڪرنا" جي نالي سان مشهور ۽ موجود آهن. ڪرن جي دؤر بابت خبر ڪونہ ٿي پوي تہ اهو ڪهڙي دؤر ۾ هو، پر اهڃاڻن مان اهو ٿو معلوم ٿئي تہ ڄام ڪرن جو دؤر ڄام لاکي ڦلاڻي کانپوءِ هو جيئن هڪ چوڻي مشهور آهي تہ:

"لاکي لک بخشيا، ڪرن ڏنا ڪروڙ."

اسان جو عظيم شاعر، حضرت شاهہ عبداللطيف بہ ڄام ڪرن جي ڏاتاري ۽ سخا واري وصف کي نگاهہ ۾ رکندي فرمائي ٿو:

ڪاڇي جو نر ڪيسري، ابڙو چئي تو اينءِ،
جُہ متو مڱڻن ناهہ ڪو،تان سمي ناهي سوڙ،
ڪرن ڄام ڪروڙ، ڇتي ڦلن مٺ جيئن (١)

آڳاٽي دؤر ۾ اهو دستور هو تہ جيڪو بہ سردار ڏاتارپ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دعوي ڪندو هو تہ چارڻ، ڀاٽي، ڀان ۽ مڱڻهار ان جو امتحان وٺڻ لاءِ پهچي ويندا هئا ۽ ڏاتارن لاءِ اهو قانون تہ جنهن ڏاتار کان جيڪر ڪنهن سائل جو سوال پورو ٿي نہ سگهندو هو تہ اهو ڏاتار بنا دير جي پنهنجو سر ڏيندو هو.

جڏهن ڄام ڪرن ڏاتار مشهور ٿيو ۽ مڱڻن ان جو امتحان ورتو ۽ ڪين اطمينان ٿي ويو تہ ڄام ڪرن برابر ڏاتار آهي تہ انهن ڪي هر هنڌ اها ڳالهہ ميٺي ۽ ڪرٽي پيئي. حضرت ڀٽ ڌٽي منگٽهارن جي انهي فيصلي ڪي هيئين طرح بيان ڪيو آهي.

اکين سوئي اوڙڪئو، جو ڪنين سوم ڪرن،
ماءُ! منهنجو من، ڄام پسند يئي پٽئو. (٢).

شاهہ عبداللطيف جي هڪ وڏي همعصر شاعر، ميين شاهہ عنايت رضوي، ڄام ڪرن جي تعريف اجها هن طرح ڪئي آهي؛

آيا ڏونهہ ڪرن، هي جي ميراثي مڱڻا،
ترت لاهي تن ڪيي، ويلهن جا ورن،
مٿي ميرن راضي ٿيو، ڏان گهرن جيئن ڏن. (٣)

اهڙي طرح ميون شاهہ عنايت رضوي ڄام ڪرن جي تعريف سان گڏ طاماعن ۽ گهرجائن ڪي وري هيئن صلاح ڏوڏي تہ؛

ڪاڇي جو نر ڪيسري، ابڙو ڇئي تو اينءُ،
ڏڏ ٿي ڏان گهر، ڇڏ وڃا جو ورن،
انئي پهر عنات چئي، ايو پاڻ پرن،
ڪوڙيئين ڏيئي ڪرن، نيلون نام ڏٽين ڪي. (۴)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چام ڪرن جي تعريف ميين عنايت ۽ پٽ ڏٺي وٽ ختم ڪونہ ٿي پر اها اڳتي بہ آئي جنهن ڪري ميين عنايت جي جاءِ نشين، شاهہ شريف رضوي کي بہ چوڻو پيو تہ:

أيو چوئي ائين، پلي ڪري آئيا،
جيئن گهرجي جن کي تن ڏياري تيئن،
سخاوت "شريف" چئي، ڪئي همٿائيءِ هئين،
گهوڙا گهيتن جيئن، ڏئي موچارا مڱڻين. (۵)

ساڳئي شاعر چام ڪرن جي ڳنڀيرائپ، بردباريءَ، ڏيڍ ماٺيءَ، سخاوت ۽ ڏاهپ جي تعريف جن لفظن ۾ ڪئي آهي سا بي مثال آهي، فرمايو ٿو:ڏيڻ ڪم ڪرن جو، دان ڏئي هٽي نہ دم،

ڪاڇي جو نر ڪيسري، ابڙو چئي ٿو اينءَ،
عاقل آسائن ڪي، گوندر لاهي غم،
سخاوت، "شريف" چئي، چام ڪمائي چم،
راڄ تنهين جي دم تہ طاماعو تار ٿئين. ( ۷)

## حوالا

(۱) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ: شاهہ جو رسالو مرتب علامہ آءِ آءِ قاضي ص ـ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد

(۲) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ: شاهہ جو رسالو۔ مرتب، غلام محمد شاهوائي ص ۱۳۰۵ ايچ آر احمد برادرس حيدرآباد

(۳) ميون شاهہ عنايت رضوي ميين شاهہ عنايت جو ڪلام مرتب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ص ـ ١٥٣

(۴) ص ـ ١٥٢.

(۵) ميون شاھ عنايت رضوي، ميين شاھ عنيات جو ڪلام ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ص ـ ١٥٢

(٦) ص ـ ١٥٢

## چام اوڍر سمون

جھڙي طرح دودي سان جنگ ڪرڻ کان پھرين ڪيترن دئي قومن جا سردار علاؤالدين جي فوج سان مختلف ميدانن تي جنگ وڙھيا، پنھنجي جان ڏيئي سرھا ٿيا. اھڙي طرح ڪيترائي سوُرھيہ ڪڇ جي چام ابڙي سان علاؤالدين جي جنگ کان پھرين ميدان تي آيا. سرڏيئي سرھا بنجي ويا. اھڙن سردارن ۾ چام اوڍر پٽ اوڍو سمون مشھور آھي.

جڏھن سومرن جون سامون دودي جي مارجڻ کانپوءِ ڪڇ ڏانھن پئي ويون، ۽ اوڍير جي علائقي ۾ پھتيون تہ اوڍر اڳتي وڌي آيو ۽ انھن جي آجيان ڪندي سندن مھماني ڪيائين. ان وقت ڪيترا ئي نالي وارا سردار سومرن جي سامن کان پاسو ڪندا ھئا. اھو حال ڏسي، اوڍر جي ماءُ ڪيس منع ڪئي تہ تون سومرين جي دعوت نہ ڪر، انھن کان پاسيرو رھہ تہ متان علاؤالدين جري قھر ۾ اچي وڃين. ان تي اوڍر پنھنجي ماءُ کي ورندي ڏني تہ تو ئي مون تي اوڍر نالو رکيو آھي. جنھن جي معني آھي ھين جا سور ۽ مسئلا پاڻ تي اوڍڻ ۽ انھن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مينهن ڏيڻ، مون تي انهي نالي جو اثر پيو آهي. هاڻي آئون ان ڳالهه کان هتي نه ٿو سگهان. اوڍر جي انهي گفتگو کي ڪنهن سگهڙ اجهو هن ريت شهر جو روپ ڏنو آهي:

اوڍر اوڍي سيڪا، پر اوڍر اوڍ نه،
نالا ٻيا ڪتاه، جو اوڍر کي مون مٿي. ( ١ )

ان کان پوءِ هن سومرين جي مهماني ڪئي. سيني کي اوڍيائين. ڪين دلاسو ڏيندي چيائين ته ابڙو ته پنهنجي جاءِ تي ابڙو آهي. پر جيسين حياتي آهي تيستائين اوهان جو وار ڏنگو ٿيڻ نه ڏينديس. تنهن کانپوءِ جلد ترڪ لشڪر اچي پهتو، ان سان جنگ جو ٿيائين. قديم روايتن موجب ڄام اوڍر پٽ اوڍو علاؤالدين جي فوج سان مسلسل ڏهه ڏينهن جنگ لڙيو. يارهين ڏينهن جنگ جي ميدان ۾ سر ڏئي سرهو ٿيو.

سندس ذڪر شاهه صاحب جي ڪلام ۾ اجهو هن طرح آهي:

سمون تن سڏ ڪري، جن تي وڏو وير
اٿي ته آجي ٿيان، پائي پاڳوڙي پير
توريءَ ٻيو ڪير، سرڻن جا سوڻا سهي. ( ٢ )

اوڍر سخي به هو ، مهمان نواز به هو ۽ سورهيه ۽ سرويچ به هو. سندس انهيءَ خاصيت ۽ ڳڻن کي لطيف سائين اجهو هن طرح بيان ڪيو آهي:

تون اوڍر، تون اوڍڪو، تون اجهو تو آڳ (٣)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حوالا

١. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: سومرن جو دور. ڇاپو پهريون ١٩٨٠ صفحو ١٠٩ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
٢. غلام محمد شاهواڻي شاهه جو رسالو ڇاپو پهريون ص ١٢٨٨ آر ايڇ احمد
اينڊ برادرس، حيدرآباد
٣. غلام محمد شاهواڻي: شاهه جو رسالو ڇاپو پهريون ١٩٥٠ صفحو ١٣٠٤ آر ايڇ احمد اينڊ برادرس ـ حيدرآباد.

## ابڙو اڙٻنگ

ابڙو اڙٻنگ ڪڇ جي انهن سمن سردارن مان مشهور سورهيه سردار هو، جيڪي سنڌ سان به وابسته هئا. ڪڇ جي "وڏسر" واري علائقي جو والي هو پهلواني ۽ سورهيائي ۾ پنجهنجو مٽ پاڻ هو.

ابڙو اڙٻنگ دودي سومري جو همعصر هو. ان ڪري هن جو دؤر تيرهين صديءَ جي آخر ۾ چوڏهين صديءَ جي شروعات تي سگهي ٿو. دودي ۽ علاؤالدين جي جنگ ١٣١٣ع ۾ لڳي هئي جنهن ۾ سومرن جي شڪست کانپوءِ حاڪم گهراڻي جون سومريون ابڙي سامهون ڏانهنس موڪليون ويو ابڙو انهن سامن لاءِ سر ڏيئي سرهو ٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن لطيف سائين فرمايو آهي تہ : -

ابڙو وڏ - وڙو، سوڙو جهلي سامن،
سرٽين جا سوٽا سهي، سمون سونهن سين،
تو در ترڪ اچن، ڪيئن ڪريندين ڪچ ڏٽي (١)
سرتين جا سوٽا سهي وسيلو ولهن،
لڏي ڪيئن، لطيف چئي، اڳيان لال لکن،
جت ڪوڙين ڪين ڪچن، ات پاڀوهي پڌرو. (٢)

ابڙو سومرن جون سامون وٺڻ ڪانپوءِ اهي پنهنجي پٽن جي حوالي ڪري پنهنجو ننڍو لشڪر وٺي ميدان تي آيو ۽ اهڙي تہ بهادري سان وڙهيو جو مخالفن جو وايون بتال ڪري ڇڏيائين. لطيف سائين اجهو هيئن ٿو فرمائي؛

آروڙ جي اٿئو، ديمن وڏائين دانهن،
پاڀوهئو پيرڪٽي، سمون سرٽين ڏانهن،
مٿان مٿي پانهن، أيو آڇي سلطان ڪي. (٣)

----

جو چليون پسي چڪئو، تنهن واڪاٽئو وڪ،
لڏي ڪين، لطيف چئي، لکن اڳيان لک،
پير نہ موڙي پنهنجو، تڪي پٽج تڪ،
سرٽين ڏي سڪ، هڪل سين هالار ڏٽي. (۴)

ابڙو اهڙو تہ وڙائتو هو جو مهل ۾ دشمن ڪي بہ پناهہ ڏيندو هو. اُن جو ثبوت اهو آهي تہ انهيءَ دور ۾ سما ۽ سومرا پاڻ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ نہ نهندا هئا. پر دودي کي جڏهن يقين ٿي ويو تہ هو مارجي ويندو ۽ پويان اهڙي پهر ڪونہ آهي، جا عورتن کي سنڀالي، تڏهن هن سيئي عورتون پاڳو پيان سان گڏ ابڙي ڏانهن سام ڪري موڪليون، ڇو تہ کيس خبر هئي تہ ابڙو اهڙو اڙ ٻنگ آهي جو جيئري سامون نہ ڏيندو.

سندس انهي خصلت جي باوجود، پٽ ڏٽي ان لاءِ اجهو هيئن فرمايو آهي :

سرٽين جي سک لئي، سام ڪنئي سردار،
جي آيون ابڙي جي آڌار، سي سونگ نہ ڏينديون سومريون. (۵)

پٽ ڏٽي جي وڏي همعصر ۽ وقت جي وڏي شاعر حضرت ميين شاهہ عنايت رضوي رحہ بہ ابڙي لاءِ اجهو هيئن فرمايو آهي:

تر ڏونگر جي وچ ۾، منهن ڪئو اڇن جي،
ڪتي سمون ابڙو، سرٽيون جنهن ڳري،
سو مر موتائي ڏي، ميڄڻ اڇل عيراقين نہ سهي. (٦)

سمن ۽ سومرن جي نا اتفاقيءَ جي ڪري سومرن جا چارڻ ۽ ڀان ڪنهن بہ حالت ۾ ڪنهن سمي سردار جي ساراهہ نہ ڪندا هئا پر ابڙي جي بهادري ۽ جانبازي ڏسي سومرن جي درباري چارڻن "پاڳو ڀان" کي بہ چوڻو پيو:

اڙ آڏي هئي ابڙي، نو چليون ڏهہ لک،
گهوڙي ڪنڌ نہ ڦيريو، ماري او خلق. (٧)

ڄام ابڙو ڪڇ جو ڪوپو، وڏسر جو والي، هالار ڏٽي ۽ سنڌ جو اهڙو ساٿي هو جنهن کي جيترو ڪڇ ۾ ساراهيو وڃي اوترو ئي سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ياد ڪيو ويجي ٿو. چام ابڙي جي ڪري ئي جو اولهه حصي جو نالو "ابڙاسيو" بنجي ويو، هن وقت ٻه اهو وڏي ضلعي جي حيثيت رکي ٿو ۽ ابڙي جو نالو زنده رکيو بيٺو آهي.

هالارو وارو پاسو اڳ ۾ هالن جي رهائش ڪري، هالن جو ملڪ هالر سڏبو هو. اهو علائقو جڏهن ابڙي جي قبضي ۾ آيو ته ابڙي کي هالار ڏٺي سڏيو ويو. انهيءَ علائقي جو مرڪزي شهر چام ننگر هو.

ابڙي جي رهائش وارو علائقو ابڙا سيو سڏيو ويو، جيڪو گرڙيو سان گڏ ڀنيءَ کان اولهه طرف ۽ عربي سمنڊ جي اوڀر طرف لڳو لڳ آهي.

ابڙو جو ڪوٽ ابڙاسيي ۾ رائنپر جي ويجهو نديءَ جي ڪناري تي آهي. هو جنهن جاءِ تي دفن آهي ان کي ابڙي جي پٽ چئجي ٿو. اها پٽ وڏسرلي کان ٻه ميل اوڀر طرف ۽ رائنپر کان ٻه ميل اتر طرف آهي. اتي ابڙي جي قبر متان قبو ٺهيل آهي جنهن تي هر سال شاهي ميلو ٿيندو آهي.

هڪ روايت موجب ته ابڙو پٽ ابڙي جو، ابرو جهي جو، جهو گجڻ جو، گجڻ رتي جو، رتو رائڌڻ جو، رائڌڻ لاکي جو، لاکو، ساند جو، ساند پلي جو. (ص - ٩٢ ڪتاب سومرا دور )

ٻئي روايت موجب ابڙو ڪيهر سمن مان ليکيو ويو آهي (راوي، قاضي عثمان يان )



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حوالا


١ـ مرزا قليچ بيگ: شاهه جو رسالو ڇاپو پهريون سال .... صفحو ٦٨٠
٢ـ " " صفحو ٦٧٧
٣ـ " " صفحو ٦٧٨
٤ـ " " صفحو ٦٧٧
٥ـ " " صفحو ٦٧٩
٦ـ غلام محمد شاهوائي: شاهه جو رسالو ـ سال ١٩٥٠ع ڇاپو پهريون ـ آر ـ ايچ ـ احمد ۽ برادارس، حيدرآباد.
٧ـ مرزا قليچ بيگ ـ شاهه جو رسالو ـ ص ـ ٦٨٠ ـ سال ڇاپو پهريون


## ڏونگر راءِ سمون

سنڌ توڙي ڪڇ جي سمن ۾ ڪيهر سما مشهور سورهيه ۽ سرويچ هئا جن جي تاريخ تمام وڏي آهي، جن ۾ ڪيترائي اهڙا سردار آهن، جن جا نالا تاريخ ۾ سونهري لفظن سان لکيل آهن. ڪين تمام گهڻو ساراهيو ويو آهي. اهڙن سردارن ۾ ابڙي اڙينگ جو پٽ ڏونگر راءِ به اچي ٿو، جيڪو جنگ جي وقت لڳ ڀڳ اٺن ڏهن سالن جو مس هو. پر اهڙي بهادري ڏيکاريائين جو مخالف ڏر کي ڏندين آڱريون اچي ويون.

جڏهن ڄام ابڙو جنگ جي ميدان تي هو تڏهين سومرن جو ٻانهون ڏونگر راءِ جي نگرانيءَ ۾ هيون. ڪيس ڇيل هو ته ڇا به ٿئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر جيڪي پانهون سام ۾ آهن سي ترڪن کي هٿ نہ چڙهن. ان لاءِ جڏهن ڄام ابڙو جنگ جي ميدان ۾ شهيد ٿي ويو سندس پاءُ ۽ ويجها عزيز پڻ جنگ ۾ مارجي ويا، تڏهن ڏونگر راءِ سامون وٺي ڪڇ جي رڻ ۾ اهڙي علائقي ۾ پهتو جنهن ۾ رڳو ڏيٽيون ۽ گرٽيون هيون. هن سيني کي اچي ڏيٽين واري ماڳ تي پهچايو. چيائين تہ اوهان کي مان ڏيٽين جي حوالي ڪري، جنگ تي وڃان ٿو. اوهان جو خدا حافظ آهي. اِهو اوهان کي بچائيندو ۽ اوهان تائين دشمن نہ پهچي سگهندو. ان بعد اهي سيئي مايون هڪ وڏي ڏهڻ ۾ هڪ ٻئي پويان هليون ويون. اتي ٺي غرق ٿي ويون. انهيءَ هنڌ ٺي پوءِ هڪ نشان ڪري ان کي سومرين جو مقام ڪوٺيو ويو، جيڪو اصل ۾ رڻ جي ڏهڻ ۽ گرڻ واري هنڌ تي آهي. ڏونگر راءِ جي اها پهرين ڏاهپ ۽ بهادري آهي، جنهن سامون بچايون. پوءِ ميدان تي آيو ۽ جنگ جو طبل پيو وڃائي. انهيءَ تي لشڪر وارن کي ٻڌايو ويو تہ اهو ابڙي اڙينگ جو ننڍو پٽ ڏونگر راءِ آهي جيڪو سامن جي نگراني ۾ هو. هاٿي واندو ٿي ميدان تي آيو آهي. انهيءَ تي فوجي سالار ميدان تي آيا. هن ڪان پڇيائون تہ تو سامون ڪيڏانهن ڪيون. انهن جو اسان کي ڏس ڏي تہ هي سمورو ملڪ ۽ ملڪ جون واڳون تنهن جي حوالي ڪري هليا وڃون. انهيءَ تي جيڪو جوڪري جواب ڏنو سو لطيف جي لفظن ۾ هن طرح بيان ڪيل آهي:

پين مڙني ڏنيون، پر ڏئي نہ ڏونگر راءُ
اڻ ڏنن آڏو قر، ڏئي ڏئي ڪياءُ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوريون لک مٿاءِ، ان مٿيري موٽائيون (١)

هن پوءِ عـــلاؤالدين جي فـــوجي ســـالارن ڪي وٺي اهو هنڌ ڏيکاريو جتي مـايون سـومـريون ڏٻٽين ۾ غرق ٿي ويون هيـون. فـوجي ســالار چوڪري جي جرئت ۽ ڏاهپ ڪي ڏسي وائڙا ٿي ويا. هن ڪي چيائون تہ تنهنجي بهادريءَ ۽ ڏاهپ ڪي سلام ٿا ڪريون. هي ملڪ تنهن جو آهي تنهن جو رهندو.

ان بعد علاؤالدين جا فوجي ڪڇ خالي ڪري واپس هليا ويا. ويندي ويندي ڏونگر راءِ جي ڏاهپ ۽ دليري جا قصا ڪندا ويا جيڪي اڄ بہ مشهور آهن.

ڏوران ڏونگر نيڙو، اوران ٿي آفت (٢)

## حوالا


١ـ غلام محمد شاهواڻي شاهہ جو رسالو ڇاپو پهريون ١٩٥٠ صفحو ١٢٩٢ آر ايچ احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد

٢ـ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ـ سومرن جو دؤر ـ سال ١٩٨٠ع ـ ڇاپو پهريون سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**محمد حسين ڪاشف**

# ابڙو سمون

## (سُر بلاول جو هڪ ڪردار)

سام جهلڻ سنڌ جي عظيم روايت آهي. هي هڪ اهڙي انساني خاصيت آهي، جيڪا قومن جي مزاج ۽ انهن جي ڪردار ۽ تهذيبي تشخص کي ظاهر ڪري ٿي. سنڌ ۾ " سام" کي وڏي اهميت آهي. پنهنجو يا پرائو، دوست يا دشمن ڪير به اچي سام پوي ته ان تان سر ڏيڻ کي سرهو سمجهيو ويندو آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ ڪيئي اهڙا واقعا ٿي گذريا آهن، جيڪي پنهنجي انهي صفت سبب زنده آهن، ۽ اهي انهن جا ڪردار ٻين لاءِ سبق ۽ سونهن جي حيثيت رکن ٿا. "ابڙو سمون" به سنڌ جي سام جهلڻ جي ريت جو اهو روپ آهي، جنهن کي شاعرن، سگهڙن ۽ ڀانن هميشه ڳايو ۽ نروار ڪيو آهي. "ابڙو سمون" سومرن جي دور جي تاريخ جو اهو لافاني ۽ سدا جيئرو ڪردار آهي، جنهن سومرن جي سام جهلي ۽ ان مان سورهيائي سان سر ڏيئي اها روايت قائم ڪئي، جنهن ڪيس تاريخ توڙي ثقافت ۾ امر بنائي ڇڏيو.

"ابڙو سمون" سما خاندان مان هو. سما خاندان جو نڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيهو جادم کان شروع ٿئي ٿو. هي قوم اصل نسل ۾ راجپوت قوم آهي. جادم جا چار پٽ هئا: همهر، سمهر، سمرٿ، پلو پاڳيرت. اهي سندن هندي نالا آهن. سنڌي ۾ هن ريت آهن: هسپت، پوپٽ، گجپت، ۽ پلو پاڳيرت. اها روايت محمد رمضان پان ڪئي جنهن وٽ سما قوم جو تا حال شجرو آهي. تازو سليمان پان تاريخ سميجا. شايع ڪئي آهي جنهن ۾ پڻ هن سمن جو حسب، نسب ڏنو آهي. سنڌو ماتر ۾ سما قوم پن حصن ۾ ورهايل آهي. سنڌ علائقي جي سمن کي سنڌ سما ۽ ڪڇ، ڪاٺياوار ۽ گجرات جي سمن کي چوڙا سما ڪوٺيو وڃي ٿو. ابڙي سمي جو ڪردار، تاريخ ۾ اتفاقي طور نہ ابريو آهي پر تاريخي واقعن ۽ حقيقتن کيس جنم ڏنو. علاءُ الدين جڏهين وڳهه ڪوٽ کي تاراج ڪيو ۽ باقي سومرن کي سيڪت ڏيڻ لاءِ ڪوشان هو، اهو سڀ چنيسر جي چائٽ ڪري ٿيو جنهن دهلي وڃي کيس سنڌ تي ڪاهه لاءِ اُڀاريو. سومرن جو سورهيہ سردار" دودو" ساٿس آخري لڙائي لڙڻ ۽ سنڌ کي ڌارين جي دهمان ۽ حملي کان محفوظ رکڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو هو. ان وقت هن اندازو لڳايو تہ هي جنگ قومي تحفظ جي آخري جنگ آهي. جي فتح ٿي واهہ نہ تہ شهادت جو جام نصيب آهي. پر لڄ لٽاءُ جو بندوبست ڪرڻ ضروري آهي، چاڪاڻ تہ " باگهي" جي بانهہ علاء الدين جي حوالي نہ ڪبي. هن سام سپرد ڪرڻ لاءِ "ابڙي سمي" جو نالو هن ڪري چونڊيو تہ ڪنهن وقت ۾ دودي ۽ ابڙي سمي گڏجي چوپڙ راند پئي ڪئي. راند ڪندي هڪڙي ساري وڃي ابڙي جي جهولي ۾



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

جهلي پئي. دودي چيو تہ اها ساري ڏي. ابڙي سمي انڪار ڪيو. ڳالهہ تان ڳالهہ ٿيندي تلوارون ميان مان نڪري ويئون. اها ڳالهہ ڪيس ياد پيئي هئي. انهي ڪري سندس نظر ۾ "ابڙي سمي" کان سواءِ ٻيو ڪوبہ اهڙو مانجهي ۽ مٿير مڙس ڪونہ ٿي سُمجهيو جيڪو سامن جي سنيار ڪري سگهي ۽ سر جي سهسائڻ تان نہ گسي. ڪيس يقين هو تہ جيڪو انسان راند جي ساري تي سر ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويو ٿي اهو ضرور ٻاڻ موڪيندو ۽ ملهائيندو. ڪڏهين بہ ونهو نہ ويندو، سر ڏيندو، پر وسام نہ ڏيندو. دودي شاهہ حڪم ڪيو تہ سومرين جي سام ابڙي سمي ڏي وڃي. هن اهو ڪم پنهنجي وزير ڀڳو ڀان جي حوالي ڪيو جيڪو سومرين جي راڻين، شهزادين ۽ اهل و عيال جو قافلو وٺي منزل ڏانهن راهي ٿيو. هن قافلي ۾ سومرين جي سردار ڀهڳڻ ڀاڳهل ٻائي بہ هئي جنهن کي هن ڪاروان جو سردار چئجي تہ بجاءِ آهي.

تاريخ ۾ ٻن ابڙن جو ذڪر اچي ٿو: ابڙو الفاٽي يا ابڙاٽي، ۽ ابڙو جوٽيجاٽي. ابڙي الفاٽي سومرن جي سام جهلي. جڏهين ڀڳو ڀان سومرين جو قافلو وٺي پناهہ جي پاند لاءِ وڃي رهيو هو تہ واٽ تي ابڙي جوٽيجاٽي جي پٽ ۾ وڃي پيو، جنهن انهي قافلي کي ڏسي حقيقت پڇي ۽ سام جهلڻ کان انڪار ڪيو. جنهن لاءِ لطيف چوي ٿو تہ: -

علاءُالدين آيو، ڪٽي چيل چڱير،
ڪنهين ڪين همٿئو ڪان جهليندو ڪير،
سومرين سام ڪنئي، ابڙي ڪيو اٿ پير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو مهائين ميرَ، پر متوراتن مارئو.

(١٣-١)

پڳو پان ڪيس چيو ته اسين ابڙي سمي وٽ ٿا وڃون. اهو قافلو ابڙي سمي وٽ پهتو جنهن سنڌي رسم مطابق قومي امانت کي قبول ڪيو جنهن لاءِ لطيف فرمايو آهي ته:

ابڙو، وَڏ وڙو، سُوڙو، سمو، سونهن سبين.

تنهن در سڀ اچن، ڪنڌ نه ڪڍي ڪچ ڏٽي.

(١٨-١)

پاڳو پان جنهن ابڙي ڏي سام سونپڻ جي ٿي ڪئي ۽ هن انڪار ڪيو، ان جي حقيقت ڏي لطيف رحه اشارو ڪندي چيو ته اهو ابڙو اهُو نه آهي. پر هو ابڙو ايڪ آهي؛ جو سرٽين جا سونا سهي ٿو ۽ تلوارن جو تاب جهلي سگهي ٿو:

هو ابڙو ايڪ، هو ڏونگر ئي ڏي پيو.

هي جوٽيجاٽو جڳ، جو سوئين سونا نه سهي.

ابڙو سورهيه سردار هو. هن سامون جهليون، پنهنجو سر ڏنو پر سامون نه ڏنائين. انهي ڪري سنڌ جي اعليٰ سماجي قدرن موجب هو هن جُنگ ڪيڏاري جو مانجهي مرد بنيو. دودي چنيسر جي رزميه داستان جي مکيه ڪردارن ۾ برک ۽ اتم ڪري ليکيو وڃي ٿو ۽ سنڌ جي شاعرن ڪيس جسون ۽ ڪيرون ڏنيون ۽ واکاڻ ڪئي آهي. مبين شاه عنايت، شاهه عبداللطيف ڀٽائي يا ٻين وڏن توڙي ننڍن شاعرن، پانن، سگهڙن جيڪا به ڳالهه ڪئي آهي، اها سمي ابڙي جي ڪئي آهي.



www.sindhsalamat.com     books.sindhsalamat.com

سومرن جي تباهي جو اصلي ڪارڻ اقتدار جي جنگ هئي جنهن سندن ساڍن پنجن سون سالن جي حڪومت جو خاتمو آڻي ڇڏيو ۽ ملتان کان وٺي ڪڇ تائين جنهن علائقي ۾ سومرن جي هاڪ ۽ ناماچار هو، ان جا چنيسر جي چائت ڪنڌا ڪٽي ڇڏيا. اُچ، ملتان، نري محمد طور مان سومرن جي ڇت جو سايو هميشہ هميشہ لاءِ ويو هليو. سومرن جي گهرو جهيڙي سنڌو ماتر جي هن عظيم قوم کي طبقن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو. باوجود ان جي بہ دودي، ننگر، ڀونگر، مڙس ٿي منهن ڏنو ۽ پنهنجو توڙي سنڌ جو منهن مٿي ڪيو. ابڙي جو پنهنجو ڪوبہ معاملو ڪونہ هو پر سنڌ تي جيڪا ناگهاني آفت آئي ان جي اها تقاضا هئي تہ ان کي منهن ڏنو وڃي، ڇاڪاڻ تہ سما خود هڪ وڏي قوم هئي ۽ سومرن جي سرداري ۾ کين اهميت هئي. ڪيترا سما سومرن جي راجڌاني ۾ اهم عهدن تي هئا ۽ کين رعايتون مليل هيون يا ائين چئجي تہ ان وقت جي سماجي حالتن موجب سومرن کان پوءِ سما ئي هڪ طاقتور طبقو هئا ۽ هو هن ڌرتي جي هڪ قديم ۽ بنيادي قوم هئا. ان ڪري فوجي بقاء جي نظريي هيٺ هنن جو سومرن سان بيٺ هئڻ ضروري ٿي، ٿي پيو. ان کان علاوه، سومرن جي حڪومت ۾ سمن جون بہ سرداريون هيون ۽ سندن مفاد بہ ان ۾ هو تہ علاءُالدين کي هڪالي ڪڍجي.

ابڙي جي سرداري ۽ حڪومت: ابڙي کي جدا، جدا روايتن موجب هالار ڏٽي، ڪاڇي ڏٽي ، گولاٽي ڏٽي، ڪنڌ جي ڪلاه، جوٽا جو سوار وغيره ڪوٺيو ويو آهي. ڀلاري ڀٽ ڏٽي ڪيس ڪڇ ڏٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوٺيو آهي:

ڪر رکيائون ڪڇ تي، هليون ڏونه هالار -

روايتن مطابق ابڙي جي حڪومت جو اهو علائقو آهي جيڪو هن وقت ابڙاسيو، گرڙيو ابڙاسيو سڏجي ٿو ۽ ڀني واري علائقي کان اولهه طرف عربي سمنڊ جي ڪناري سان آهي، جيڪو اڄ ڪالهه جاتي تعلقي جو هيٺيون حصو ۽ اڳتي ڪڇ تائين ڇڙجي ته ٻجا آهي. هيٺين بيت ۾ ابڙي کي هالار ڌڻي ڪوٺيو ويو آهي:

جو چليون پسي نه چڪيو، تنهن واڪاڻو وِڪَ،
لڏي ڪين لطيف، چئي، لکن اڳيان لِکَ،
پير نه موڙي پانهنجو، تِکيءَ پٺجي تِکَ،
سرٽين ڏئي سک، هڪل سين هالار ڌڻي

(٨-١)

ڪڇ ڪاٺياواڙ جي الهندي پاسي کي ويندي جام ننگر ۽ جهوناڳڙه تائين اهو پکو ملڪ هالار سڏجي ٿو. سمات قوم جي هالن يا هالا کي ان نسبت سان اهو نالو مليل آهي. جن ٻه شاعرن ۽ سگهڙن ابڙي کي هالار ڌڻي، يا ڪڇ ڌڻي يا گولائي ڌڻي ڪوٺيو آهي ته ان مان مراد سنڌ جو اهو حصو آهي، جنهن جو ٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. ان پٽ ۾ ابڙي جو ڪوٽ، ڪوپيڄن جو ڪوٽ (ڪوپن ۽ بهادرن جو ڪوٽ) اڄ به مشهور تاريخي مقام آهي، جيڪو ماضي جي انهي عظيم داستان کي ياد ڏياري ٿو. ڪڇ جي شاعر "ڪاراٽي" ابڙي کي "ڪاڇي جو ڪيسري نر" سڏيو آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڇي جو نر ڪيسري، ابڙو چئي تو اينءِ،
پلي آيون پينرون، آئين فڪر مَ رکجو ڪين.
ابڙو ابڙاڻي سڄي ڪنڌ ڪلاهه.
(ڀاڳ فقير)

تاريخ طاهري موجب ابڙو، ابڙاڻي، سمون هو جنهن ڏانهن سامون موڪليون ويئون. دودي ڪيس چوائي موڪليو تہ:

ابڙا، ابڙاڻي توکي، دودي ڏنا سلام
وڙهان ويري سين سامهون ، جي تون سرٽين جهلين سام،

ساڳئي تاريخ جي روايت موجب مايون سومريون، سومرن جي گادي واري هنڌ مهاتم طور، (محملا طور) مان نڪتيون ۽ ڪڇ ڏانهن روانيون ٿيون. اها لڏ پلاڻ ڪا معمولي ڪانہ هئي پر سڄو ڪر ملڪ پلتجي پيو هو.

وڳهہ وڏيريون نڪتيون، لڏيا اڊائي لک.

----

پڳيون پوَ سلطان جي، ڦوڙايون وڃن،
وڳهہ ويچارين، ڇنو تاڻي ڇڏيو.

انهي ابتڙ حالت ۾ انسان جي ذهن جي ۽ ماحول جي جيڪا حالت هوندي ان جو اندازو لڳائڻ نهايت ضروري آهي. هڪ طرف عزت جي تحفظ جي ضرورت، ٻئي طرف غنيم جي اره زوراوري ۽ ظلم، ٽئي پاسي پاڻ پٽي جو جهيڙو، چوٿين پاسي ڪونڌرن جي ڪسڻ جو منظر. ائين محسوس ٿو ٿئي تہ سر نہ سر پيڙي هئي. ظلم جي ڪوري الا پئي



www.sindhsalamat.com     books.sindhsalamat.com

اڇليـــا ۽ غنيم سنڌ جي ڌرتـي ڪي رت جو ريج پئي ڏنو. جڏهين سـومـرين جي ست ڀاڳو ڀان جي سـروائي ۾ سـام وٺڻ لاءِ پنهنجي اڏين مڏين، ماڙين ۽ محلاتن، جهوپن ۽ لانڍين ڪي ڇڏيو هوندو، ان وقت جو منظر ڇا هوندو؟ جن ڪڏهين سج نـہ ڏٺـــو اڄ اهي پنهنجي عــزت جي بچاءَ لاءِ پيــرين پنڌ هراس ۽ ڊپ جي عــالم ۾ پناهہ لاءِ نڪري پيون.

وڳهہ وڏيريون هليون، ٻانهن لائي ٻار،
اس نـہ سٺي تي، ان جي ٻانهي سندي ٻار،
ڪَرَ رکيائون ڪڇ تي، هليون ڏونهہ هالار

ابڙي وٽ جڏهين سـامن جو سـاٿ پهـتـو تـہ هن ان جي اڳتي وڌي آجيـان ڪئي ۽ يقين ڏياريو تـہ اوهان هاٿي هت مـحـفـوظ آهيـو. منهنجو مال متاع، ڪڙَم قبيلو، سڀ اوهان تان قربان ٿيندو. نيٺ ٿيو بہ ايئن. عـلاءُالدين کي جڏهين اها خبـر پئي تـہ هن ابڙي جي ماڳ مـقـام جي پيچا ڪئي.ماڻهن ڀڏايس تـہ :

”ڳجي ٿو ڳولاٽي ڏٽي، سورهيري مستان“

عـلاءُالدين جو ڪـٽڪ ابڙي تي ڪاهي آيو، ۽ هن سـامن تي سپر ٿي جنگ جوٽي، جنهن ۾ غنيم جا ڏند کٽا ٿي پيا. انهي جنگ ۾ ڪافي لشـڪـر مارائي موت ڪاڏائين ۽ ابڙي پنهنجو سر سـسـئي سنڌ جي ثقافت ۽ تاريخ ۾ پنهنجي سچي ۽ سورهيائي، بيباڪي ۽ بهادري جو ڳاٽ اوچو رکـيـو، جيـڪـو اڄ تائين امـر آهي ۽ رهندي دنيـا تـائين زنده رهندو.لطيف ابڙي جي انهي همت، جرئت ۽ دليري کي محسوس ڪندي



www.sindhsalamat.com     books.sindhsalamat.com

چئي ڏنو:

ابڙو اڳاهن ۾، سپڙ جيئن پيلي،
سي پٽ ڪنهن نہ پوريا، جي تو پڙ پيلي،
سڄڻ سانوڻ مينهن جيئن، رچون تو ريلي،
اچن جي ويلي، تن بور بخشي پٽ ڏٽي.
(۱۷-۱)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو،

# سُر بلاول جي ڪردارن جو علامتي تصور

بلاول، شاهه جي رسالي جو آخري سُر آهي، مضمون جي لحاظ کان هن سُر جا ٽي ڀاڱا آهن: پهريون ڀاڱو سمن جي صاحبي ۽ ڄام جکري جي سخاوت بابت آهي ٻيو ڀاڱو سومرن جي دور جي اهم شخصيت، ابڙي سردار جي همت ۽ سومرن جي عورتن جي سام جهلڻ واري مضمون تي مشتمل آهي، ۽ ٽين ۽ آخري ڀاڱي ۾ وڳند فقير سان حڪمت ۽ ڏاهپ واري گفتگو آهي جنهن ۾ چرچي جي چاشني بہ بظاهر موجود آهي.

معنوي لحاظ کان هن سُر کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهرئين حصي ۾ ڄام جکري ۽ ابڙي سردار جي همت، سخاوت ۽ پوري انسان ذات سان ڀلائي ڪي هڪ نئي تصور (Concept) ۾ ڏٺو ويو آهي. جڏهن تہ ٻئي حصي ۾ وڳند جي ظاهري صورت، هلت چلت ۽ ڪردار تي روشني وڌي ويئي آهي. هن سُر ۾ چار داستان آهن، ٽن ۾ ڄام جکري، ابڙي سردار ۽ انساني معاملن تي ويچار، ۽ چوٿين داستان ۾ وڳند بابت فلسفيانہ نڪتا ڏنا ويا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سُر ۾ سنڌ جي تاريخ جي ان دور کي سامهون رکيو ويو آهي جنهن ۾ سنڌي سماج، ادب، علم، هنر، ثقافت، سياست، معيشت ۽ اخلاق ۾ پاڻ پرو تي چڪو هو. شاهه جي رسالي جي موجوده ترتيب جو اهم راز به اهو آهي ته رسالي جي شروعات ۾ سُر ڪلياڻ رکي اهو تصور پختو ڪيو ويو ته جيئن خدا جي وحدانيت، نبي اڪرم صلعم جي محبت، انسان ذات سان قربت ۽ سنڌي سماج ۾ اتحاد وارو پيغام عام ڪيو وڃي، ۽ رسالي جي آخري سُر بلاول ۾ اهو نڪتو ظاهر ڪيو ويو ته ڪلياڻ جي مضمون تي عمل پيرا ٿيڻ ڪري، سماج ۾ جيڪي عزت، محبت، آسودگي ۽ باوقار زندگي گذارڻ وارا نتيجا سامهون آيا، انهن کي اجاگر ڪري، سنڌي سماج تي علامتي عمل ( Symbolic Activity) ذريعي لطيف سائين جي پيغام کي تڪميلي صورت ڏني وڃي.

هن سُر ۾ جيڪي ڪردار ڏنل آهن، انهن جي حيثيت پنهنجي سماج ۾ ميجتا واري ۽ امر آهي. ان ڪري ئي بقول تنوير عباسي، لطيف سائين جا سڀ ڪردار رڳو انسان نه آهن پر ان کان گهڻو مٿي آفاقي حقيقتن جو روپ آهن (١) ڪردارن جي آفاقي حيثيت ميجڻ سان ئي علامتن سان چاڻ سڃاڻ ٿئي ٿي. علامتن (Symbols) سان اها وابستگي در اصل تصوف جو مسئلو آهي يعني جُز جو ڪل ۾ سمائجڻ وارو فلسفو. ان ڪري جُز کي سمجهڻ کان سواءِ ڪُل جي حقيقت تائين رسائي ناممڪن آهي. اهڙي ريت ڪائنات جي بنيادي تصور کي سمجهڻ کانسواءِ، قدرت جي مڙني مظاهرن سان شناسائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ڪونہ سگهندي. ساڳي وقت جيسين اسين فرد جي ضرورتن کي ناهي سمجهيو تيسين خالق جي راز کي پروڙي نہ ٿا سگهون. اچو تہ هيٺ هن سُر جي ڪردارن جي علامتي عمل جو اڀياس ڪريون.

هن سُر جا مکيہ ڪردار "سَمو، " "هالارِ ڏٽي، " "ڪڇ ڏٽي، " "پٽ ڏٽي، " "جکرو، " "ڏونگر، " "شـــاهہ، " "سلطان، "" راهو، " "ابڙو، " "پاڳارو، " "علاوالدين، " ۽ "وڳند" آهن.

مٿيان ڪردار معنوي لحاظ سان ٽن مضمونن ۾ ورهايل آهن.

"علا ءالدين" جو ڪردار ظاهري طور تي هڪ حملہ آور ۽ جابر قوت جي علامت طور استعمال ٿيو آهي. تاريخي طور تي اهڙيون قوتون پنهنجي موت پاڻ مرن ٿيون.

"وڳند" جو ڪردار، ناپاڪي، نهٺائي ۽ ڪشاده دلي جو اهڃاڻ آهي. لطيف ان جي حيثيت جي تبديلي جو خواهشمند آهي. اهائي تبديلي انسانيت جي معراج پائڻ جو ذريعو آهي.

"سمو، " "ڪڇ ڏٽي" ، "ابڙو" وغيره هڪ ئي معنوي حيثيت جا حامل، همت، آگهي، سرت، ساجهہ، ۽ فياضي جي سرچشمي طور ڏنل آهن.

لطيف سائين هن سُر جي سيني ڪردارن کي انساني زندگي سان وابستہ مسئلن جي آگاهي جو ذريعو بڻائي پيش ڪيو آهي ۽ انهن جي ذاهپ ۽ سماجي شعور سان ئي مسئلن جو حل ڳولڻ جي صلاح ڏني اٿس. "مان" ۽ "خودي" جو خول، جسم، جي غلامي اختيار ڪرڻ جو نالو آهي. اها روش اختيار ڪرڻ سان، فرد "ڪُل" جي ڪائناتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهم ڪان محروم رهجي وڃي ٿو.

فرد جيسين خودي جي خول مان ٻاهر نڪري ڪنهن ”سمي“ جهڙي دانشور ۽ ”ابڙي“ جهڙي همت ڀريئي انسان جي شعور مان فائدو ناهي وٺي، تيسين جسم جي غلامي ڪان نجات حاصل نہ ٿو ڪري سگهي، ۽ اهائي روش فرد کي ڪُل جي ڪائناتي شعور سان روشناس ڪري ٿي.

ڪڏي ڳهل ڳهران، صلح ڪر سلطان سين،
تہ تون تنهن دران، ڏيهاڙي ڏاڻ لهين.
(۱ ـ ۲)

جسم جي غلامي انسان کي مالڪ جي فهم ڪان محروم ڪريو ڇڏي ٿي. ان ڪري اڳ ۾ ان جهنجهٽ ڪان پاڻ آزاد ڪرڻو آهي. اها آزادي حاصل ڪرڻ واري قوت هر ماڻهو جي پنهنجي پنهنجي ڪوشش ۽ طلب جي انداز تي مدار رکي ٿي. لطيف چويٿو:

سما تو سر ڇٽ، نات پاڳارا پرس پيا،
ڳِهَڻ تنهنجي ڳچڙي، اچي جال جڳت،
جن جيهائي پٽ، تن تيهائي بکيا.
(۱ ـ ۴)

ڪوشش ۽ سعيي جي سلسلي ۾ چوي ٿو:

سمو تن سڏ ڪري، جن تي وڏو وير،
اٿي تہ آجي ٿيان، پائي پاڪوڙي پير،
توريءَ پيو ڪير، سرنين جا سونا سهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١ - ٦)

جنهن تي وقت پوي ٿـو، جنهن کي درد ٿـئي ٿـو، سـو ئي ڪوشش ڪري ٿو ۽ سائين جو سوالي بڻجي ٿو. قومن جي معراج جو واسطو بہ درد سان آهي. درد جي مسلسل دٻاءَ جي پيش نظر، انسان ۾ اندروني تخليقي صلاحيت پيدا ٿئي ٿي ۽ قومن ۾ مردانگي ۽ حوصلو پيدا ٿئي ٿـو. تـنهن وقت ئي آدرشي انسان، سندن رهنمـائي وارو بار کڻڻ لاءِ تيار ٿيو پوي ٿو.

منزل ۽ مقصود تي اک رکڻ ۾ ئي ڪاميابي جو راز مضمر آهي. زندگي جو نصب العين مقـرر ڪرڻ ۽ ان ڏانهن وڌڻ وارو ئي سر خرو ٿئي ٿو، نہ تہ سڀ ڪوششون ۽ قربانيون ضايع ٿي وينديون.

تڙ تڙ ڪيم ترس، سَرُ نهارج سَيَرو،
ڏيندءِ لک لطيف چئي، راڄ راهو جي رسُ،

----

وِلها جي ونهيا ڪيا، ٻاگهُ تنهنجي پس،
ڪوڙين لاهي ڪَس، جي ڳالهائي ڳات ڪٺي.

(١ - ٩)

جيڪي ماڻهو پنهنجي وابستگي ڪنهن ارفع انسان سان ڪن ٿا ۽ سندس سام يا پناه ۾ اچن ٿا، سي حساب ڪتاب کان بچيو وڃن ٿا.

سَرڻين جي سک لئہ، سام ڪنئي سـردار،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي آيون ابڙي جي آڌار، سي سونگ نہ ڏينديون سومريون.

(۱ـ ۱۴)

ڄاڪاڻ جو ابڙو ڪو عام رواجي انسان نہ آهي بلڪہ هو اعليٰ ڳڻن جو مالڪ ۽ افضل انسان آهي.

ابڙو، وڏ وڙو، سُوڙو، سمو سونهن سيڻ،

تنهن در سڀ اچن، ڪنڌ نہ ڪڍي ڪچ ڏٺي.

(۱ ـ ۱۸)

انسان جو ڪونہ ڪو پيدائشي، يا بطور ڪنيت ۽ خطاب جي تعريفي نالو هوندو آهي. انهن مان ڪيترن جي صرف هڪ فضيلت هوندي آهي ۽ ڪن ڪي محض سڏڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. پر انهن نالن ۾ معنوي لحاظ سان حقيقت ۽ واقعيت تمام گهٽ هوندي آهي. نالن ۾ هڪ مخصوص تاثير جو مقولو مشهور آهي پر ان هوندي بہ سعادتِ ازلي هڪ ٻي شيءِ آهي جيڪا هر ڪنهن جو مقدر نہ آهي.

مٿيون بيت هر ان هستي ڏانهن منسوب ڪري سگهجي ٿو جيڪا ڪائناتي شعور ۽ روشني عطا ڪري ٿي. هي اهڃاڻ سرور ڪائنات صلعم جو آهي جيڪا هڪ جامع صفات هستي آهي جنهن جا نالا سڳورا دنيا جي سڀني ماڻهن کان زياده ۽ جنهن جي ذات مبارڪ پنهنجي نالي جي سڀني صفتن مطابق ۽ ظاهري توڙي باطني طور عامل ۽ ڪامل آهي. اهڙا ٻيا بيت بہ آهن. جيئن

جڪرو جس ڪرو، ٻيا مڙيئي ملهہ (۲ ـ ۳)

جڪرو جس ڪرو، ٻيا مڙيئي انيرا (۲ ـ ۴)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس شان جي شاهدي قرآن حڪيم مان حاصل ڪندي، لطيف چوي ٿو:

جڪرو جُوڙِي، پَاڻ ڏٺيءَ پيدا ڪيو،
جڪري جيهو جوان، ڏسان ڪونہ ڏيهہ ۾،
مُهڙ مڙني مرسلين، سرس سندس شان،
"فڪان قاب قوسين اوُ ادنيٰ" اي ميسر تيس مڪان،
اي آگي جو احسان، جنهن هادي ميڙيم مهڙو.
(٢ ـ ١٠)

شاهہ "لَڪُم دينڪم ولي دين" جو قائل هو. ڇو تہ صوفين وٽ دل صاف رکڻ اهم آهي ۽ نہ ڪي تعصب ۽ نفرت. (٢) صوفي تڏهن تہ هر هنڌ رحمت الاهي جي پالوت پسن ٿا.

ڪري آس اپار، پارِيَ جهلبيو نہ رهي،
ٻيلي، گرنار، اٺو گنگا جر جڪرو.
(٢ ـ ١٣)

ڏمريو تان ڏي، پر ڇيو تان پاٽ پري،
جُنگ جڪري ڪي، ٻئي ڇگيون ڇٽ ۾.
(٢ ـ ٥)

خداوند ڪريم جي ورهاست جا اصـــــول ئي نرالا آهن. جي ڪنهن پل ڏمــري تہ بہ رحـــمت جو هٿ ڪونہ لاهي، جي پرچي تہ پالوت ڪري. من جي ميرلاهڻ ۽ اندر کي اجرو ڪرڻ سان رحمت جي پالوت پاڻ زياده ٿئي ٿي. ان لاءِ نفس کي نڪيلي وجهي قابو ڪرڻو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندو. لطيف اهڙي رهنمائي ڪندي چويٿو:

ليبي لعنتيءَ ڪي، جو آڻِيءَ ۾ آهي،
انڌو مون عليل سين، سينو ٿو ساهي،
علي شاهه! اچيج تون، تنهن ڪافر تي ڪاهي،
لٽي وجهه لاهي، مٿو مجوسي جو.

( ٣- ١)

نفس جون چار حالتون ٿين ٿيون. پهرين حالت اماره آهي، جيڪڏهن ان جي اصلاح ڏانهن توجهه نه ڏنو ويو ته پوءِ اُهو پنهنجي سرڪشي ۾ ترقي ڪري ويندو ۽ انسان مان حيوان، حيوان مان درندو ۽ درندي مان شيطان بڻجي پوندو. (٣)

هن بيت ۾ لعنتي، عليل، علي شاهه، ڪافر ۽ مجوسي جون علامتون ڏنل آهن. "لعنتي، " "ڪافر" ۽ "مجوسي" نفس اماره ڏانهن اشارو آهي. "عليل" انسان جو پنهنجو بيمار وجود آهي. "علي شاهه" دانائي، فهم ۽ فراست جي علامت آهي. هن ۾ لطيف سرڪش نفس کي تنبيهه ڪرڻ لاءِ ۽ پاڻ بچائڻ لاءِ دانائي جي دروازي (حضرت علي رضه) کان فهم جي خواهش ٿو ڪري.

وڳند وري آئيو، بدو سين بدبوءِ،
خداوند ڏي خوشبوءِ، ته سرهو ٿيان سپرين.

( ٤ - ٥)

نفس کي قابو ڪرڻ لاءِ جتي فهم ۽ بصيرت جي ضرورت آهي، اتي خدا جي خوشنودي به درڪار آهي. نفس اماره جي حالت تي اچڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان اڳ ۾ اصل نفس (لواما) کي تائيد غيبي سان الهام ٿيندو آهي ۽ گناه کان باز رکڻ لاءِ خبردار ڪيو ويندو آهي. "اها تائيد غيبي مختلف طريقن سان ٿيندي آهي ... ڪڏهن انسان کي صحيح دليل ۽ خيال جي ذريعي گناه کان روڪيو ويندو آهي. ڪيترن کي فرشتو باطن ۾ آواز ڏيندو آهي. جيئن حضرت يوسف عليہ سلام جي، زليخا جي سڏڻ تي رهنمائي فرمائي وئي." (۴)

هتي وڳند هڪ ناتوان ۽ ڪمزور انسان جي علامت ۾ ورتو ويو آهي. انهي سلسلي جا ڪجهہ بيت هي آهن:

وڳند وري آئيو، نسوروئي نرگ. (۴ ـ ۱۰)

وڳند وري آئيو، ڪنو ٿي ڪوجهو. (۴ ـ ٦ )

وڳند وري آئيو، بدو بي نماز. ( ۴ ـ ۱۱)

مٿين ٽنهي بيتن ۾ وڳند کي انساني نفس جي علامت طور ڏيکاريو ويو آهي. "عطر" کي پاڪائي جي اهڃاڻ ۾، ۽ نرڳ بيڄزائي آهي تہ سرڳ ان جو ضد. جتي "بي نماز" ڪم آيو آهي، اتي ان جو ضد "باز" جي علامت ڏني وئي آهي، جيڪو آسمان تي اڏامي ٿو.

اهڙي ريت "باز" تتر جو طالبو آهي تہ انسان (وڳند) سرهاڻ جو.

ابوالقاسم قشيري لکي ٿو تہ "اخلاق حميده ۽ خير جو مرڪز روح آهي ۽ ڪريل اخلاق ۽ رزيل خيالن جو سرچشمو نفس آهي .... هڪ نور آهي تہ ٻيو نار يعني هڪ ملائڪ تہ ٻيو شيطان." (۵)

مٿين بيتن ۾ بہ ساڳي طرح علامتن جو تڪرار آهي. هڪ طرف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روح آهي تہ ٻي طرف نفس. ٻنهي جي جنگ جُڳن ڪـــان جاري آهي. وڳند ( سچي انسان ) تي شيطاني قوتن جو حملو جاري رهي ٿو پر هو انهن تي روحاني قوتن سان غالب رهي، سرخرو ٿئي ٿو.

حاصل ڪلام تہ سُر بلاول ۾ شيطاني وجود تي حاوي ٿيڻ جا گس ٻڌايل آهن ۽ انهن قــوتن جي نشــاندهي ڪئي ويئي آهي جيــڪي موجوده زندگي کي سرگ ۾ تبديل ڪري، انساني عاقبت کي سونواري ۽ سڌاري سگهن ٿا.

## حوالا


١. عبـاسي، تنوير: "شـاهہ لطيف جي شـاعري" ـ شـاهہ لطيف ثقافتي سوسائٽي، ڪراچي ـ ١٩٧٦ع ـ ص ـ ١٢٢

٢. عباسي، تنوير: "شاهہ لطيف جي شاعري" (جلد ٻيو) ـ نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد. ١٩٨٥ع ـ ص ـ ٦٠

٣. ڪلاچوي، نور محـمـد سروري: "عـرفـان" (جلد ٻيـو) سـال درج ناهي. ص ـ ١۴٦.

۴. ............ ايضا ......... ص ـ ١۴٦

۵. "مقالات سيرت" ؛ وزارت مذهبي امور، حڪومت پاڪستان، اسلام آباد ـ ١٩٨٦ع ـ ص ـ ٨۴.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سليم ميمڻ

# وڳنڌ سان ورونهه

انساني فطرت ۾ جيڪي خوبيون آهن انهن تي طنز ۽ مزاح جو عنصر به شامل آهي. اهو عنصر ڪن ماڻهن ۾ گهٽ ۽ ڪن ماڻهن ۾ وڌ تئي ٿو. ڪي ماڻهو نهن ڪان وٺي چوٽيءَ تائين خوش طبع ٿين ٿا. هر وقت پيا کلندا ۽ کلائيندا ۽ ڪي ماڻهو ڪڏهن چرچو ڀوڳ ڪندا تہ اهڙو جهڙو لوهارڪو ڌڪ. مختلف ملڪن جي ادب جا ڪتاب طنز ۽ مزاح جي حڪايتن ۽ بيانن سان ڀريل آهن ۽ ڪيترن شاعرن جو ڪلام خوش طبعي ۽ مزاح سان ڀريل آهي. ڪيترن شاعرن تہ چيوئي صرف مزاحيہ ۽ طنزيہ ڪلام آهي. ڪيترن عالمن، اديبن، شاعرن، صوفين ۽ بزرگن ۾ پياتيءَ جا اهڙا واقعا ملن ٿا جي پر لطف مذاق ۽ سنجيده کل ڀوڳ وارا آهن. اسان جي پياري نبي صلعم ۽ سندن اصحاب سڳورن جا بہ اهڙا واقعا ملن ٿا. پاڻ حضورجن پنهنجن اصحابين سان دل لڳي ڪئي آهي ۽ سندن اصحابين پڻ ساڻن مزاح ڪئي آهي.

سنڌ جي عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف جي زندگيءَ جي احوال جي مطالعي مان ڪيترا ئي اهڙا واقعا ملن ٿا جو شاهہ عبداللطيف پر لطف مزاح ڪئي آهي. ڪڏهن ڪڏهن سندس فقيرن بہ شاهہ سان دل لڳي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي آھي. ان سلسلي ۾ شاھ عبداللطيف ۽ مدن جا معرڪا مزيدار ۽ با معني آھن. اھو ڏيڪاري ٿو تہ شاھ عبداللطيف ھڪ خشڪ صوفي نہ ھو، پر ھن جي زندگي باغ وبھار ھئي جنھن ۾ کل ڀوڳ ۽ مزاح جو عنصر بہ شامل آھي.

روايت آھي تہ شاھ صاحب کي ھڪ ڀيري سفر ڪندي راھوجن جي ڳوٺ ۾ رات پئجي وئي. ڳوٺ جي ماڻھن شاھ صاحب ۽ سندس فقيرن جو نہ آدر ڀاءُ ڪيو نہ ئي ماني ٽڪي جي صلاح ڪيائون. فقيرن جي سڄي رات لنگھڻ تي گذري. صبح جو پليجن جي ڳوٺ مان فقيرن لاءِ پٽ آيو جو فقيرن کاڌو. ڳوٺ جون زالون بہ پنھنجو مٽ پاڻ ھيون. انھن بہ فقيرن سان ڏاڍي زباني وٽ ڪئي. ٻئي ڏينھن جڏھن لطيف کي رات واري ماجرا معلوم ٿي، تڏھن ڪلي چيائون:

راھوجن ۾ رات، قادر وجھي نہ ڪنھنجي
رنون رب رلايون، مردن ڪھڙي بات
پليجن کان پات، پرجي آئي پٽ جي.

پٽ کان ھڪ ڪوھ پنڌ تي ھڏا ڪٽ نالي راھوجن جو شھر آھي. شاھ صاحب جي مريدن اتي پوک ڪئي ھئي. فصل تيار ٿيڻ کانپوءِ شاھ صاحب کي دعا لاءِ اتي وٺي ويا. لطيف کي لسي ڏاڍي وڻندي ھئي سو ڳوٺ مان لسي لپ لاءِ ماڻھو موڪليائون. پتو پيو تہ ڳوٺ جون زالون لسي گجڻ نالي ڳوٺ ۾ وڪڻڻ ويون آھن. لسي جو وڪڻڻ عجب ڳالھ ھئي. پاڻ خوش طبعي ڪندي چيائون:

ھڏا ڪٽيون ھليون، ڪو پياريون کھي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيئون ڪان پٽ تي، سندي ڏڌ ڏهي
ڳجهڻ سان گهي، اونڌا ڪري آئيون.

شاهه صاحب پنهنجن مريدن سان به ڪڏهن ڪڏهن خوش طبعي ڪندا هئا. هڪ ڀيري هڪ مهاڻو شاهه جي خدمت ۾ وڏي ڇاهه مان پلو سوڪڙي ڪري کڻي آيو. شاهه رحمون فقير کي، جو رڌ پچاءُ جو ڪم ڪندو هو، پلي پچائڻ لاءِ چيو. جڏهن پلو تيار ٿيو ته شاهه جي فقيرن مان ان جي منڊي ٻچو فقير، پلي جو ڦوٽو ڪڍي وڳنڌ (وَرُو) ڪائي ويو ۽ محمد عالم فقير پيچڙي هضم ڪري ڇڏي. جڏهن رحمون فقير پلو اچي شاهه صاحب جي اڳيان رکيو ته پڇيائون پلي جي منڊي پيچڙي ۽ ڦوٽو ڪٿي آهي؟ رحمون فقير سڄي ماجرا شاهه صاحب کي بيان ڪري ٻڌائي ته فلاڻا فقير اهي ڪائي ويا آهن. شاهه صاحب کي اها ڳالهه نه وڻي ته پنهنجي پيٽ لاءِ ڪاڏو پنهنجن ساٿين کان اڳ ئي ڪائي ڇڏجي. پاڻ چرچي طور چيائون:

ڦوٽو هو ڦڪرو، سو وروءَ وَر پيو
ڪاڙهو ڪلين تي، ٻچي پيڙ ڪيو
آيو جو ٿيون، تنهن پيچي نئي پاڻ سان.

شاهه عبداللطيف جو پنهنجن مريدن مان، مدن فقير سان، جو هندو هو، گهڻو پيار هو. پاڻ ان سان ڪڏهن ڪڏهن خوش طبعي ڪندا هئا ۽ مدن فقير به شاهه سان دل لڳي ڪندو هو. هڪڙي ڀيري ڪچهري ۾ شاهه صاحب مدن فقير کان پڇيو ته تون ڇا آهين ۽ مان ڇا آهيان؟ مدن فقير وراڻيو توهان ڏوڙ آهيو ۽ مان ڇائي آهيان. ڪچهري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ويٺل فقير مدن فقير تي ڏاڍو ڪاوڙيا. لطيف انهن کي ماٺ ڪرائيندي چيو تہ "مدن سچ ٿو چوي. مونکي مرڻ کان پوءِ ڏوڙ ۾ دفن ڪندا جتي مان ڏوڙ ٿي ويندس ۽ مدن فقير کي ساڙيندا جو هو رک يا ڇائي ٿي ويندو."

هڪ ڀيري شاهه صاحب مدن فقير کي چيو. "حشر ويل حساب ۾، ڪافر ڪندا ڪيئن؟"

مدن چيو سائين ان جو جواب ڪنهن ٻئي وقت ڏيندس. ٻئي ڄڻا هلندا دريا جي ڪپ تي اچي پهتا. ٻيڙيءَ وارو ٻيڙي اڳتي ڪاهي ويو هو. ٻيڙيءَ واري کي سڏ ڪيائون پر ٻيڙيءَ واري ڪن لاتار ڪري ڇڏي. ان تي مدن ٻيڙيءَ واري کي رڙ ڪري چيو، "ٻيڙي موٽاءِ اسان توکي جهجها ڏوڪڙ ڏينداسين." انهيءَ تي ٻيڙي وارو ٻيڙي موٽائي آيو ۽ شاهه ۽ مدن کي ٻيڙيءَ ۾ وهاري پار پهچايائين. مدن فقير شاهه صاحب کي چيو، "سائين" اوهان ڪنهن وقت مون کان پڇيو هو تہ:

"حشر ويل حساب جي ڪافر ڪندا ڪيئن؟"

ان جو جواب اڄ حاضر آهي: يعني

هٿ جني جو هيئن، سي ٻهرين پتڻ پار پيا.

يعني جن جو هٿ کليل هوندو، الله جي راهه ۾ ڏيندا رهندا تن جو حساب حشر ويل سولو ٿيندو.

جتي لطيف جي خوش طبعي ۽ مزاح جون حڪايتون ۽ حڪايتن جي سلسلي ۾ سندس بيت ملن ٿا اتي سر بلاول ۾ سڄو سارو هڪ داستان مزاح ڀريل بيتن جو ملي ٿو. شاهه اهي بيت پنهنجي هڪ فقير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڳنڊ عرف وَرَو سان دل لڳي ڪندي ڇيا آھن. انھن بيتن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ شاھہ جو ھي فقير ڪم جو ٽوٽي، پر ڪائڻ جو ڏرو ۽ پيٽر ھو. سندس اھڙن افعالن ڪري ھن جي زال بہ ڪيس ڪاڏي لاءِ ڪجھہ بہ نہ ٿي ڏي ۽ جتان ڪٿان موچڙا ڪائي شاھہ صاحب وٽ اچي ٿو. ھن ڪي اھو پڪو آسرو آھي تہ ھن گندي، ماني ۽ ماڳ موچارو ملندو. وڳنڊ گدلو ۽ بدبودار ھو جنھن مان صاف ظاھر آھي ھن کي صفائيءَ جو خيال ئي نہ ھو. جتي شاھہ جا ٻيا فقير نماز جا پابند ھئا، اتي ھي ڪم جو ٽوٽي نماز بہ نہ پڙھندو ھو.

شاھہ صاحب مزاحيہ انداز ۾ وڳنڊ جو سندس حضور حاضر ٿيڻ جو ذڪر ڪري ٿو تہ ھر ھنڌان ڌڪارجي، جوءِ وٽ ڪجھہ نہ ملڻ ڪانپوءِ، شاھہ سائين وٽ اچي ٿو ۽ اچي کيس چوي ٿو تہ "سائين! آءُ تنھنجي پيرن ڪان پري نہ ٿيندس".

وڳنڊ وري آئيو، پينارنئون پوءِ،
محڪم لڳس موچڙا، ڏرو نہ ڏنس جوءِ،
ويئو اينءِ چوءِ، تہ پيرا پاسي نہ ٿئان.

پر شاھہ سندس اندر جي حقيقت وڻندڙ انداز ۾ ٻڌائي ٿو تہ ھن ڪي لطيف وٽان اتي، لتي ۽ اجھي ملڻ جو آسرو آھي:

وڳنڊ وري آئيو، وسَنِ ڪِينَ وڏوسِ،
گندي، ماني، ماڳ موچارو، پاسي پِيرَ ٿئوس.

شاھہ نھايت پياري انداز ۾ جيئي واٽئي سان تشبيہ ڏئي، وڳنڊ جو شاھہ جي در تي ويھڻ بيان ڪري ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داتا سندي در تي، وڳند تي وينو
بصر سين بازار ۾، ڪر واٽيو ڇينو.

وڳند ڪاڏي تي ڪيئن ڪِري ٿو، ان کي شاهہ سائين تتر ۽ باز جي تشبيهہ ڏئي هيئن پڌائي ٿو:

وڳند وري آئيو، بدو بي نماز،
جنءَ تِتَر مٿي باز، تنءَ وڳند سرهاڻ تي.

—

اسور سندي آسري، وينو آ وڳند.
هَڏِ نہ ڇڏيندو هند، آيس بوءِ بهار جي.

لطيف هن پيتر جي آمد هيئن بيان ڪري ٿو:

سونهاري سَيد ڏانهن، پيتر پند پئو.

۽ سندس ٿوتائپ لاءِ چوي ٿو:

وڳندُ وري آئيو، ڪو تِڙيا ڪلاتُ.

شاهہ چوي ٿو وِڳند جيتوڻيڪ ڪم جو ٿوتي آهي پر ڪائڻ ۾ ڪرو آهي:

آسور سندو آسرو، وڳند ڪي وڏو
جُسي ۾ جڏو، پَرَ ڪيڻَ تي ڪَڙا ڪئي.

شاهہ صاحب جو سر بلاول وارو خوش طبعي ۽ مزاح وارو ڪلام، سنڌي مزاحيہ شاعري جي بنياد جو پهريون پٿر آهي. شاهہ جتي ٻين ڪيترين صنفن جي سنڌي شاعري ۾ شروعات ڪئي آهي، اتي مزاحيہ شاعري جي شروعات بہ شاهہ ڪئي آهي. مٿين واقعن ۽ بيتن مان معلوم ٿو ٿئي تہ جيتوڻيڪ شاهہ دنيا کي ترڪ ڪري تارڪي بڻيو، اتي هو هڪ زنده دل ۽ خوش طبع انسان بہ هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلام حسين رنگريز

# سُر بلاول تي هڪ نظر

”حقير جي نظر ۾ تمام وڏا ڪارناما به،
ننڍڙا هوندا آهن، پر عظيم جي نگاهه،
۾ ننڍڙيون ڳالهيون به وڏيون هونديون آهن.“

عربي ٻولي جي شاعر المتنبي جي انهن لفظن جون ساڪي عظيم ڪلاڪارن جون اُهي تخليقون آهن، جن ۾ تمام ننڍڙين ۽ تڇ ڳالهين شين مان معنيٰ جا وڏا موتي ميڙيا ويا آهن. ڪلاڪار جي اک خورد بيني جيان ذرڙن کي پرکڻ سَان گڏ هڪ معنيٰ به عطا ڪري ڇڏي ٿي.

جڏهن اسان لطيف سائين جو اڀياس ڪريون ٿا ته اسانکي سَڏ پوي ٿي ته لطيف جي نظر ۾ ڪيڏي تيزي، ڪيڏي گهرائي ۽ ڪيڏي پهچ هئي، هُن سهڪندڙ ساندائين، لوهارجي لَنون ۽ ڪڙو منجهه ڪڙي ڪان وٺي وڳر ڪري اڏرندڙ پکين تائين ڌرتي ۽ فضائن ۾ جو ڪجهه ڏٺو آهي، تنهنکي ننڍڙو نه پر تمام وڏو ۽ اهميت ڀريو ڄاتو آهي. اسان جا لوڪ داستان جيڪي صدين کان فقط داستان گوئي جي زينت بڻيل هئا، لطيف جي آغوش ۾ ايندي فڪري دنيا جو حسيني اظهار بنجي پيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سسئي، ڏوڙڏڪ ۽ جدوجهد جي علامت بنجي پئي، مارئي وطن دوستيءَ جو آئيڊيل ٿي پئي، سهڻي قرباني ۽ باد مخالف سان ٽڪرائجڻ جو ڪردار بنجي پيئي، نوري، نياز ۽ نوڙت سان گڏ سُونهن جي سگهه جي علامت بنجي پئي، ليلان حرص ۽ هَوس ۾حق کان هٽڻ جو ڪردار بنجي پئي، ڏياچ سُر سنگيت جي عظمت جو شاهد بنجي پيو ته چام ابڙو همت، غيرت ۽ سخا جو آدرشي ڪردار بنجي پيو. اها ڳالهه لطيف جي شاعرانڻي عظمت سان گڏ سندس فڪر رسا جي به اڻين ميدار آهي. لطيف سائين جي رسالي جا سيئي سُر زندگي جي انيڪ روپن ۽ مسئلن تي ڪو پيغام، ڪا فڪري واٽ ۽ گس ڏسين ٿا. اهڙي ريت سُر بلاول به فني ۽ فڪري لحاظ کان هڪ نرالو رُوپ ۽ هڪ سگهارو سڏ آهي.

سُر بلاول ترتيب جي حوالي سان

لطيف سائين جي تِڙيل پکڙيل موتين جي ميڙ سيڙ ڪري، اُنهن کي چندي چاٽي ترتيب ڏيڻ ۽ اُنهن جون پڙهٽيون مقرر ڪرڻ ۾ ديسي ۽ پرڏيهي عالمن چڱو موڪيو آهي. منهنجي اڳيان رسالي جا ڇهه الڳ الڳ نسخا موجود آهن. جِن ۾ سُر بلاول جي ترتيب ڪجهه هن ريت بيهي ٿي.

١- رسالي جو مرتب ڪلياڻ آڏواڻي، رسالي ۾ سُر بلاول جو نمبر ٣٠ آخري سُر، سُر بلاول ۾ داستان ۴، سُر بلاول ۾ بيتن جو ڳاڻيٽو ٦٥، سُر بلاول ۾ واين جو ڳاڻيٽو ۴، جملي ٣٠ سُر

٢- رسالي جو مرتب غلام محمد شهواڻي، رسالي ۾ سُر بلاول جو نمبر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۳۰ آخري سُر، سُر بلاول ۾ داستان ۴، سُر بلاول ۾ بيتن جو ڳاڻيٽو ۶۳، سُر بلاول ۾ واين جو ڳاڻيٽو ۴. جملہ ۳۰ سُر

۳- رسالي جو مرتب علامہ آئي آئي قاضي، رسالي ۾ سُر بلاول جو نمبر ۱۰ آخري سُر، سُر بلاول ۾ داستان ۴، سُر بلاول ۾ بيتن جو ڳاڻيٽو ۶۵، سُر بلاول ۾ واين جو ڳاڻيٽو ۴. جملہ ۲۹ سُر

۴- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ رسالي ۾ سُر بلاول جو نمبر ۲۳ آخري سُر، سُر بلاول ۾ داستان ــــ، سُر بلاول ۾ بيتن جو ڳاڻيٽو ۶۳، سُر بلاول ۾ واين جو ڳاڻيٽو ۳. جملہ ۳۰ سُر

۵- بمبئي ڇاپورسالي ۾ سُر بلاول جو نمبر ۲۳ آخري سُر، سُر بلاول ۾ داستان ۴، سُر بلاول ۾ بيتن جو ڳاڻيٽو ۷۶، سُر بلاول ۾ واين جو ڳاڻيٽو ۴. جملہ ۳۶ سُر

۶ - ارنسٽ ٽرمپ رسالي ۾ سُر بلاول جو نمبر ۲۱ آخري سُر، سُر بلاول ۾ داستان ۴، سُر بلاول ۾ بيتن جو ڳاڻيٽو ۶۳، سُر بلاول ۾ واين جو ڳاڻيٽو ۴. جملہ ۲۹ سُر

ڊاڪٽر گربخشاڻي واري رسالي ۾ سُر بلاول آيل نہ آهي. بيتن جي گهٽ وڌائي جوڪارڻ محققن جي پنهنجي تحقيق سبب ڪِن بيتن کي لطيف سائين جو ڪلام نہ سمجهندي خارج ڪري ڇڏڻ آهي. ۽ ڪِن هنڌن تي نون بيتن جو شامل ڪرڻ آهي هِن مسئلي تي اڳيان بحث ڪنداسين.

## سُر بلاول سنگيت جي حوالي سان

لطيف سائين جي سموري شاعري غنائي شاعري آهي، انهي ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُرتبين بيٺن ۾ واين ڪي سنگيت جي حوالي سان مختلف سُرن ۾ رکيو آهي. محترم ڪلياڻ آڏواڻي رسالي جي صفحه ۴۷۸ تي ڄاڻايو آهي ته " هندستان جي ڳائڻ وديا موجب بلاول رامڪلي وانگر، هندول راڳ جي پنجن استرين مان هڪ جو نالو آهي. ٻئي راڳڻيون ڏک ڪٽيندڙ ۽ اُستتي اُچارڻ لاءِ موزون آهن."

ٺاڪر نواب علي خان جي ترتيب ڏنل سنگيت "معارف النعمات" جي پهرئين حصي ۾ ڄاڻايل آهي ته بلاول راڳ جي دنيا جو هڪ ٺاٺ آهي جنهن ۾ ڪيترائي راڳ ۽ راڳڻيون اچي وڃن ٿا. هن لکيو آهي ته:

" بلاول ٺاٺ جو ٻيو نالو شنڪر ايرن ميل آهي ۽ اُن مان راڳ بلاول پيدا ٿئي ٿو. هڪ مت ڪان بلاول راڳ ۾ ڪرج وادي سُر آهي ۽ ٻي مت ڪان ڌيوت وادي سُر اٿس. اِهي ٻئي انداز سُٺا آهن. هيءَ راڳ سمپورن آهي، يعني منجهس ست ئي سُر لڳن ٿا هيءُ راڳ صبح جي وقت ڳائبو آهي. انهي ڪي اڪثر ڪري صبح جو ڪلياڻ به چوندا آهن پربلاول جي امروهي ۾ گندهار ڪمزور هوندو آهي انڪري ڪلياڻ ڪان الڳ ٿي بيهندو آهي ۽ وڏو فرق ته مڌم جو آهي. هن راڳ ۾ ڌيوت ۽ مڌم جي سنگت تمام ڀلي لڳندي آهي." (صفحه ۱۳۹)

بلاول ٺاٺ جا هيٺيان راڳ اڄڪلهه هلندڙ آهن.

ڀهاڳ، ڀهاڳرا، شنڪر ايرن، ديس ڪار، پهاڙي، مانڊ، ديوگري، نَٽ، سُوڪل بلاول، نٽ بلاولي، ملوها، جلڌرڪيدارااليا، دُرڳا، هنس ڌن، هيم، سُر پردا، ڇيا ساڪ، پٽ منجري يا بنگال، گن ڪلي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪَڪَبا.

هن مڙني راڳن مان فقط نٽ اهڙو راڳ آهي جو شوخ آهي باقي سيني راڳن جي فطرت سپردگي واري انداز چٽو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهوئي سبب آهي جو سُر بلاول جي چئن تي واين ۾ سپردگي وارو انداز چٽي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هِن مان لطيف سائين جي راڳ وديا جي پُوري پروڙ پوي ٿي.

## سُر بلاول تاريخي پس منظر جي حوالي سان

سُر بلاول ۾ جِن ڪردارن کي مجازي ۽ تمثيلي انداز ۾ ڪنيو ويو آهي، اُهي ڪردار سنڌ جي تاريخ جي سومره دور سان تعلق رکن ٿا.سومره دور جي ابتدا ۽ پُڄاڻي متعلق مختلف مورخن جا مختلف رايا آهن. جِن مطابق ڪجهہ سالن جو تفاوت نظر اچي ٿو ۽ ڪن حاڪمن جي نالن جي گهٽ وڌائي بہ نظر اچي ٿي.

تاريخ طاهري مطابق سومرن جي سرڪار ٧٠٠ هہ کان شروع ٿئي ٿي.

مير علي شير قانع ٺٽوي جي ڪتاب تحفتہ الڪرام ۽ محمد يوسف جي ڪتاب منتخب التواريخ مطابق سومرن جي حڪومت ٤٤٥ هجري مطابق١٠٥٣ کان شروع ٿئي ٿي. ميان عبدالغني عبدالله جي ڪتاب تاريخ سنڌ ڀاڱو ٽيون مطابق سومره راڄ ٧٠٠ هہ مطابق ١٣٠٠ع کان شروع ٿي ٨٤٣ هہ مطابق ١٤٣٩ تائين هلي ٿو.

چچنامہ ”انگريزي“ جلد ٢ مطابق سومرن جي سلطنت ٤٤١ هہ مطابق ١٠٤٩ کان شروع ٿي ١٤٠٠ ع تائين هلي ٿي. مرزا قليچ مطابق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سومرا اٺين صدي عيسوي کان سنڌ جا حاڪم بڻيا.

محترم محمد حسين پنهور جي ڪتاب "Chronological Dicdimazy of Sindh" مطابق سومرن جو دور حڪومت ١٠١١ع کان ١٣٥١ ع تائين ڦهليل آهي. دودي چنيسر ۽ عُمر مارئي جا داستان هِن دور سان لاڳاپيل آهن. مورخن جي متضاد راين ۽ داستان گوئي جي خيالي ۽ غير تحقيقي ڏنڊ ۾ ويڙهيل هيءُ دور وڌي ڇنڊ ڇاڻ جو گهرجائو ۽ طالب آهي.

"منتخب التواريخ" مطابق سومرن ۾ پونگر نالي ٽي حاڪم ٿي گذريا آهن. جن جا سن ترتيبوار هن ريت آهن. ٤٤٦ هه، ٧١٨ هه ۽ ٨١١ هه.

چچنامہ "انگريزي" جلد ٢ جي ترتيب مطابق پونگر نالي جا ٽي حاڪم ٿي گذريا آهن. پهريون ٤٦١ هه مطابق ١٠٦٨ع، ٻيو ٧١٥ مطابق ١٣١٥ ۽ ٽيون ٨٠٣ هه مطابق ١٤٠٠ ع (اِهي وفات جا سن لکيل آهن.)

محترم محمد حسن پنهور جي ڪتاب " ڪرانا لاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" مطابق پونگر نالي ٽي حاڪم ٿي گذريا آهن. هڪ ٤٤٦ هه مطابق ١٠٥٤ع، ٻيو ٥٩٠هه، مطابق ١١٩٤ع ۽ ٽيون ٧١٥ هه مطابق ١٣١٥ع.

اهڙي ريت تاريخ جي ورقن مان هڪ کان وڌيڪ دودو نالي سومره حڪمران جو به پتو پوي ٿو. صاحب منتخب التواريخ مطابق دودو نالي چار حڪمران ٿي گذريا آهن. جن جا ترتيبوار سن هيٺين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريت آهن.

١- دودو - ٤٦١ هہ کان ٤٨٥ هہ تائين

٢- دودو - ٥٧٣ هہ کان ٥٨٧ هہ تائين

٣- دودو - ٦٥٣ هہ کان ٦٧٧ هہ تائين

٤- دودو - ٧٥١ هہ کان ٧٧٦ هہ تائين

چچنامہ "انگريزي" جلد ٢ مطابق

١- دودو - ٤٨٥ هہ مطابق ١٠٩٢ع

٢- دودو - ٥٩٠ هہ مطابق ١١٩٣ع

٣- دودو - ٧٥٨ هہ مطابق ١٣٥٦ع

ڪتاب ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ مطابق

١- دودو - ٦٩- ١٠٦٨ع

٢- دودو - ١١٩٤ع تائين راڄ ڪيو.

٣- دودو بن ڳنيرو ثاني - ١٢٥٩ کان ٧٣-١٢٧٢تائين

٤- دودو - ٧٣٣ هہ مطابق ١٣٧٨- ١٣٣٢ (تحفتہ الڪرام جي حوالي سان)

مذڪوره بالا حقيقتن مان اندازو ٿئي ٿو تہ دودي چنيسر جي روايتي ڪهاڻي ۾ ڪافي جهول آهن. ڀونگر بعد حاڪم ٿيندڙ دودو اول اُهو دودو نہ آهي جنهن سان هي داستان وابستہ آهي. اهڙي ريت دودو نمبر ٢ ڀونگر کان پوءِ نہ پر عمر کان پوءِ حاڪم ٿيو آهي. البتہ دودو نمبر ٽيون جنهن لاءِچيو وڃي ٿو تہ دودي چنيسر داستان وارو دودو اِهو آهي، ڪي قدر سمجهہ ۾ اچي ٿو پر هتي بہ مُونجهارو پيدا ڪندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقت هيءَ آهي تہ پونگر ڪان پوءِ خفيف نمبر ٻيو حاڪم ٿئي ٿو ۽ انهي ڪانپوءِ دودو ٧٥٨ هہ ۾ حاڪم بنجي ٿو. انهي حوالي سان ڏسجي تہ دودي ۽ علاءُالدين خلجي واري جنگ تاريخي اعتبار ڪان هڪ افسانو آهي، ڇاڪاڻ تہ علاءُالدين جي وفات تاريخ فرشده مطابق ٧١٦ هہ آهي. محترم محمد حسن پنهوربہ اهو سن ١٧-١٣١٦ع ٧١٦ هہ ڄاڻايو آهي. جنهن مطابق ڪنهن بہ دودي جي دور سان هي دورٺهڪي نٿو اچي. ٻي حقيقت جيڪا داستان ۾ ڄاڻائي ويئي آهي تہ علاءُالدين بذات خود دهلي ڪان لشڪر وٺي دودي تي ڪاهي آيو هئو سابہ درست نہ آهي. تاريخ جي ڪتابن ۾ ڪٿي بہ سندس سنڌ تي ڪاهي اچڻ جو ذڪر نہ آهي. البتہ سندس سپهہ سالار سالار خان، الغ بيگ ۽ ظفر خان جي ڪاهن جو زڪر ضرورو ملي ٿو. انهي ڪري دودي چنيسر جي ڳاهن ۾ علا ءالدين خلجي جي آمد ۽ جنگ ۾ شرڪت ۽ مڪالہ بازي سڀ ڄاڻ ٻوجھ مٿان گهڙيت لڳن ٿا. رسالن ۾ علاءُالدين جي نالي سان آيل هيٺيان ٻہ بيت بہ انهي فسانہ طرازي جو حصو آهن.

علاءُالدين آئيو، تِہ جي هاٿيءَ هاڪ هَئي،
پڳو ڪوٽ ڪُفار جو، پٿبي ٻَج پئي،
آرڻ ٻَدي ابڙي، ٿــي رڻ ۾ رُڪ رئــي،
تيغن تاءُ تکو گهٽو، سگهي ڪونہ سهي،
رَب هبلي "امتي" چڙهيو چام چئي،
سمي سامَ ڪنئي، سرَڻين جو سک ٿيو.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علاءالدين آئيو، ڪٽي ڇَلِ ڇڳيرُ،
ڪَهِين ڪونہ هِمتئو، ڪات جهليندو ڪير،
سُومِرن سامَ ڪٽي، ابڙي ڪئو اٺ پير،
هو مُهائين مِيرُ، پر مستوراتن مارئو.

غالباً انهي تاريخي سقم جي ڪري علامہ آئي آئي قاضي سُر بلاول ۾ مٿيان ٻئي بيت شامل نہ ڪيا آهن. انهن بيتن جي ڪمزوري جو ٻيو پهلو هيءُ بہ آهي تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب واري رسالي ۾ پهرئين بيت جي تي سٽ هِن ريت آهي.

” تيغين تاءُ طيب ڇئي، سگهي ڪونہ سگهي.“

جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ هي بيت طيب نالي ڪنهن سگهڙ جو آهي. هتي هي بہ سوال اُڀري ٿو تہ علاءالدين جي اچڻ سان ڪُفر جو ڪهڙو ڪوٽ ٽُٽو جو ٻَج ۾ هراس ۽ ڊپ پکڙجي ويو. ڇام جي حوالي سان پنجين مصرع جو مضمون مٿئين ٻن مصرعن سان متضاد لڳي ٿو جيڪا هڪ عاميانہ ڇُڪ آهي ۽ لطيف سائين اهڙي ڇُڪ نٿو ڪري سگهي. علاءالدين جي ڪردار جي چند ڇاڻ ڪندي محترم مير حاجي محمد بخش ٽالپر لکي ٿو تہ:

”سنڌ تي ڪاهيندڙ اهو علاءالدين تُرڪ شيرين هئو جيڪو اصل سمرقند جو حاڪم هو جنهن ٧٢٧ هہ مطابق ١٣٢٦ ع ۾ چنيسر جي چَرچ تي سنڌ تي ڪاهہ ڪئي.“

(نئن ماهي مهراڻ ۴/١٩٦٧)

بهرحال هيءُ حقيقت بہ وڌيڪ تحقيق طلب آهي. اسان وٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ نويسي جي سلسلي ۾ سائنسي بنيادن تي ڪوبہ تحقيقي ڪم نہ ٿيو آهي جنهن ڪري ماضي جون ڪمزور روايتون بہ سند طور قبول ٿينديون رهيون آهن. ايتريقدر جو اسانجا ڏاها ماڻهو بہ پنهنجي لکتن ۾ انهن غلطنين جو ورجاءُ ڪندا رهيا آهن. محترم شيخ اياز جي منظوم ناٽڪ "دودي" جو موت" ۾ بہ علاءُالدين خلجي جي حوالي سان ساڳئي غلطي ٿيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

سُر بلاول جي اڀياس ڪانپوءِ هيٺيان سوالبہ اڀرن ٿا تہ جڏهن اُنهي دور جي هڪ ٻئي ڪردار ابڙي سمي جي سام جهلڻ ۽ سامن تان سِر ڏيڻ ڪي تہ لطيف سائين ڳايو آهي پر هن سڄي سُر ۾ ڪٿي بہ دودي چنيسر ۽ ٻاگهل ٻائي جو ذڪر ڇو نہ ڪيو آهي؟ ڇا ڪٿي ائين تہ نہ آهي تہ دودي چنيسر جي ٽڪراءُ ڪي دنيا داري جي هَوَس ۽ تاج تخت جي تڪرار سان تعبير ڪندي لطيف سائين اُنهي ڪي قابل توجهہ نہ سمجهيو آهي؟

هن سُر ۾ مکيہ ڪردار ڄام ابڙي سمون جوآهي. جيڪوڪڇ جو راجا ڄاڻايو وڃي ٿو. صاحب جنت السند لکي ٿو:

"جڏهن دهلي جو لشڪر ڪڇ پهتو، تڏهن ابڙي سمي بہ سومرن جي ٻاران ان لشڪر سان سخت مقابلو ڪيو. پر نيٺ هو بہ شهيد ٿي ويو. سومرن جي لشڪر ڪي ختم ڪرڻ ڪانپوءِ علاءُالدين جو لشڪر سومرن جي زالن ڪي هٿ ڪرڻ لاءِ ڏوڪيندو ويو. ڪي سومريون ڇوڪريون، جي ستيون هيون، سمي انهي ٽرتلي ۾ پئجي ويو ۽ پنهنجي لڄ لڪائڻ لاءِ ڪنهن پاسي اَٿي پڳيون. انهن جڏهن سپاهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايندا ڏنا تہ ڏٺي جي درگاھہ ۾ ٻاڏائڻ لڳيون. قادر ڪريم ڪارساز نياڻين جو سوال اگهايو. زمين ڦاٽي پئي، ڇوڪريون غارن ۾ گهڙي ويون، غارن جا منهن وري بند ٿي ويا. ڪجھ ڏانهن ويندي اڄ بہ ماڻهن کي ستين جو ٿان ڏسڻ ۾ ايندو آهي." (صفحہ ٣٢٦)

ڪن روايتن ۾ آهي تہ سومرين پاڻ کي سازي ڇڏيو. پوئين روايت پهرئين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ معقول لڳي ٿي. زمين جي ڦاٽڻ ۽ ستين جي سمائجي وڃڻ جون معجزاتي روايتون حقيقت کان دور ۾ ڏند ڪٿائن کي زياده قريب آهن. ڄام ابڙو متعلق جيڪا معلومات ميسر ٿي آهي تنهن مان پتو پوي ٿو تہ هو سمن جي هڪ شاخ ڄاڙيجاڻي مان هئو. هو ڪڇ جو حاڪم هئو. سومرن سان سندس ياري وارا ناتا هئا. مهل جو مڙس، قول جو پڪو، هٿ جو سخي ۽ دل جو ڪشادو هئو. انهن ڳڻن کي ڏي پرکي سومرن سندن نياڻيون سام طور ڪيس سونپيون. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب لکي ٿو.

" ابڙو سمون هڪ سورهيہ سردار ۽ وڏو وڙائتو انسان هيو. هن سامون جهليون ۽ پنهنجو سر ڏنائين پر سامون نہ ڏنائين. انهي ڪري سنڌ جي اعليٰ سماجي قدرن موجب هو مکيہ ڪردارن ۾ برک ۽ اُتم ٿيو. سنڌ جي اعليٰ ۽ اخلاقي شاعري ۾ پڻ ڪيس جسون ڏنيون ويون هن سورهيہ بنا ڪنهن ذاتي غرض ۾ فائدي جي سامون جهليون بي گهر ۽ بي واهہ ضعيف زال جي عزت آبرو بچائڻ لاءِ سر گهوري قربان ٿيو"

(سومرا دور صفحہ ٨٣)

بلاشڪ هن جنگ ۾ ابڙي جو ڪردار هڪ اهڙي سورهيہ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪردار آهي. جنهن قومي روايتن سچائي، بي ڊپائي ۽ قرباني جي اعليٰ آدرشن جي لڄ رکي ڇاڪاڻ تہ هن جي سامهون ڪنهن بہ مفاد ۽ ذاتي خواهش جي تسڪين نہ هئي. ٻين جي سرن ۽ ستين ڪي بچائڻ لاءِ پنهنجو سر قربان ڪرڻ ڪا معمولي ڳالهہ نہ آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو لطيف سائين ابڙي کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي.

سَرَٽيَن جا سوٽا سهي، وسيلو وِنهن،
لَڌي ڪين لطيف چئي، اڳيان لالَ لکن،
جِت ڪوڙين ڪِين ڪُچن، اُت پاٻوهي پڙرو.

—

آروڙ جي اُتيو، ڏيمن وڏائين ڏک،
لاٿائين لطيف چئي، عالمُ تان اَهُکَ،
تن سَرٽين ٿيا سُکَ،، جي اَجهي آئيون ابڙي.

—

اَبڙو، وڏڙو، سُوَڙو، سمو سُنهن سيڻ،
تَنهن ڏَر سيِ اچن، ڪنڌ نہ ڪڏي ڪچ ڏٽي.

سُر بلاول ۾ ذڪر تہ ابڙي سمي جو آهي پر هُن جي گهڻ طرفي شخصيت جي گڻن جي اُپٽار لاءِ ابڙي کي مختلف ڪردارن جي حوالن سان پيش ڪيو ويو آهي. مثلاً سمون، هاشمي، هالار ڏٽي، راهُو، ڄام، ابڙو، ڏونگر راءُ، جکرو، ڀيٽ ڏٽي، مُرسَل، ڄادم جکرو، پاندپ، ڪَرن وغيره. اِنهن ڪردارن جي حوالي سان ابڙي سمي جي گهڻ گُڻي شخصيت جو ذڪر هِن سِٽن ۾ ملي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سما تو سِر ڇَٽَ، نہ تہ پاڳارا پُرسَ ٻئا“

---

”ٻي در ڪَهين مَ وَڃ، رِيَ هاشمي هيڪڙي.“

---

”سَرَٽين ڏي سَڪَ، هَڪل سين هالار ڏٺي.“

---

”ڏينديءَ لَڪَ لطيف چي، راڄَ راهوءَ جي رَس.“

---

”تن سرٽين ٿيا سَڪَ، جي اَجهي آئيون ابڙي.“

---

”ٻئن مِڙني ڏنيون، پر ڏٺي نہ ڏنگر راءُ“

---

”جکرو جوڙي پاڻ ڏٺي پيدا ڪئو.“

---

”آچن جي ويلي، تن بورَ بخشي پِٽ ڏٺي.“

---

”مِٿي اِن مُرسَل، اصل هئي ايتري.“

---

”ڏني جادم جکري، ڇِت نہ ٻِئا ڇڙهن.“

---

”پاندپ سين نہ پاڙيان، سوين ٻئا سردار.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪين سوئي اوڙڪئو، جوءِ ڪَنين سومِ ڪَرن.“

اِهي سپئي نالا، سپئي روپ، سپئي خاصيتون ۽ سپئي علامتون هڪ ئي ذات جُون آهن جيڪو تاريخ جي صفحن ۾ ابڙو سمو جي نالي سان معروف آهي ۽ جامع صفات آهي. سهڻو به آهي، سخي به آهي، غيرت جو پتلو به آهي، قول جو پڪو به آهي، آڙين آڌار به آهي،قرباني جو ڪوڏيو به آهي، جَري ۽ بهادري به آهي. دل جو ڪشادو ۽ وڏڙو به آهي. هَر دور ۽ هر سماج کي ڪِن آدرشي ۽ مثالي انسانن جي تلاش هوندي آهي جيڪي سچ جا ساٿي بنجي، ذاتي طمع ۽ غرض کان مٿاهان ٿي رضاڪارانہ طور تي ٻين جي ڏک کي پنهنجو ڏک ۽ ٻين جي سَرهائين کي پنهنجي سَرهائي سمجهن. لطيف سائين جڏهن ابڙي سمي جو ذڪر ڪري ٿو تہ اُتي هُن جو مقصد فقط ابڙي سمي جي شخصيت کي اُڀاري پيش ڪرڻ نہ آهي پر هو چاهي ٿو ۽ پيغام ڏي ٿو تہ هر ماڻهو پاڻ ۾ اهڙا گڻ پيدا ڪري پاڻ کي آدرشي ۽ مثالي انسان بنائي.

## سُر بلاول جو جوهر

اسان وٽ سُگهڙن کان وٺي ويندي چگن موچارن ڏاهن تائين اِها روايت رهي آهي تہ لطيف سائين جي پيغام کي سماج، ڌرتي ۽ عوام کان ڪاٽي اُن کي غير ضروري طرح آسمان تي اُڏايو ويندو آهي ۽ سندس فڪري پيغام جا ناتا صديون اڳ جي واقعات سان سلهاڙيا ويندا آهن. ائين ڪندي هِي وساريو ويندو آهي تہ تخليقڪار جو فڪر ڪيڏو بہ اُوچاين کي ڇُهندڙ هُجي پر سندس جڙون ڌرتي ۾ ئي هُونديون آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏرتي ٿي هُن جي فڪري اُڏام لاءِ هُن کي سگهه عطا ڪندي آهي.

سُر بلاول ۾ همت، بهـــادري ۽ جرئت جو پيـــغام آهي پر اها بهادري ۽ جرئت جارحانہ نہ پر مدافعتي آهي. پنهنجي حقن جي مدافعت، پنهنجي لوئي ۽ لڄ جي مـــدافـــعت، پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتي واسين جي مدافعت. اها مُدافعت اندر جي دنيا جي بہ هوندي آهي يعني لوڀ، لالچ، هَوا حـرص جي خلاف ذهن ۽ ضـمـيـر جي پاڪائي ۽ بقـا لاءِ بہ هوندي آهي، جيڪا ماڻهوءَ کي رضاڪاريت، خود ضابطگي، خود قرباني ۽ اعليٰ آدرشن جي ميڄتا سيکاريندي آهي.

ڪڍي ڳهل ڳهران، صُلح ڪـر سـلطان سين،
تہ تُون تنهـن دران، ڏيـهاڙي ڏان لهـين.

—

سمون تَن سَڏ ڪري، جن تـي وڏو ويـر،
اَئي تہ آجي ٿيـان، پـاءِ پـاڪوڙي پيـر،
تو ريءَ پيو ڪير، سرڻين جا سوڻا سهي.

—

سَرڻين جي سَڪَ لئي، سـامـرَ ڪنئـي سـردار،
جي آيون ابڙي جي آڏار، سي سَونگ نہ ڏينديون سومريون.

سخاوت، سُر بلاول جو مُکيہ موضوع سُخن آهي. لطيف سائين پنهنجي سموري ڪلام وانگيان جڏهن سخاوت جو ذڪر ڪري ٿو تہ سنڌ کان ٻاهر جي سخيءَ جو ڪردار منتخب نہ ٿو ڪري. جيتوڻيڪ سخاوت ۾ حاتم کي يڪتا سمجهيو ويو ٿي پر لطيف سائين ابڙي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيٽ ۾ حاتم کي ليکي ۾ ئي نٿو آڻي. جيئن چيو اٿس:

پاندپ سين نہ پاڙيان، سوين پيا سردار،
آهي مِثل مِينهن جي، سخي! تنهنجي سارَ،
حاتم هردَہ هزار، جُهڙ تنهنجي جَهپيا.

ماڻهوءَ جي من ۾ خود غرضي ۽ ذاتي آسائشن جي سَڌ چچڙ جيئن چهتيل رهندي آهي. سنڌيءَ ۾ عام چوڻي آهي تہ ”ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.“ اهڙيءَ صورتحال ۾ بي واهن جو واهرو ٿيڻ، گهرجائن جو گهٽگهرو ٿيڻ، ڏکين جو هڏڏوکي ٿيڻ ۽ هڙان وڙان ٻين جي واهر ڪرڻ لاءِ دل ۽ دولت جا دروازا کولي رکڻ ڪِن ڪِن ماڻهن جو ئي وَڙ هوندو آهي.

لطيف سخاوت کي ساراهيندي سيکاري ٿو تہ ٻين جو ڀيلي ٿيڻ بہ سخاوت آهي. قولن ۽ ٻولن سان علم ۽ ڄاڻ جي ونڊ ورڇ ڪرڻ بہ سخاوت آهي. فن ۽ هنر کي ٻين ڏانهن منتقل ڪرڻ بہ سخاوت آهي. ٻي اجهن جو پرجهلو ٿيڻ بہ سخاوت آهي. پنهنجن ۽ پراون جي امتياز کانسواءِ سيني سان وڙ ونڊڻ بہ سخاوت آهي. روئندڙن جا لڙڪ اُگهڻ ۽ پنهنجون خوشيون ٻين سان ونڊڻ بہ سخاوت آهي. ڌرتي بہ تہ سخي آهي. ڪنهن ڪنهن کي ڇا ڇا نٿي عطا ڪري؟ دل دريا ۽ سمنڊ سينا هُجن تہ ڇا ڇا نہ ٿو سمائجي سگهجي.

خواجہ معين الدين چشتي جو ارشاد آهي.

”وليءَ جي سُڃاڻپ هيءَ آهي تہ هن ۾ سج جهڙيءَ شفقت، زمين جهڙي نرمي،۽ درياه جهڙي فياضي هُجي.“ جمع نہ ڪري، منع نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري، طمع نہ ڪري."

انسانيت جو اهو ئي معراج آهي. اِنهيءَ حوالي سان ابڙو هڪ تمثيل آهي، هڪ مثالي ۽ آدرشي انسان جي، سُر بلاول جا بيت اِنهيءَ جا ترجمان آهن.

تَڙ تَڙ ڪيم تَرس، سَر نهارج سيرو،
ڏيندءِ لک لطيف چئي، راڄ راهوءَ جي رَس،
وِلها جنهن ونهيان ڪيا، پاڳ تنهن جي پَس،
ڪوڙين لاهي ڪَس، جي ڳالهائي ڳات ڪٽي.

---

آءُ جکرو جهيو، پرس پسان ڪو نہ پيو،
وائي جنهن جي وات ۾، ڏيو ۽ ڏيو،
وجي چو نہ وِهو، آن در متي مڱڻان.

---

ڏئي جادم جکري، چِت پيا چڙهن ڪِينَ،
سمون تن سارون لهي، جي مڻاءِ مسڪينَ،
انهيءَ مَلَ مُبين، لڏي سار سيين جي.

---

سمون سخاوت جي، وينو پُڄي پَر،
ڪوئيو ڪنگالن ڪي، ڏئي دلاسا دَر،
متي وِلهن وَرِ، ڏيهائي ڏاتار جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر بلاول جي ڪجهہ بيتن جي تنقيدي ڇنڊ ڇاڻ.

سُر بلاول جي بيتن تي نظر وجهڻ ڪـــان پوءِ ڪن بيتن جي صـحت ۾ سـقم نظر اچي ٿـو. ڪِن بيتن جي ڪِن لفظن جون مـعنائون مُرتب ڪندڙ محققن صحيح نہ ڏنيون آهن ۽ ڪِن لفظن جون پڙهڻيون بہ درست نہ رکيـون ويون آهن. مـغربي مـحـقق ايڇ ٽي سـورلي رسـالي جي ترتيب ۽ تدوين ۾ بيتن جي صـحت تي تحـقـيـقي نظر نہ وجهڻ جي شڪايت ڪندي لکيو آهي تہ

"The poems, as we know them today, have however, suffered from the fact that they were not written down as composed. They have also been subjected to careless compilation by persons unfamiliar with literary tradition and illeguipped with scholarly taste. In the form in which they now exist there is much extraneours matter. It is often difficull to say with any accuracy whether a doubtful passage is the work of Shah Abdul Latif or not. The manuscripts of the poems are very discrepant in this respect. Among the more obvious signs of careless compilation and lack of literary taste are the frequeut incorporation in the poems of explanatory asides like 'As Shah Latif says' and the insertion of short verses by other poets, as for instance Inyat, Lakhmir and Junejo,"

(Shah Latif A Poet of All times p 129)

ترجمو: بيتن جي اُها صورت جيڪا اڄ اسان کي نظر اچي ٿي در حقيقت شڪار ٿي آهي هن ڳالهہ جو تہ اُهي جيئن ٺاهيا ويا هئا تيئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکيا نہ ويا. اُهي ادبي روايت ۽ علمائي ذوق کان وانجهيل ماڻهن جي غير سنجيده ترتيب ۽ تدوين واري عمل جو بہ شڪار رهيا Aهن. موجوده وقت اُهي جنهن شڪل ۾ موجود آهن تن ۾ ڪافي اوپرو مواد بہ شامل آهي. اهو تمام مشڪل آهي. جو تُز ۽ حتمي طور چئي سگهجي تہ فلاڻيون مصراعون لطيف جون واقعي آهن. يانہ بيتن جا نسخا انهي سلسلي ۾ ڏاڍا سقيم آهن. (پَلن چُڪن سان ڀريل آهن) غير سنجيده ترتيب ۽ ادبي ذوق جي اڻاٺ جو پتو هنن ڳالهين مان بہ پوي ٿو تہ ڪن بيتن ۾ غير ضروري طور تي ”شاهہ لطيف چئي“ ۽ڪن ٻين شاعرن جهڙو عنايت، لکمير ۽ جوٽيجو جون مصراعون ٽنبيون ويون آهن“

ايئ تي سورلي جي انهي راءِ ڪانپوءِ ڪيترن ئي محققن لطيف سائين جي شاعري جي چند چاڻ ڪندي ڪيترا بيت رسالي مان خارج ڪري ڇڏيا. علامہ آئي آئي قاضي صاحب تہ سڄو سُرڪيڏارو ئي خارج ڪري ڇڏيو. تنهن هوندي بہ ڪيترائي بيت اڃا بہ رهجي ويا آهن. جيڪي پنهنجي عاميانہ رنگ ۽ فڪري ڪچائي جو مثال پاڻ خود آهن. انهي سلسلي ۾ اڃا بہ وڏيڪ تحقيق جي شديد ضرورت آهي. اسان عقيده پرست ماڻهو هئڻ ڪري اهڙي عمل کي رسالي سان هٿ چراند تصور ڪندي انهي ڪم جي ويجهو وڃڻ لاءِ تيار نہ آهيون. مورڳوئي هزارين روپيا خرچ ڪري وڏيڪ وڃايل بيت ڳوليندا ۽ ڳولائيندا وتون. اهڙي بي تُڪي ۽ لاحاصل ڪوشش جو هڪ شاهڪار ڪتاب ”املهہ اڻ تورِيا“ آهي، جنهن لاءِ دعوٰي ڪئي ويئي آهي. تہ هندستان مان لطيف سائين جي جاڪوڙي فقيرن وڏي محنت سان اُهي بيت ڳولي هٿ ڪيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي هيستائين رسالن ۽ ڪتابن جي صفحن جي زينت نہ بڻجي سگهيا هئا. جڏهن تہ حقيقت هي آهي تہ "املهہ اڻ توريا" ۾ آندل بيتن مان ڪيترائي اڳ ۾ رسالي ۾ موجود آهن ۽ ڪيترائي ٻين شاعرن ۽ سگهڙن جا آهن. جيڪي اُنهن جي رسالن ۾ وجود آهن. (هن سلسلي ۾ هڪ الڳ مضمون ۾ املهہ اڻ توريا جو جائزو ورتو ويندو)

اسان جي هيءَ دعويٰ تہ سُر بلاول جا ڪيترائي بيت گهاڙيتي، زور بيان، شعري سونهن ۽ فڪري پختگي جي معيار تي پورا نٿا لهن، انهن کي بہ ڪي محقق چئلينج ڪرڻ جو حق رکن ٿا.پر ٿيڻ ائين ڪيپ تہ انهي سلسلي ۾ چند چاڻ ۽ تحقيق جو مُريداڻو ۽ تقليدي رويو اختيار ڪرڻ بجاءِ تنقيدي ۽ عالماڻو انداز اختيار ڪيو وڃي. مرحوم غلام محمد شهواڻي پنهنجي رسالي جي صفحہ ١٢٨٣ تي خود انهي ڳالهہ جي گواهي ڏيندي لکي ٿو. "ڊاڪٽر ٽرمپ ۽ سرڪاري ڇاپي جي فقط ٽئين داستان مان پهريون بيت، جو عطا نالي سگهڙ جو لکيل آهي. سوخارج ڪيو ويو آهي"

ڊاڪٽر ارنسٽ ٽرمپ جي رسالي جي صفحہ ٦۴٨ تي اهو بيت هن ريت ڏنل آهي.

جو مُلن کي ميهٽو سوئي مُون سردار،
پُني لائي پانهجا ساقي ٿيو سُوار،
آهي اسدالله کي عطا جو آڌار،
کِلي وير ڪٽڪ ۾ حامي همتدار،
جابر ذوالفقار هر دم آهي هَٿ ۾،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علامہ آئي آئي قاضي واري ترتيب ڏنل رسالي جي سُربلاول ۾ اهي ٻئي بيت شامل نہ ڪيا ويا آهن جن ۾ علاءالدين جو ذڪر آهي ۽ جيڪي ٻين رسالن ۾ موجود آهن.

هاڻي هيٺين سِٽن ۾ اسان چند بيتن جو جائزو وٺنداسين.

سما تو سِر ڇَٽَ، نہ تہ پاڳارا پَرسَ ٻئا،
ڳهَڻ تنهنجي ڳجهي، اچي جال جڳٽ،
جَن جيهائي پَسٽَ، تن تيهائي ٻِڪئا.

شهواڻي لفظ ڳهَڻ جي معنيٰ پورهيو، محنت ۽ خدمت ڄاڻائي آهي. ڪلياڻ آڏواڻي اُن جي معنيٰ ڳهڻا لکي آهي. هي معنائون سٽن جي مفهوم سان نٽيون نہ ٿيون ڪن ڇاڪاڻ تہ محنت جو اُجورو ٿيندو آهي نہ ڪہ ڪشڪول ۾ ملندڙ ٻِڪئا. انهي ڪري هتي وڌيڪ مناسب لفظ ڳِنڻ (وٺڻ) لڳي ٿو. قاضي صاحب لفظ ڳهڻ بدران لفظ ڳهرڻ استعمال ڪيو آهي. جيڪي وڌيڪ موزون آهي.

"سَرڻَين ڏيي سُڪَ هَڪَل سيني هالار ڌڻي"

ڪلياڻ آڏواڻي هالار ڌڻي جي معنيٰ هالار جبل جو سردار جادم جڪرو ڄاڻائي اهي. ڪلياڻ آڏواڻي بہ ساڳئي معنيٰ لکي آهي. حقيقت ۾ هتي هالار جبل نہ پر هالار علائقو مُراد آهي. انهي سلسلي ۾ ڪتاب "سومرن جو دور" ۾ محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو.

"ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جو اَلهندين سامونڊي ڪناري وارو ڀاڱو ويندي ڄام نگر ۽ جهونا ڳڙهہ تائين "هالار" سڏجي چون ٿا تہ اهو هالن جو ملڪ هو انهي ڪري هلار سڏيو ويو"(صفحہ ٨۴)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ۾ اڄ به هالاري سومرا ۽ هالاري ميمڻ وڏي تعداد ۾ آباد آهن. هالار رنگاوت جي ڪم ڪان به مشهور آهي. لطيف سائين هڪ بيت ۾ انهي جو ذڪر هيئن به ڪيو آهي.

”ڳنب نه ڪاري تن ڪي جوهالاري هوءِ“

اهڙيءَ ريت اِها ڳالهه چٽي ٿي وڃي ٿي ته هالار علائقو آهي.

آروڙ جي آتئو ديمن وڏائين دانهن،
پاڄو هيو پير ڪٽي، سمو سَرٽين ڏانهن،
متان متي ٻانهن، آيوآڇي سلطان ڪي.

ڪلياڻ آڏواڻي ۽ شهواڻي ٻنهي صاحبن لفظ متان متي ٻانهن جي معنيٰ مدد لکي آهي. جيڪا درست نه آهي. هيءَ مغالطو انهي ڪري ٿيو آهي جو هنن ٻنهي صاحبن سلطان مان مُراد دودو فرض ڪئي آهي. جيڪا به صحيح نه آهي. هتي سلطان مان مراد آهي. سلطان علاءُالدين جنهن سام پيل ٻانهن جي طلب ڪئي هئي. اسان جي سنڌي ثقافت ۾ سام جهلڻ مُرسي ۽ غيرت جي نشاني سمجهي ويندي آهي. اهڙن موقعن تي جڏهن ڪا ڏر سام پيل ٻانهن واپس طلب ڪندي آهي ته سام جهليندڙ پنهنجي ٻانهن ڏکهي ڪري آڇيندو آهي. ته ٻانهن ڪپئي ته وٺ هيءَ ٻانهن باقي سامهون واپس نه ڪندس.انهي ڪري هتي متان متي ٻانهن آڇڻ جومطلب اهوئي ٿئي ٿو.

علاءُالدين آيو تنهنجي هاٿي هاڪ هنئي،
پڳو ڪوٽ ڪفار جو، پيئي ڀڄ ڀڃئي،
آرڻ ٻڏي ابڙي ٿي رڻ ۾ رُڪ رئي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيغين تاءِ تڪو گهٽو، سگهي ڪونہ سهي،
”رب هبلي اَمتي“ چڙهئو جام چئي،
سمي سامَ ڪنئي، سَرٽين جو سُڪ ٿيو.

هيءُ بيت ڪلياڻ آڏواڻي، شهواڻيءَ قاضي صاحب وارن ترتيب ڏنل رسالن ۾ ائين ئي آيل آهي پر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ واري رسالي (ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز طرفان ڇپايل) ۾ چوٿين مصرع هن ريت آيل آهي.

”تيغين تاءِ طيب چئي، سگهي ڪونہ سگهي“

جنهن مان نداز و ٿئي ٿو تہ هيءُ بيت لطيف سائين جو نہ پر ڪنهن سگهڙ طيب جو آهي. هن بيت جو انداز بہ عاميانہ قسم جو آهي. علاءالدين جي اچڻ سان کھڙو ڪُفر جوڪوٽ ٿئو جو ٻُچ ۾ هراس پکڙيو؟ مٿيون مصرعون هيٺين مصرعن جي مضمون سان متضاد لڳن ٿيون.

علاءالدين آئيو، ڪٽي ڇَلِ ڇُڳن،
ڪنهين ڪين همٿيو، ڪان جهليندو ڪير؟
سُومرين سامَ ڪنئي، ابڙي ڪيو، اَٺ پير،
هو مُهائين مِيرُ، پر مستوراتن مارئو.

هن بيت ۾ آيل لفظ ” ڪيو اَٺ پير جي معنيٰ شهواڻي صاحب لکي آهي، قاصد موڪليوءِ آڏواڻي لکي آهي ”اَٺ تي سوار ٿيو“ اسان جي خيال ۾ اهي ٻئي معنائون درست نہ آهن ڇاڪاڻ تہ روايتن مطابق سامون سمي وٽ پاڻ پهتيون هُيون نہ ڪہ سمو ڪين اٺ تي ڪٽي راهي ٿيو هئو. لفظ/ اصطلاح ”اَٺ پير ڪرڻ“ مان مراد آهي صفا نابري واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويهڻ ياسولي سنڌي ۾ ٿنيو/ آگو ئو ڏيڪارڻ. سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ هي اصطلاح استعمال ٿيندڙ آهي. جڏهن ڪو چور چوري ڪندو آهي. تہ ڪائنس مال واپس ڪرڻ جي تقاضاڪئي ويندي آهي. جواب ۾ يا تہ هو چوري قبول نہ ڪندو اهي يا ڪتو جواب ڏيئي ڇڏيندوآهي. تڏهن چوندا آهن تہ همراهہ اٺ پير ڪريو ويٺو آهي. يعني صفا نابري واريو ويٺو آهي. لهذا هتي اُن جي معنيٰ سامن ڏيڻ کان صفا انڪار ڪرڻ آهي.

بين مِڙني ڏنيون، ڏئي نہ ڏنگر راءُ،
اَٺ ڏنين آڏو ڦري، ڏنيون ڏئي ڪِئاءُ،
لوريون لڪمتاءُ، اُن متيري موتايون.

شهواڻي صاحب لفظ لوريون جي معنيٰ لنگهيون يا مڱڻهار لکي آهي. جيڪا سٽ جي مفهوم سان ٺهڪندڙ نہ آهي. آڏواڻي صاحب هن لفظ جي معنيٰ تير لکي آهي. پر متي تان تير موٽائبا نہ آهن پر تيرَ سهبا يا گسائبا يا وسائبا آهن. انهي ڪري اسان جي راءِ هيءَ آهي تہ اهو لفظ لوريون نہ پر لوڙيون يا لوڙهيون آهي. لوڙيون معنيٰ هَل، هنگاما ۽ ڏمڇر، لوڙهيون جي معنيٰ ڌاڙيلن جا حملا. لهذا هتي مفهوم ڪاهن ۽ حملن جي موٽائڻ جو وڌيڪ مناسب ٿو لڳي. هتي هن ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪرڻ بہ ضروري آهي تہ لفظ ڏنگر راءُ جي معنيٰ ڏونگر ڏٽي ڄاڻائي وئي اهي. جڏهن تہ روايتن ۾ ڏنگر راءُ ابڙي جو ننيڙو پٽ ڄاڻايل آهي. ڏنگر راءُ جي متعلق جيتوڻيڪ مبالغہ اميز روايتون آهن پر ڪنهن ريت هِن واردات سان سندس سنبنڌ موجود آهي. محترم ڊاڪٽر نبي بلوچ ڪتاب ”سومرن جو دور“ ۾ انهي سلسلي جون ڪجهہ روايتن بيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيون آهن.

١- ابڙي جي مارجڻ ڪانپوءِ سندس حويلي ۾ هڪڙن جي بيان موجب دودي جي گهر ڀونگر راءَ جائو ۽ ٻين موجب محمد جي گهر ڏونگر راءِ ڄائو جو دهل دماما وڳا. علاءالدين جي پُڇڻ تي ٻڌايائئون ته ڀونگر راءِ يا ڏونگر راءُ تو هاٿي جنگ تي چڙهي. تڏهن علاءالدين بادشاهه، جو باقي ائن چٽن سان بچيو هو، سو ڊڄي ويو ۽ اقرار نامو لکي ڏنائين ته "سنڌ سومرن" جي آهي، مون جنگ ڇڏي "پوءِ ٻارڙو ڪٽي آيا" جيڪو ڏنائين ۽ پڇتايائين. ٻارڙي ڇرڪ تي تنجڻ ڇنو، جنهن ڪان علاءالدين متاثر ٿيو. پوءِ هو واپس روانو ٿيو.

٢- ٻي روايت موجب ابڙو جڏهن جنگ ۾ مئو، تڏهن سندس پٽ ڏونگر راءِ ستن، ائن سالن جو هو، تنهن تپ ڏيئي ترار ڪنئي ۽ چيائين ته سامون نه ڏيندس. علاءالدين کي ٻڌايائون ته:

ٻين مڙني ڏنيون، ڏنيون نه ڏنگر راءِ،
آهي سو پٽ پهلوان، ناهي ساٽس جاءِ،
تنهن کي هِت گهُراءِ، آس تون ڏونگرا راءِ کي.

علاءالدين چيو ته ڏونگر راءِ کي وٺي اچو ته روبرو ٿئي. هو وڏي همت سان آيو، جنهن ڪان متاثر ٿي علاءالدين سنڌ جي گادي ڏونگر راءِ کي ڏني. (صفحه ١٢٧ ۽ ١٢٨)

ابڙو آڳاهن ۾ ڀرجهلو ٻارِي،
سمِي سُوالن کي، ويلهه وساري،
من مُني جڪرو، طاماعن تاري،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُڄي سي پاري جي عاجز اجو رن ۾.

هن بيت جي شهواڻي صاحب واري رسالي ۾ جيڪا هٽي ڏني ويئي آهي اُن مطابق پهرين ۽ٻن مصراعن جي قافين جا اُچار زير سان يعني (رِي) ڪيا ويا آهن ۽ پوين ٻن مصراعن جي قافين جا اُچار (رِي) سان ڪيا ويا آهن، جنهن ڪري ٻيت جي سُونهن ۽ ترنم کي ڇيهو رسي ٿو. هن بيت جي پهرين مصرع ۾ لفظ آڳاهن جي معنيٰ اڳيان هلندڙ/ سردار ڏني ويئي آهي جيڪا درست نٿي لڳي انهي جي وڌيڪ وضاحت هيٺ ڏنل بيت جي ڇنڊ ڇاڻ ۾ ڏسڻ گهرجي.

ابـڙو آڳاهن ۾، سير جيئن ٻيلي،
سي پَٽ ڪنهن نہ پَرِٽا جي ٿو پَڙ پيلي،
سچڻ سانوڻ مينهن جان" رُجون ٿو ريلي،
اچن جي ويلي تن بورَ بخشي پٽ ڏٿي.

هي بيت محترم ڪلياڻ آڏواڻي، شهواڻي ۽ قاضي صاحب طرفان ساڳئي شڪل ۾ ڏنو ويو آهي. خاص طرح پهرين مصرع ۾ "سير" لفظ جو استعمال ڪيو ويو آهي ۽ جنهن جي معنيٰ ڏنل آهي پرپور (وڻ) لفظ آڳاهن کي اڳيان هلندڙ يا سردار جي معنيٰ ۾ ورتو ويو آهي. انهن ٻنهي لفظن جي سلسلي ۾ اسان جي راءِ آهي تہ لفظ آڳاهن ڪنهن هنڌ/ جاءِ يا ايراضي جو نالو آهي. هِن سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچجي راءِ وڌيڪ وزندار آهي. هُو صاحب لکي ٿو:

" پهرين سِٽ مان اهڙو اهڃاڻ ڀڻ نڪري ٿو تہ "اڳاهن" يا "اڳياهن" مان مُراد ڪو شهر يا ماڳ مڪان آهي، ڇاڪاڻ تہ جيئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سپڙ“ ”ٻيلي“ (شهر يا ملڪ) ۾، تيئن ابڙو ”اڳاهن“ ۾ آهي. انهي لحاظ سان ”اڳاها“ يا ”اڳياهه“ ڪو ماڳ مڪان (يا ملڪ جو ڀاڱو) هو. اهو گمان انهي ڪري ٿئي ٿو. جو هن ڳالهه جي هڪ روايت ۾ ڄاڻايل آهي ته علاءُالدين جڏهن چڙهي آيو ته ”اڳياهه“ ۾ اچي لٿو.“ (صفحه ٨٧)

پهرين مصرع ۾ جيڪو لفظ سپر استعمال ٿيل آهي سو به در حقيقت سپڙ ٿو ڀائنجي. سپڙ لس ٻيلي جو سخي سردار هئو. لطيف سائين سپڙ جو ذڪر ٻين بيتن ۾ هيئن ڪيو آهي.

سَپڙ راتِ سنباهيا، تازي تولائي،
جو ڄاڻي نه ڪائي، تنهن سان ٻيلي ڏٺي ٻاجهه ڪئي.

يا

”سپڙ در سوال ڪر ته قيمت آڻين“

ڪِن بيتن جوانداز بيان بنهه عاميانه لڳي ٿو، انهي ڪري اُنهن کي لطيف سائين جو تصور ڪرڻ درحقيقت لطيف سائين جي شاعراڻي عظمت سان ناانصافي ٿيندي. مثلاً داستان ٽيون جو بيت پهريون.

ليبي لعنتيءَ کي، جو آٿيءَ ۾ آهي.
انڌ و مُون عليل سين، سِينو تو ساهي،
علي شاهه! اچيج تُون، تنهن ڪافر تي ڪاهِي،
لٿي وجهه لاهي، مٿو مجوسيءَ جو.

قاضي صاحب واري رسالي ۾ هيءُ بيت ڏنل آهي. اهڙي ريت داستان چوٿون جيڪو سمورو ونڪند فقير جي حوالي سان آهي ۽ جنهن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڳنڊ فقير جي ڪوجهائي، گدلي پٽي ۾ پيتوڙي هئڻ جو ذڪر چرچي ۽ طنز واري انداز ۾ ڪيل آهي. سو به عاميانه قسم جو انداز لڳي ٿو. لطيف سائين جي سموري شاعري ۾ سواءِ هن داستان جي ڪٿي به طنز مزاح جو عنصر نٿو ملي. جيڪڏهن انهن بيتن کي لطيف سائين جا بيت تصور ڪبو ته پوءِ چئبو ته لطيف سائين ۾ طنز و مزاح جو معياري ذوق موجود نه هئو. انهي ڪري اسان سمجهون ٿا ته اهي بيت ٻين فقيرن جا آهن جيڪي لطيف سائين ڏانهن منسوب ڪيا ويا آهن. مثال طور هيٺين شعرن تي نظر وجهڻ سان انهي ڳالهه جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

وڳنڊ وري آئيو، پينارنئون پوءِ،
مُحڪم لڱس موچڙا، ذرو نه ڏنس جوءِ،
ويٺو ائين چوءِ ته پير ان پاسي نه ٿيا.

هن بيت ۾ لطيف سائين جي ٻولي وارو سواد به نٿو لڀي ۽ محڪم لڱس موچڙا وارا لفظ بنهه بازاري لڳن ٿا.

داتا سندي درتي، وڳنڊ وٺيو پَسُ،
تنهنڪري روڳي کي رکس، جو آلودو آزارسين.

هن بيت ۾ جاٺايل داتا مان مُراد لطيف سائين ورتي وڃي ٿي. پلا اهو ڪيئن ممڪن آهي ته لطيف سائين پاڻ ئي پاڻ کي داتا قرار ڏيئي روڳي کي رسڻ جي گهر ڪندو هجي. اها ڳالهه ڪو ٿيون ماٺهو ئي ڪري سگهي ٿو. جيڪا سونهين به ٿي.

اهڙي ريت هينيان به عاميانه سوچ ۽ انداز بيان سبب لطيف سائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا نتا باسن

دائم آهي در تي، وڳند ويچارو،
عطر سين آرو، لڳس تي لِڏ ڪٽي.

—

وڳند "وري آئيو، نسورو ئي نَرڳُ،
گندا گلابي ڪري، سيد جو سَرڳُ،
عطر سين اورڳ تہ هينئن سدائين سُرهو.

ڪلياڻ آڏواڻي سيد جو سرڳ مان مُراد لطيف سائين جي نظر ڪرم يا صحبت ڄاڻائي آهي. وڳنڊ جي حوالي سان ائين ئي مناسب لڳي ٿو. پر سوچڻ جي ڳالهہ هي ۽ آهي تہ لطيف سائين بذات خود پنهنجي صحبت کي سرڳ سڏڻ جي هام ڪيئن هڻي سگهي ٿو. لطيف سائين جي صحبت کي سرڳ سان تشبيهہ سندس فڪرجا شيدائي ئي ڏئي سگهن ٿا. انهي ڪري هي بيت بہ ڪنهن فقير يا سگهڙ جو ٿي سگهي ٿو. ساڳيو ئي اظهار جو روپ هن بيت ۾ پسجي ٿو.

ٻاندو ٻيلي نہ ٿيو، ورو اڄ ويو،
پيٽر پنڌ پيو، سُونهاري سيد ڏي.

هتي بہ لطيف سائين پاڻ ئي پاڻ کي سوُنهارو سيد ڪيئن ٿو سڏي سگهي.

وڳنڊ وري آئيو، بَدُو بي نمار،
جِئن تتر منٿي باز، وڳنڊ تِئن سَرهاڻ تي.

لطيف سائين جنهن جي فڪر ۾ روزا ۽ نمازون بہ مڙيئي چڱا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم آهن. سو وڳنڊ ڪي بي نماز جو طعنو ڏي سو مناسب نہ ٿو لڳي. لطيف جي در تي لولي پاٿي لاءِ ايندڙ کي لطيف سائين پيٽ جو طعنو ڏي سا ڳالھہ لطيف جي شان وٽان نہ ٿي لڳي. انهي ڪري اهو بيت بہ ڪنهن فقير/ سگهڙ جو ٿو ڀاسي جيڪي وڳنڊ سان اڪثر ڇيڙ ڇاڙ ۽ مزاح ڪندا هوندا.

مٿي ذڪر ڪيل نقطا ڪي حتمي نہ آهن پر تحقيق ۽ تنقيدي ڇنڊ ڇا جا متقاضي آهن. اسان سمجهون ٿا تہ جيڪڏهن اسان جا عالم، ڏاها ۽ محقق عقيدي ۽ عشق جي اثر کان آجا ٿي سوچ ويچار ڪندا تہ لطيف سائين جي شاعري تي تحقيق جا نوان گس کلي پوندا.

## ڪتابيات


١- شاھہ جو رسالو - ارنسٽ ٽرمپ

٢- شاھہ جو رسالو - بمبئي ڇاپو

٣- شاھہ جو رسالو - ڪياڻ آڏواڻي

۴- شاھہ جو رسالو - غلام محمد شهواڻي

۵- شاھہ جو رسالو - علامہ آءِ آءِ قاضي

٦- شاھہ جو رسالو - ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ.

٧- سومرن جو دور - ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

٨- واقعاتي بيت - ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

٩- جنگناما - ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٠- ٻاروچي ٻولي - سيد نجف علي شاهہ ڪمتر نقوي
١١- سنڌي لغات - ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ
١٢- جنت السنڌ - مولائي شيدائي
١٣- تاريخ سنڌ جلد ١ - مولان اعجاز الحق قدوسي
١٤- ڪچين جا قول - محمد سومارشيخ
١٥- منتخب التواريخ - محمد يوسف
١٦- چچ نامہ ٢ (انگريزي) ترجمو مرزا قليچ بيگ
١٧- سومرن جي دور جا سورما - دادا سنڌي
١٨- نہ ماهي مهراڻ - جلد ١٩٦٧/٤
١٩- M. H. Panhrwar - Chronological Dictionory of Sindh
٢٠- Publishod by Sindh Gradutes Association _ Shah Latif
٢١- معارف النغمات - نواب ٺاڪر علي خان
٢٢- تاريخ مبارڪ شاهي - ترجمو ڊاڪٽر آفتاب اصغر
٢٣- تاريخ طاهري - سيد طاهر محمد سنياني ٺٽوي
٢٤- تحفتہ الڪرام - مير علي شير قانع ٺٽوي
٢٥- تاريخ معصومي -مير معصوم شاهہ بکري
٢٦- تاريخ سنڌ ياڳو ٽيون - ميان عبدالغني عبدالله



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نصرت حسين ابڙو

# جادم جڪرو ۽ لجپال لطيف

شــهنشــاهہ لطيف جو رســالو علم جو وڏو ڀنڊار آهي. اهو ان سمنڊ جي مثال آهي جنهن جو ڪوبہ ڪنارو نہ آهي. اهو ايترو تہ گهرو آهي جو سچي زندگي غواص غوطا هڻندا موتين جي تلاش ڪندا رهن ۽ سندن اها جستجو رات ڏينهن جاري رهندي اچي پر نہ سمنڊ ڪٽندو نہ لطيف جي علم ۾ ڪا ڪمي ايندي.

شاهہ ڀٽائي سنڌ جي تهذيب، تمدن، ادب، تاريخ ۽ ثقافت جو اڪواڻ ۽ سنڌ جي تاريخ جو نہ فقط اڪواڻ آهي پر محافظ آهي جنهن سنڌ واسين تي لک لائق ۽ قـرب ڪري پنهنجي رسـالي ۾ سنڌ جي تاريخ کي نہ فـقط مـحـفـوظ ڪيـو پر ان انداز سـان بيـان ڪيـو جو اسين سنڌواسي لطيف جي لکيل هڪ هڪ لفظ جا ٿورائتا آهيون. اهو ان ڪري ٿـيـو تہ شـهنشـاهہ لطيف کي ان ڳالهہ جو علم هو تہ سـڀاجهڙا سنڌي سندس رسـالي سـان، سندس پيغام ۽ ڪلام سـان ڪيـتري مـحبت رکن ٿـا ۽ لطيف انهن جي لاءِ ڪيتري حيثيت جو مالڪ آهي جنهن کي هن طرح بہ چئي سگهجي ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## توتي لڄ لطيف ڇئي آهي سندي عام

شهنشاهه لطيف پنهنجي لازوال ڪلام ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت کي جيڪڏهن محفوظ نه ڪري ها ته اڄ مارئي جي وطن لاءِ محبت، پنهوارن لاءِ پريت، عمر جو ڏاڍ ۽ ڏمر، سسئي جو سور ۽ سختيون، پنهل جا پلپل پور، سهڻي جو ميهار لاءِ گهڙوڪٽي گهير ۾ گهرڻ، نوري جي نياز ۽ نوڙت، ليلا جو ليلائڻ ۽ چنيسر جي چاهت، مومل جي راڻي سان رهاڻ ۽ چانگي کي چندن چارڻ جي ڪنهن کي خبر پوي ها؟ تاريخ دانن ته پنهنجي تاريخي انداز ۾ انهن واقعن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ڪن ها؛ پر جنهن انداز سان لطيف سنڌ جي ثقافت کي سينگاريو ۽ سنواريو آهي ان جو ٻيو ڪو مثال نه ٿو ملي.

لطيف سائين خود سيد آهي، سخاوت سندن گهر مان نڪتي. ان ڪري سخين کي ٿي سخين جو قدر ۽ قيمت ٿيندي آهي. اهوئي سبب آهي جو شهنشاهه لطيف سنڌ جي سمي ابڙي حاڪم ڄام ڄکري جي سخا جا ڳڻ ڳايا آهن جو لطيف جي لفظن ۾ سمو بادشاهه سڀني کان مٿارو ۽ مهير نظر ٿو اچي. شهنشاهه لطيف، سمي حاڪم جي ساراهه ڪندي چيو آهي ته اي سَمآ سردار! تنهنجي سونهن ۽ حُسن سڀني کان نرالو آهي، تنهنجي سر تي ڇٽ ڏاڍو سونهي ٿو نه ته پڳ ٻڌريندڙ ٻيا به ڪيترا سردار آهن. تنهنجي سخاوت لوڪان لوڪ مشهور آهي ان ڪري بي انداز خلق تنهنجي در تي سخا وٺڻ لاءِ اچي ٿي. تنهنجي سخا ۾ ڪا به ڪمي نه آهي گهرندڙ پنهنجا پنهنجا انداز مختلف رکن ٿا اهي تنهنجي آڏو پنهنجو وڏو ڪتورو يا ڪشتو اڳتي وڌائن ٿا مگر تنهنجا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لک احسان آهن جو انهن جو کشتو اوترو ئي پرجي ٿو جيتري ان جي من جي مراد آهي.

جِنِ جيهائِي پَٽ، تِنِ تيهائي بِکِيا

لوئي جي لڄ کي برقرار رکڻ، ننگن تان سر نثار ڪرڻ، سنڌ جي جوڌن جوانن جو شيوو رهيو آهي ۽ سنڌ جي سرزمين اهڙا لکين ۽ ڪروڙين سورهيه سالار ۽ سرويچ پيدا ڪيا آهن جن تي جڏهن وقت پيو آهي ته هنن پنهنجو رت ۽ ست ڏنو آهي. سخاوت جي انداز ۾ دولت بنا ماڻي جي ورهائڻ به وڏو وڙ آهي، پر سخا ۾ سر ڏيڻ سڀ کان وڏو امتحان آهي جنهن لاءِ لطيف جي چوائي، ابڙي سردار ۽ حاڪم پنهنجو وچن پاڙي ڏيکاريو.

سلطان علاءالدين سنڌ تي ڪاهي آيو. وڏي گوڙ ۽ گهمسان جي جنگ لڳي مگر سومرا خاندان جون سومريون ابڙي سردار جي امان ۽ سام ۾ هيون. اهو ابڙي سردار جو وڏو امتحان هو. جتي لوئي جي لڄ کي برقرار رکڻو هو ۽ معصوم عورتن ۽ سومرين جي سلامتي درڪار هئي اتي ابڙي پنهنجي امتحان ۾ ڪاميابي جي لاءِ پنهنجو سر ڏيڻ وڌيڪ بهتر سمجهيو ۽ ابڙي سردار جي حيثيت سان ٻين سيني سردارن جو منهن مٿي ڪيو. تاريخ کي وڏو نشان ڏنو ۽ سنڌ ۾ رهندڙ هر هڪ ابڙي ۽ سمي کي سرخرو ڪيو ۽ تاريخ جو هر هڪ ورق ابڙي جي سر جي سخا کي سلام ڪندو رهندو.

لطيف سائين سمي ۽ ابڙي حاڪم جي سخا جو ذڪر ڪندي وڌيڪ فرمايو آهي ته ابڙو سيني سردارن ۾ ائين آهي جيئن ٻيلي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر هڪ وڏو ۽ شاهي درخت هو اُهي پنڌ ۽ پيچرا تو لتاڙي جيڪي
ٻئي ڪنهن بہ نہ گھميا آهن. عام طرح سان ٿرن ۽ برپٽن ۾ پاڻي جي
بوند لاءِ پيو واجهائبو آهي پر هو اهڙو تہ سخي آهي جو ساوڻ جي
مينهن وانگر برپٽن ۾ پاڻي جي ايتري تہ پالوٽ ڪيو ڇڏي جو هر
طرف سرهاڻ ۽ سبزي نظر ٿي اچي. ڏکيو وقت تہ هر ڪنهن تي اچي
ٿو پر ڏکئي وقت ۾ سخي وٽان ڪو دان ملي تہ ان وقت ڪيتري نہ
زندگي ۾ سرهاڻ ٿئي ٿي. گهرندڙ کي پنهنجي خيرات کان جيڪڏهن
وڌيڪ ملي تہ اها اجان بہ وڌيڪ خوشي جي ڳالهہ آهي پر جي
عربي گهوڙا ملن تہ پوءِ اهو ڪيڏو نہ سخيءَ جو مٿاهون مان آهي، جيئن
ڀٽ ڌڻي فرمايو آهي:

اَچَنِ جي ويلي، تَنِ بورَ بَخِشي ڀِٽَ ڌَڻي.

شاهہ لطيف جي نظر ۾ ڄکرو سردار وڏي مان مرتبي وارو آهي.
لطيف سائين ڄکري جي سخاوت کان تمام گهڻو متاثر ٿو ڏسجي ۽
ڄکري سردار بہ ايتري تہ سخا ڪئي آهي جو سخين کان پاڻ کي مٿاهون
مان مليو اٿس. لطيف سائين چٽو چئي ٿو:

ڄکرو ڄَسَ ڪَرو، ٻِيا سَڀِ اَنِيرا.

اها ان سخي جي وڏي عظمت آهي تہ جتي ڄکرو ڄڙيو هو تتي
ٻيا نہ ڄڙيا هئا ۽ اها ڀيٽ ٻين جي مقابلي ۾ اجان بہ وڌيڪ اتم ۽
اعليٰ آهي جو هڪ سخي جي جسم جي ٿاهڻ جي لاءِ ان هنڌ تي مٽي
بہ فقط اوتري هئي جنهن منجهان ڄکري جو جسم ٺهيو. اُن جي معنيٰ
تہ هو پنهنجي ولادت کان ئي ٻين جي مقابلي ۾ پڌرو پٽ هو ۽ ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سخاوت ۾ سندس نالو ٻين کان وڌيڪ نروار آهي.

جادم جکري جي سـخاوت جو هڪ نئــون انداز آهي جو هو سخا ۽ دان ڏيڻ جي وقت پاڻ اُپي پيرين بيٺو آهي ۽ هر سوالي جي هٿ ۾ جيڪو به وٺو يا ڪشتو آهي اهو هر ڪنهن کي پيري ڏي ٿـو ۽ هر ڪنهن جي دل جي مراد پوري ڪري ٿو. جادم جکرو هر ايندڙ ويندڙ کي ڪلي ڪيڪاري ٿو ۽ ان جو مان ڪري ٿو. اهو سخا جو هڪ انوکو انداز آهي جيئن لطيف سائين چوي ٿو:

”اَچو ! آيا َنِجَ !“ سَمي وائِي واتَ ۾.

ڀٽائي بزرگ کي هر وقت سنڌ جو وڏو اونو ۽ فکر آهي هن هر وقت پنهنجي دعائن ۾ سنڌ لاءِ سڪار گهريو آهي. هو ڪيڏو نه وسيع نظر آهي جو سڄي ڪائنات جي لاءِ پروردگار کان خوشحالي گهري ٿو. سُرُ بلاول ۾ به پيٽ ڏٺي جي من جي مـراد اِها آهي ته سنڌ ۾ سـخي ۽ سخاوت جو سلسلو جاري رهي ۽ ڪوبه ڏوٿي ڏکن ۾ نـه هجي. ڪنهن جي سينڌ ميري نه هجي ۽ ڪنهن جي به لڱن تي ليڙا نـه هجن. سارنگ سدائين سار لهندو رهي، ڀٽاريون ڀڄنديون اچن، گاهه ۽ سرهاڻ هجي، مانيون مکڻ سان ٻريل هجن. سنگهارن ۾ سک ۽ سانت هجي، ڪو نه ڪنهن جو پيـري هجي ۽ نه ڪنهن جو ويري هجيک جيـڏانهن به نظر ڪجي ته پکين واري پريت هجي، موذي ته سڀ مرن پر سخين ۾ ڪا کوٽ نـه هجي. اها دعا هميشه قائم ۽ دائم هجي جيڪا لطيف پنهنجي لفظن ۾ هن طرح فرمائي ته -

آلا! جُنگَ جِيَنِ، جنين اَجهي گهاريان،
شالَ مَ سَڪي ويٿري، جٿان پِيي پِيَنِ،
مَرڪَڻَ ! آڪَرِيَنِ، تو ڏِني مُون سُکَ ٿئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الحاج رحيم بخش ”قمر“ لاکو

# مُهڙَ مِڙني مُرسَلين

لَجا دار لطيف رَحمتَ الله عَلَيہِ جن جي رُوحَانِي رِسالي ۾، سُر ”بلاول“ مختصر ۽ ننڍن سُرن مان هڪڙو سُر آهي، جيڪو رڳو چئن داستانن ۽ چئن واين تي مشتمل آهي، جنهن ۾ تمثيل طور تي، سنڌ جي سمن حاڪمن مان ڄام جکري جي سخاوت، صداقت ۽ سورهيائي جي سرس ساراهہ، وري وري واکاڻِ ۽ تعريف ڪري، سندس ڪريماڻا ڪردار کي بيتن جي صورت ۾ ڳايو ويو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ جيڪڏهن سُر بلاول جو ٿورڙي غور سان مطالعو ڪيو ويندو تہ ان ۾ خاتم الانبياء والمرسلين، رَحمَتُ لِلعَالمين، سَيِدنا مُحَمدُ رَسُولَ الله صَلي الله عَلَيہِ وسلم جن جي واکاڻ ۽ ساراهہَ ڪئي وئي آهي. ڪن بيتن ۽ واين جا ٽڪرا هِن ريت آهن:

”شَفَاعَتَ جا شَفِيعَ جي، تنهن ۾ ڦيرَ هڏ نہ آهي،
مون کي هوت حبيب ۾.

----



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميـر مُحَمدُ كـاراٽـي، آڙيَا ڇـوٽـائـي،
مون کي هـوت حـبيب ۾.

----

"رَحمَتُ لِلعالَمِين، " اَهڪئي آ ڳهہ ٽيندو.

-----

"پيريون پيري پَجُ، هي جي منجهان پورِيـون،
ہي دَرِ ڪنهين مَ وڃُ، رِيءِ هاشميءَ هيڪڙي.

----

مون کي سڪ، سَيد جئي، آهي مديني موچار.

بلاول جي پنهنجي دستان ۾ هڪ بيت اِجهو هن ريت آهي:

ميـر مُحَمدُ ڪـاراٽـي، آڙيَا ڇـوٽـائـي،
"جڪرو جَسَ ڪرو، ہـيا مِڙئي مَلَ،
مِٿي اِن مُرسَلَ، اصـل هـئـي ايـتري.

شـامل ڪيل بيت ۾ ظاهري طور تي، ڇام جڪري جي واڪـاڻِ ڪيل آهي پر مِٿي اِن مُرسَلَ" چئي حقيقت کي اجاگر ڪيو ويو. "سَمي جي سُهاڳ جي، ڪنهين نہ پئي ڪَلَ" ۾ رَسُولُ الله صَلي الله عَلَيہِ جن جي، جاڳندي حالت ۾، جسم سان معراج ماڻڻ ڏانهن اشارو ڪيل آهي، جنهن کي "سَمي جو سُهاڳُ سڏيو ويو آهي. انهيءَ مديني جي گهوٽ جن جي جسـمـاني مـعـراج ۽ امـام الانبـيـاء جن جي عُروج جي وڏيڪ وضاحت هِن ريت ڪئي وئي آهي:

جڪري جِهو جوانُ، ڏسان ڪـونہ ڏيهہ ۾،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُهڙ مڙنـي مُرسَلينِ، سَرسُ سـنـدس شَانُ،
"فَكَانَ قَابَ قَوسَينِ اَوَادني، " اِيُ مُيسرُ تيس مَكَانُ
اِيِ آڳي جو اِحسَانُ، جنهن هادي ميڙيُمِ هھڙو.

تشـريح : ـ ڀـٽـائي گـهـوٽ جن، نـہ رڳو عشق ۽ عـقـيـدت وچان فرمايو آهي تہ پاڻ سونهارن جهڙو نہ ڪو ڇايو ۽ نـڪي ڄمندو. سندن ڪوبہ ثاني ۽ شاني ڏيهہ ۾ ڪونہ آهي، پر ان سلسلي ۾ شاهہ صاحب جن حقيقت حبيب جي بيان فرمائي آهي. رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن هر طرح سان پنهنجو مٽ پاڻ آهن. بي مثال رب ڪريم، پنهنجي محبوب ۽ آخري رسول ڪريم جن کي بہ بي مثال پيدا فرمايو آهي:

جڪرو جُوڙِي، پَاڻ ڏٺيءَ پيدا ڪيو،
گهوٽ چڙهيو گهوڙي، پيچَنِ لائيا پيچرا.

پٽ ڏٺيءَ بادشاهہ جن،" مُهڙُ مڙني مُرسَلين. ۾ خاتم الانبياء صَلي الله عليہ وسلم جن کي، مڙني مرسلين ۽ رسولن جو رسول، سيني جو سردار، مڙني جو مَهندار ۽ اڳواڻ ڪوٺيو آهي، جا هڪ حقيقت پڻ آهي. پاڻ سونهارن جو بہ ان سلسلي ۾ ارشاد مبارڪ آهي: " اَنَا سَيِد وَلد آدم" (عليہ السلام) يعني "آءٌ آدم عليہ السلام جي اولاد جو سردارآهيان."

ان ڪانپوءِ شاهہ صاحب جن، سَوَرتُ النجم جي هڪ آيتِ مُبارڪ تضمين فرمـائي آهي. الله تعاليٰ جي آخري رسـول جي معـراج مبارڪ، ڪريم ڪارساز جي قرب ۽ ويجهڙائي جي واڪاڻ ڪئي آهي. انهيءَ آيت مُبارڪ جي لفظي معنيٰ هن ريت آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"پوءِ ٻن ڪمانن جي ڇيڙن جيتري وٿي هئي (يا انهي ڪان به وڌيڪ ويجهو هو.") - يعني اَلله تعاليٰ، معراج واريءَ رات، پنهنجي "مَاذون." عبد، کي، اهڙو ته قرب، ويجهڙائي ۽ ملاقات جو شرف بخشيو جو فرق رڳو ٻن ڪمان جي ڇيڙن يا ان کان به گهٽ وِٿي رهجي وئي هئي. اهڙو ڪين مٿانهون مَقَامَ، مڪان ۽ مرتبو مُيسر ٿيو هو. بيت جي آخري سِٽَ ۾ فرمايو ويو آهي ته " اِي آڳي جو اِحسَانُ، جنهن هادي ميڙيُمِ مهڙو." انهيءَ سِٽ ۾، سُوَرتُ آل عمران جي هن آيت مبارڪ ڏانهن اشارو ڪيل آهي: -لَقَد مَنَ الله عَليَ اَلمؤمِنِينَ اِذ بَعَثَ فِيهِم رَسُولا مِن اَنفُسِهِم يَتلُوا عَلَيهِم آيتِهِ وَيُزَكِيهِمِ وَيُعَلِمهُم الكِتَابَ وَالحِكمَت ج وَاِن كَانُوا مِن قَبلُ لَفِي ضَلَلِ مُبِين" معنيٰ تحقيق اَلله تعاليٰ، مؤمنن تي عظيم احسان ڪيو آهي، جڏهن ته انهن ۾ سندن ئي قوم مان (هڪ) رسول موڪليائين، جيڪو ڪين سندس آيتون پڙهي ٻڌائيندو آهي ۽ ڪين پاڪ ڪندو آهي ۽ ڪين ڪتاب يعني قرآن مجيد، ۽ حڪمت سيکاريندو رهندو آهي. ۽ تحقيق هن کان اڳ ۾ پڌريءَ گمراهيءَ ۾ (مُبتلا) هئا.

شاهه سائين جن، "اِي آڳي جو اِحسَانُ، جنهن هادي ميڙيُمِ مهڙو"، جئي اَللهَ تعاليٰ جي احسان جا ڳڻ ڳايا آهن. واقعي اهو الله تعاليٰ جو عظيم اِحسانُ آهي، جنهن اسانکي اهڙي رَسولَ اَڪرَمَ جن جو اُمتي بنايو آهي، جنهن جي اُمتي ٿئڻ لاءِ اڳيان رسول ۽ نبي سڳورا، الله تعاليٰ کي عرض ڪندا رهندا هئا.

سُر بلاول جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ وائي ۾ فرمايل آهي :



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رَحمَتُ للعاَلمِين، اهڪي آڳهہ ٿينـدو.

هتي شاهہ صاحب جن، سُورتُ الانبياء جي هڪ آيت جو هڪ ڀاڱو تضمين ڪيو آهي. پوري آيت هن ريت آهي: ”وَمَا اَرسَلناَڪَ اِلاَ رَحَمتہٰ لِلعاَلَمِينَ“ يعني ”۽ اسان، اوهان کي جُملي جهانن لاءِ رحمت ڪري اُماڻيو آهي. قُرآنَ مجيد مان روشن ٿيو تہ، رحمت للعالمين جن، آسمانن ۽ ڌرتيءَ لاءِ، ملائِڪن ۽ نبين جي لاءِ، ماڻهن ۽ جِنن جي لاءِ ۽ ڪائنات جي ذَري، ذري ۽ هر شيءَ لاءِ رحمت ئي رحمت، بَرَڪت ئي بَرَڪت آهن. انهي وائي جا پيا بند هن ريت آهن:

”جي ڏوهارين ڏاڪڙا، سي لڪ لنگهائيندو،
نور نا ڪارو نہ ڪري، مُحمد (صلعم) مِنٿ مڃيندو،
هِت پڻ حامي هن جو، اڳيان آڌار ٿيندو،
طهورا تڙين ڪي، پاندبُ پيارينـدو،
پاڻ سُجاڻي پاڻهين، ڪاملُ ڪرم ڪريندو،
تَنبو آٿي تاءِ ۾، عاصين ڪاڻِ اڏيـندو،
داتا دوزخين تان، لڪيو لَهرائيـنـدو،
اُتي عبداللطيف چئـي، هادي هٿ جهلندو.

مٿئين وائي جو خلاصو مطلب هيءُ آهي تہ، رَحمَت لِلعاَلمِين صلي الله عليہ وسلم جن، پنهنجي گنهگار اُمتين کي، قيامت جي ڏينهن پل صراط جا اوکا ۽ اڙانگا لڪ لنگهائي پار اُڪاريندو. پاڻ ڪوثر جا قاسِمَ آهن، ان ڪري تڙين کي توڙ ۽ جَنت ۾ رسائي، طهورا پياريندا. ۽ هيبتناڪ حَشَر ۾، پنهنجي رحمت جو تنبو، گنهگارن لاءِ اڏيندا، ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوزخين لاءِ دوزخ لکيل، رَب العالمين کان معاف ڪرائي کين جَنت جي جوءِ ۾ رسائيندا. چاڪاڻ تہ:

میر مُحمد ڪارڻي، اڙيا ڇوٽائي،

شَفَاعت جَا شَفِيعَ جي، تنهن ۾ ڦير هڏِ نہ آهي. واقعي شَفاعت شفيع جي عظيم، عام ۽ ڪُبري آهي، جنهن جيڪري ڪيترائي دوزخي بہ جَنَت جو ماڳُ ماڻيندا. سندن ئي ارشاد مُبارڪ آهي تہ - "شَفَاعتِي لِاَهل الکَبَائر مِنَ اُمَتِي" يعني مُنهنجي شفاعت، وڏن گنهگارن جي لاءِ آهي.

سُر بلاول جي پهرين داستان ۾، عَلَا ءالدين جي تمثيل بيان هن ريت فرمايل آهي:

عَلاَ ءالدين آئيو، تَنهنجي هاتيءَ هاڪَ هَنئي،
پِڳو ڪوٺَ ڪُفارجو، ٻيئي ٻچ ٻَئي،
"رَبِ هَب لي اُمَتي، چڙهيو چامرُ ڇٽي.

"رَب هَب لي" جو مطلب هيءُ آهي تہ، رَسولُ الله صلي الله عليہ وسلم جن جي زبان مبارڪ تي هيءَ دعا جاري رهندي تہ، اي منهنجا پالڻهار، مون کي منهنجي اُمت بخش فرماءِ. يعني منهنجي اُمت جا گناهہ معاف فرمائج. ۽ يقينا پنهنجيءَ اُمت کي سمورا اوکا لَڪَ لنگهائي پار پهچائيندا. آمين.

"لاثانين لطيف چئي، عالَمَ تان اهک."

بهرحال! بلاول ۾، چام جکريءِ ابڙي ڪانسواءِ، پنهنجي نفس سان جهاد ڪرڻ ۽ ان تي سوڀ حاصل ڪرڻ کي، وڏو ۽ عظيم جهاد قرار ڏنو ويو آهي. جنهن کي جهادِ اڪبر ڪوٺيو ويو آهي: -



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مارِمَ مُطِيعَ کي، مَجُوسِيءَ کي مَارِ،
وڏي جنگ مَ وِسارِ، ننڍيان نفعو ناهه کو.

وڏيڪ فرمايو اٿن تہ:

اصغر ڏي آهن گهڻا، تون اکبر ڏي آءُ.

اهو سراسر سچ آهي تہ، ڪافرن سان جهاد ڪرڻ، اصغر يعني ننڍو جهاد آهي ۽ پنهنجي جيءَ، جند ۽ نفس سان جهاد ڪرڻ، وڏو جهاد آهي. بلاول جي چوٿين باب ۾، لجادار لطيف جن پنهنجي هڪ فقير وِگند سان خوش طبعي ڪندي ڪافي بيت چيا آهن.

پڇاڙيءَ ۾، مان پنهنجي هن مقالي جي پڄاڻي، هن بيت تي ڪريان ٿو، جيڪو پنهي جهانن جي سردار خاتم الانبياء وَالمرسلين صلي الله عليہ وسلم جن جي سَخَاوت، صداقت، صَبر ۽ سورهيائي ۾ چيو ويو آهي:

پَانڊِپ سِين نہ پاڙيان، سوين پيا سردار،
آهي مِثل مينهن جي، سَخي تنهنجي سارَ،
حَاتِم هَڙده هزار، جُهڙ تنهن جي جهپيا.

”پانڊِپ“ جي معنيٰ، سردار ۽ سرواڻ آهي. حقيقت ۾ پاڻ سونهارن جي سَخاوت وَڏَ ڦڙي مينهن کان بہ وڌيڪ ۽ اُتم آهي. جنهن تي هزارين حاتم، صدقي ۽ قربان پيا ٿين. اهوئي سبب آهي جو، سورت توبه ۾، الله تعاليٰ جو ارشاد آهي تہ ”اغنَاهُمُ الله وَرَسُولُهُ مِن فَضلِهِ“ يعني اُنهن کي الله تعاليٰ ۽ سندس رسول، پنهنجي فضل سان شاهوڪار ڪيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مولانا عبداللطيف سڪندري

# ”سُر بلاول جو پيغام،
# مدح نَبِي پاڪ عليہِ الصلوٰة وَالسَلامُ“

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نَحمَدَہٗ و نُصَلِي عليٰ احَبِيبہِ الڪريم و عليٰ اٰلہِ و اصحابہ اجمعين

قَال اَللهُ تَبارَڪ لَڪَ وَ تَعاليٰ لَقَدْ مَنَ للهُ عَلَيٰ المؤمِنِينَ اِذبَعَثَ فِيــــهِم رَسُولا مِن اَنفُسِهِم يَتلوا عَلَيــهِم اٰيتہٖ وَيُزَ كِيــهِم وَ يُعَلِمُهُمُ الڪِتبَ وَ الحِڪمَة ج وَ ان كانُو امِن قَبل و الَغِي ضَلاَل مُبِينِ (١۴) پ اٰل عمران)

تحقيق الله جو مومن مٿان وڏو احسان آهي جو انهن مان رسول پيــدا ڪيــائين انــهن کي آيتــون پڙهائي ٿــو ۽ انهن کي پاڪ ٿــو ڪري ۽ ڪتاب ۽ حڪـمت سيکاريس ٿو توڙي جو ان کان اڳ اهي گمراهي ۾ هيا.

جناب صدر ۽ مـهـمـان خاص مُعـزز سامـعين حـضـرات اسـلام عليڪم و رحمت الله وبرڪاتہٗ

خالق مــالڪ پالـڻـهـار ذات پاڪ جا ڪروڙين ڪرم جو اسـان جي سپاجهڙي سنڌي قوم مان ڪامل ولي الله آفاقي شاعر حضرت شاهہ عـبداللطيف ڀـٽــائي رح پيـدا فـرمـايو جنهن جي ڪلام جي هر سِٽَ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توحيد باري تعاليٰ جو عرفان ۽ مدح حضرت نبي ڪريم عليہ الصلوٰة و السلام جي حقيقت نمايان آهي. اجوڪي ادبي ڪانفرنس ۾ رکيل موضوع سُرَ بلاول جي داستان ٢ جي اهم بيت تي جڏهن عاشقن عارفن جي نطر ٿي پوي تڏهن روحاني سرور جي ڪا حد نہ ٿي رهي تہ ڪيئن حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ مرسلن جي مهندار آڙين جي آڌار سيد نامحمد مصطفيٰ مختار صليٰ الله عليہ وسلم جي سُهڻي مدح تعريف ۾ محو ٿي عقيدت جو اظهار ڪيو آهي.

جڪري جهڙو جوان، ڏسان ڪونہ ڏيهہَ ۾،
مُهَڙَ مڙني مرسلين، سرس سندس شانُ،
فَڪَانَ قَابَ قَوسَينِ اَوادنيٰ، اي مُيَسر ٿِيسُ مڪان،
اي آڳي جو احسان، جنهن هادي ميڙيم مهڙو،
(سر بلاول داستان ٢)

ان بيت ۾ حضرت شاهہ سائين رحہ قرآن پاڪ جي آيت لَقَد مَنَ الله پ۴. يسين و القرآن الحڪيم. پ ٢٢. آيت معراج فَڪَان قاب قُوسَين پ ٢٧. آيت شَاهِد اومُبَشِرا وَنذِيرا پ ٢٢. آيت وَرفعناَ لَلڪَ ذِڪرَ لڪ پ ٠٣ وغيره انهن آيتن موجب مدح ڪئي آهي. مان اجوڪي موقعي تي صفات رسول اللهعليہ الصلواة و السلام شاهد،مُبشر، نذير بابت ڪجهہ عرض ڪندس مشڪوات شريف باب فضائل سيد المرسلين فصل اول حديث نمبر ١۴ جي روايت آهي حضرت عطاء بن يسار تابعي فرمائي ٿو تہ مون توريت جي تعليم يافتہ ڄاڻو اصحابي حضرت عبدالله بن عمَر و بِن العَاص رضہ کان پڇيو تہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي اهڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعريف ٻڌاءِ جيڪا توريت ۾ بيان ٿيل هجي. اُن اصحابي سڄوري جواب ڏنو تہ هائو الله تعاليٰ جو قسم آهي، حضرو اڪرم صليٰ الله عليہ وسلم توريت ۾ بہ بعض اهڙين صفتن سان موصوف آهن. جيڪي قرآن پاڪ ۾ موجود آهن. جيئن قرآن پاڪ جي ٢٢ پاري سورت احزاب جي آيت نمبر ٤٦-٤٥ ۾ آهي يا اَيُها النَبِي اِنَا اَرسَلنٰلڪَ شَاهِد اوَ مُبَشرا وَ ندِيرا. مٿي ذڪر ڪيل قرآني آيت ۽ حديث مطابق توريت جي عبراني آيت ۾ حضرو اڪرم صليٰ الله عليہ وسلم جون ڪهڙيون صنعتون بيان ٿيل آهن. پر وقت جي ٿورائي سبب خاص ٽن صفتن مبارڪن بابت عرض ڪجي ٿو.

١-هڪ تہ الله تعاليٰ حضور خاتم الانبياء عليهم السلام کي شاهد گواهہ ڪري موڪليو آهي. پاڻ ڪريمن صلعم دنيا ۾ الله تعاليٰ جي ذات" صفات" ۽ سموري عالم غيب جا شاهد گواهہ آهن. اڳيان نبي سڄورا سمعي گواهہ هيا ۽ حضور اڪرم صليٰ الله عليہ وسلم عيني گواهہ آهن ڇو تہ سڀ ڪجهہ ڏسي اچي گواهي ڏنائون تہ الله تعاليٰ جي ذات پاڪ هڪ آهي. جنت جهنم برحق آهن، قبر حشر جو پيچاٽو سزا جزا حساب ڪتاب برحق آهي، ان ڪري ڪائنئن بعد ڪو بہ نبي نہ آيو نہ ايندو نہ ڇاڻو نہ ڄمندو. سمعي گواهہ بعد انتظار رهندو آهي. ليڪن عيني شاهد بعد شاهدي ختم ٿي ويندي آهي.

٢-ٻي صفت مبارڪ بشير يعني بشارت خوشخبري ڏيندڙ خدائي نعمتن جي بشارت ڏيندڙ الله تعاليٰ جي فرمانبردارن لاءِ سڪون فلاح جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۳۔ تين صفت مبارڪ نذير يعني ڊيڄاريندڙ خدا تعاليٰ جي خوف جلال ۽ نافرماني جي عذاب نقصان کان. حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي بشير و نذير هجڻ جي تفصيل نهايت وسيع بي پايان آهي. بقول حضرت شهنشاهہ عشق شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح سر بلاول ۾ فرمائي ٿو

ڪوهہ نہ جهارين جڪرو، جنهن ڏيهہ ڏِيا ڏيئي،
جي لڏيا ٿي لينگهن ۾، شالن ۾ سيئي،
سمي سيئي، طاماعو تار ڪيا.
(سر بلاول داستان ۲)

مُحسِنِ انسانيت حضرت خاتم النبياء صلي الله عليہ وسلم زمين تي ڪَرِيل انسانن کي مٽي ڪٽي ستارن سان ڳالهائڻ وارو ڪيو، پوري انسان ذات کي رحم ڪرم جي پاڪر ۾ وٺي ماٿهن جو مان مٿاهون ڪيون، پاڻ سڄورن ڪائنات ۾ انساني اصلاح فلاح جو عظيم انقلاب آندو،

سَڌَن تمنا طلبن جو طريقو سليقہ سيکاريو،
انساني اميدن کي نئون رنگ روپ عطا ڪيو،
فرش تي پوندڙ نگاهن کي عرش تي لڳايو،

ڪوماٽل چهرن کي تابناڪ بنايو، مئل جسمن ۾ سُڪَ جو ساهہ وڌو، مايوس روحن کي سرور بخشيو، مظلومن بيڪسن، محتاجن کي سهارو ڏنو،

جيئري دفن ٿيندڙ نياڻين کي عزت جي مسند تي ويهاريو، قاتلن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي جان مال جو محافظ بڻايو. ظالمن کي مظلومن جو پاسدار بڻايو. غلامن کي آزادي جي مبارڪ ٻڌائي، پاڻ ڪريمن صليٰ الله عليہ وسلم جا گڻ ڪهڙا ٻڌائي ڪهڙا ڳڻائجن. سندن نظر ڪرم رهزنن کي رهبر و قائد بنايو. ان بشيرو نذير ذات ڪريم اهڙو عظيم انقلاب عطا ڪيو جو صدين کان بگڙيل معاشري کي يڪدم پاڪ ڪري ڇڏيو. اها بشيرو نذير هستي ڪنهن کي رنجائڻ نہ بلڪ ساري جهان کي سڪون آرام شانتي قرار بخشڻ لاءِ تشريف فرما ٿي. بقول حضرت شاهہ سائين رحہ جڪري جهڙو جوان ڏسان ڪونہ ڏيهہ ۾ اهڙو بشيرو نذير سخي قربدار جنهن پنهنجي پراوَن جون تڪليفون برداشت ڪري ڪُلَ انسان کي آرام عطا ڪيو. اچو اي انسان غفلت کي ڇڏي، پاڻ کي هوشيار ڪري، احساس کي تيز ڪري، ايماني غيرت جي شمع روشن ڪري حضرت نبي آخرز زمان صلي الله عليہ وسلم جي اسوة حَسنہ جي آئينہ کي سامهون رکي پاڻ کي سهڻن عملن سان سينگاريو، ايمان جهڙي وڏي عظيم قوت کي پيهر هٿ ڪري دارين ۾ سرخرو ٿيو. عشق مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي دولت سان دليون زندهہ ڪيون افراد ۽ قومون انهن نعمتن سان زندهہ رهنديون آهن. رب پاڪ جي بارگاهہ ۾ عاجزانہ التجا آهي پنهنجن پيارن صدقي اسان جا گناهہ معاف فرمائي.

سهڻي لاڪيڻي لطيف شهنشاهہ عشق جي محابي اسان کي ڏاڙن، ڦُرن، قتل، غارت تباهہ ڪار تعصبات کان پناهہ ۾ رکي آمين ثم آمين بجاهہ سيد المرسلين.

" عَمَلَ اتحاس سان ساٿيهہ، هي پنهنجو سنواريو سيءِ"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفا خالص عبادت سان، اندر پنهنجو اُجاريو سڀ
ڇڏيو تڪرار مذهب جا، عَبَثَ ويچا وساريو سڀ
لطيف لات جي هيءَ تار، خودتَنَ ۾ تنواريو سڀ
نہ آهي شان مسلم جو، ظلم ڪينو جفا ڪاري
پٺاڻي جي هدايت پڻ، سَراپا آشِفا ساري.

بقلم مولوي عبداللطيف سڪندري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد اياز قريشي

# شاهہ رحہ جي نعتيہ شاعري

لاکيٹو لطيف پٽ جو سلطان، حضرت شاهہ عبداللطيف رحہ حضور صہ سرور ڪائنات ٻنهي جهانن جي سهڻي سردار صلعم کي مڙني پيغمبرن جو مهندار ڪري ٿو سڏي ۽ فرمائي ٿو تہ پيغمبر صاحب کي جيڪو مقام ميسر ٿيو، سو ٻئي ڪنهن بہ نبيءَ کي نہ مليو. شاهہ صاحب ڏٺي جو احسان مڃيو آهي جو ڪيس اهڙو هادي مليو آهي.

جڪري جهڙو جوان، ڏسان ڪونہ ڏيهہ ۾،
مهڙ مڙني مرسلين، سرس سندس شان،
"فَكَانَ قَابَ قُوسَيَنَ اَوادنَيٰ'" اي۰ ميسر ٿيس مَکَانَ،
اِيَ آگي جو اَحسانَ جنَهن هادي ميڙيم هَهڙو.

شاهہ جي رسالي جي هر سر ۾ ظاهري توڙي باطني طرح سان نعتيہ شاعري موجود آهي، جيئن تہ سندس سڄو ڪلام تمثيلي انداز ۾ چيل آهي، تنهنڪري ظاهري معنيٰ جي لحاظ کان هر بيت کي نعتيہ شعر چئي نہ ٿو سگهجي. پر هر سر جي ڪيترن بيتن ۾ اهو ظاهر ٿيو وڃي تہ اهو نعتيہ شعر آهي. سر بلاول ۾ سڏ و سنئون رسول ڪريم صلعم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن لاءِ چيو ويو آهي. هن ڏس ۾ پيا هيٺيان

سر اچي وڃن ٿا. سر ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ ۾ ته الله تعاليٰ ۽ رسول ڪريم جن بابت سنئون سڌو بيان آهي. جنهن ۾ پهريائين الله تعاليٰ جي وحدانيت، رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي رسالت، اسلام جي عملي زندگيءَ جي قدرن ۽ تصوف جو بيان ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪانپوءِ الاهي عشق جي قدر ۽ اهميت ڪي ۽ پوءِ انهيءَ جي مقصد ڪي بيان ڪيو ويو آهي. ساڳيءَ طرح ڪٿي راڻي سان، ڪٿي جکري سان، ڪٿي علاءُالدين سان ۽ ٻين ڪردارن سان تمثيلي نموني رسول ڪريم جن جون صفتون بيان ڪيون ويون آهن. سر ڪنڀات، سر سريراڳ، سر سارنگ، سر برووسنڌي، سر ڪارايل، سر پرڀاتي ۽ سر ڏهر ۾ ته بلڪل ظاهر نعتيه ڪلام نظر اچي ٿو، جنهن ۾ بلڪل صاف لفظن ۾ رسول ڪريم صه جي رحمت ۽ فضل ڪي سهڻي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. انهيءَ لاءِ شاه صاحب هن طرح بيان ڪيو آهي.

(١) جکِرو جَسَ ڪَرو، پيا سڀ آنيرا،
جيائين جڙيو جکرو، تيائين نه پيا،
مٿي تنهن ماڳا، اَصَلَ هٿي ايتري.

----

(٢) احد احمد پاڻ ۾، وڇان ميم فرق،
آهي مستغرق، عالم انهيءَ ڳالهه ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

----

(٣) جکِرو جوڙي پاڻ، ڏٺيءَ پيدا ڪيو،
ڪيهر جنهن ڪرڪٽي، ڪَيو، مچون مله موڙي،
سموند جنهن سير ڪري ٿو، پار جنهن پوڙي،
گهوٽ چڙهيو گهوڙي، پيچن لائي پيچرا.

(۴) سر ڪلياڻ جي پهرئين داستان ۾ شاهه صاحب فرمائي ٿو تہ رسول ڪريم صہ کي موليٰ پاڪ "محبوب" بنائي، ٻئي سرائون يعني ٻئي جهان عطا ڪري ڇڏيا آهن. ان ڪري ان کي ڪارڻي ڪري مڃ.

(۵) قـــرآن ڪريم ۾ اچي ٿـــو تہ " لا خوف عليـــهم ولا يحزنون. جنهنڪري اهي منزل تائين سالم وڃي پهچندا. مولا پاڪ جي مکي مدني محبوب سان أها نسبت آهي .

(٦) شاهه هن طرح بيان ڪيو آهي:

ٻڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هئا اِڳهم گڏ، ٻڏڻ ۾ ٻہ ٿي پيا.

شاهہ صاحب رحہ جيڪي عنوان، نالا يا بيت "سر بلاول" ۾ پيش ڪيا آهن، سي هن ريت آهن:

| نالا | سر ۽ داستان | بيت |
| --- | --- | --- |
| هاٿي | | |
| ابڙو | | |
| ڏونگر راءِ | | |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جکرو

جادم جکرو

حاتم

ھند، سنڌ، سورت

پيلو، گرنار ۽ گنگاجر

سر ”بلاول“ ۾ شاھہ صاحب چوي ٿو تہ ساري ڪائنات جو سردار حضور صہ ساري اُمت کي رب پاڪ جي اڳيان قيامت واري ڏينهن ”شفادار“ ٿيندو ان لاءِ هيٺ بيت ڏجن ٿا:

(١) تون اوڏر، تون اوڏڪو، تون اجهو تون اڳ (سر بلاول)

(٢) تون حبيب، تون طبيب، تون درد جي دوا (سر يمن ڪلياڻ)

(٣) توتي لڄ لطيف چئي، آھي سندي عام. (سر سسئي)

(٤) جهي جي تيهي، تہ بہ ٻانهي ٻاروچن جي (سر ڪوھياري)

(٥) ساھڙ ڄام سچو، ساٽي ٿيندم سير ۾. (سر سهڻي)

(٦) پنهون تہ ايندو پاڻ، ڪجهہ آنءَ بہ اڳ ٻري ٿيان (سُر سسئي)

(٧) عدل ڇتان نہ آئون، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو (سريراڳ)

(٨) هت پڻ تنهنجو تڪيو، مهند پڻ تولهين ماڳ. (سُر بلاول)

سنڌ جي نامور اديب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لکيل مقالي جي عنوان ”شاھہ جي عام مقبوليت جا ڪي اسباب“ ۾ صاف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظاهر آهي تہ ”سر بلاول ۾ ذڪر ۾ شاهہ صاحب لاڙ جي قصن جي پلئي پت، بيتن ۾ واڪاڻ ڪئي آهي. مثلاً: سمي ۽ ابڙي جي سورهيائي، لاڙ جي تاريخي تمدن ۾ رهڻي ڪهڻي ڪي آڻي اکين آڏو بيهاريو اٿس. هالار جبل جو سردار جادم جڪرو هو. محصول جيڪي غريبن تي تي هيا سي پوءِ معاف ٿين.

(١) علاؤالدين آئيو، تنهنجي هاٿيءَ هَاڪَ هنئي،
آرڻ ہـڏي اَبــڙي، تــي رڻ ۾ رڪ رئــي،
تيغن تاءُ، تڪو گهٽو، سگهي ڪونہ سَهي،
”رَبَ هَب لِي اُمتي“ چڙهيــو چــام چئي،
سَمِي سامَ ڪنئي، سَرَٽين جو سڪ ٿيو.

----

(٢) سَرَ ٽيــن جي سُڪَلٽي، سَــام ڪـــنئــيسَـردار،
جي آيون ابڙي جي آڌار، سي سؤنگ نہ ڏينديون سُومِرِيُون.

----

(٣) جڪرا! جِيئن شَالَ، تنهنجو ڪنين مَدو مَ سُڻان،
جـئـن تـو اچــي ڪَــالَ، نـالائــق نـوازيـا.

(٤) جام اوڍو ڪي سڪر ٻائي مـان هڪ ڏيءَ ۽ هڪ پٽ هو جنهن جو نالو جڪرو هو، جنهن ڪي شـاهہ صـاحَب گـهـٽـو ڳايو آهي ۽ جڪري ڪي شاهہ صاحب مثالي ماڻهو ڪري پيش ڪيو آهي. اصل ۾ سندس نعتيہ شاعري حضورصہ جن لاءِ آهي. مثال لاءِ بيت هيٺ پيش ڪجن ٿا:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱) جکرو جس کرو، ٻڌا سڀ ڪريل خان،
مـتي ان مڪـان، اصل هـئـي ايتري.

----

(۲) جکرا! جيئن شال، تنهنجو مندو مَ ڪنين سٹان،
جيئـن تـو اچي ڪـالـهه، نـالائق نـوازيـا.

ابڙو: ڪڇ جو سـورهيـه سـپـاهي ۽ سـامـون جهليندڙ ابڙو، جهـڙو هو پهلوان، تـهڙو هو قول جو پڪـو. ننڍي هوندي دودو ۽ ابڙو گڏ راند ڪندا هئا. ان تي ويڙهه تي ۽ وري جڏهن وڏو ٿيو تـه بـه دودو ۽ چنيسر پاڻ ۾ پڳ جي سوال تان نـه ٺـهيـا. چنيـسر ڪـاوڙجي وڃي دهليءَ جي بادشاهه علاءالدين وٽ پهتو. نتيجي طور جنگ لڳي ۽ اُن جنگ سـبـبان دودي پنهنجيـون سـومـريون سـامَ طور ابڙي ڏانهن مـوڪلي ڇڏيون ۽ دودي کي يقين هو، تـه ابڙو، ان جي ضرور سامَ جهليندو. ڪڇ جيڪو ٿر جو علائقو آهي، ابڙو ان وقت انهي تـکـر تي راڄ ڪندو هو، جنهن کي " وڏسر" ڪري چئبو هو. هونئن بـه ابڙو سامن جي ڪري مشـهور هو، اڪثـر ڪري مظلوم سامَ پوندا هئا. شـاهه صـاحب "سـر بلاول" هن طرح بيان ڪيو آهي:

(۱) ابڙو وَڏ وڙو، سُوڙو، سمون سونهن سين،
تنهن در سي اچن، ڪنڌ نـه ڪـيي ڪـچ ڏٺي.

سـو، سـومـريون بـه وڃي ابڙي جي سـامَ پيون. پر عـلاءالدين کي سـامـهـون ٿـيڻ، مـوت کي منهن ڏيڻ آهي، تون اهي سـامـون ڪـيي ڇڏ، تـه سک ماٺيندين:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ تون تنهن دران، ڏيهاڙي ڏانڻ لهين.

ان ڪري ابڙو اڙهنگ سو سرويچ جوان جنگ جي ميدان ۾ ڪاهي پيو.

(٣) آروڙجي اُٿيو، ديسمن وڏائين ڏُک،

لاٿائين لطيف چئي، عالم تا اهک،

تن سراڻين ٿيا سُک، جي اجهي آئيون ابڙي.

انڪري ڪيڇي هندو توڙي مسلمان ابڙي جي درگاهہ جو سلام پريندا آهن ۽ هن سورهيہ سردار کي سلامي ڏيندا آهن.

شاهہ صاحب رحہ اهڙي طرح بيان ڪيو آهي.

”مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿيا نہ مات،

هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيا.“

----

(٤) تون سيڻ آءُ سيڪڙو، تون ڏاتار، آءُ ڏوهہ

تون پارس آءُ لوهہ، جي سيڄين تہ سون ٿيان.

آخر ۾ شاهہ صاحب جي هن وائي سان مقالو پورو ڪريان ٿو

ڏَکَ ڏَکِيندو، مون نہ ڇڏيندو، شفيع شَافع سيرين،

اَنڌا، اونڌا، اڪڙيا، سڀ نباهي نيندو،

واتان ويچارَن جي، داروُن پاڻ ڏَريندو.

ڌُهارِنِ کي ڏاڪَڙا، لَکَ سَبِ لنگهائيندو.

نُور ناڪارو نہ ڪَري، مُحَمَدَ مِنَت مڃيندو.

هِتِ هُتِ حامِي هيٺن جو، اڳيان آڌر ڏيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طَهُورا تَزِين کي، پانَدِب پيارِيندو.
پاڻُ سجاڻي پاڻهين، ڪَامِلَ ڪَرَمُ ڪَرِيندو .
تنبوُ آڻي تاءِ ۾، عاصِين ڪاڻِ اَڏيندو.
رَسَنَ وير رَسِي ڪَري، مُشِڪ رَنگُ متيندو.
"رحمَتً لِلعالَمينَ" اُهڪيءِ اِڳهہَ تِيندو.
اُتي عَبدُاللطِيف جو، هادي هَٿُ جَهلِيندو.
آخر ۾ هن دعا سان مقالو پورو ڪريان ٿو.
ستر ڪر ستار! آءُ اگهاڙي آهين،
ڏکين ڏکڻ هار، ڏئي پاند پناهہ جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حافظ عبدالرحيم جمالي

# سر بلاول جي سونهن ۽ سرهاڻ

## حصو پهريون:

اها ڳالهه دنيا ڄاڻي ٿي تہ لطيف هڪ عظيم شاعر آهي عظيم معلم اخلاق ۽ عظيم محب سنڌ آهي. ان عظمت جو راز سندس اعليٰ انساني اقدار ۽ عظيم عوام دوستيءَ ۾ آهي. شاهہ سائين پوري شاعري ۾ مٿين قدرن جو حوالو عام جام ملي ٿو.

هونئن تہ سنڌ سونهاريءَ سوين شاعر ۽ درويش پيدا ڪيا آهن. جن مان هرهڪ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي هڪ خاص درجي ۽ منزل جو صاحب آهي. مگر انهن سڀني شاعرن جو سرتاج لطيف آهي ڇو تہ هي اهو شاعر آهي جنهن جي ڪلام هر ڪنهن ۾ دلعزيز آهي ۽ هرماڻهو لطيف کي پنهنجي دل جي امنگن ۽ احساسن جو شاعر سمجهي ٿو خوشيءَ جي موقعن تي لطيف جو شعر جهونگاري ٿو تہ غم جي موقعن تي بہ لطيف جو بيت ئي سندس دل جو سهارو بڻجي ٿو. سنڌ جي جاگرافيائي حدود ۾ جيڪي علائقا اچن ٿا تن ۾ سندس ڪلام شوق ۽ محبت سان ڳايو ۽ ٻڌو وڃي ٿو. سندس ڪلام جتي ڪٿي عام توڙي خاص



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي زبان جي ورونهه ۽ سونهن ٻٽيل آهي.

لطيف سائينءَ جي شخصيت نه صرف عظيم آهي، بلڪه هو اعليٰ ۽ افضل معيار جو پڻ مالڪ آهي. ڇو ته سندس ڪلام جو هر لفظ حقيقت ، هر سٽ صداقت ۽ هر بيت بلنديءَ جو اُهڃاڻ آهي. سندس شاعري ۾ اعلي ترين افضليت ۽ قرب جي ڪماليت آهي.

دنيا ۾ جيڪي عظيم شخصيتون گذري چڪيون آهن تن جي حالات زندگي جو جيڪڏهين جائزو ورتو وڃي ته اها حقيقت روز روشن وانگر عيان ٿي ويندي ته انسانيت جي نشوونما ۽ سندس ڪردار جي بهتري لاءِ انهن شخصيتن پنهنجي زندگين کي هڪ عملي نمونو بڻائيندي انسان ذات جي خدمت لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو. دنيا جي انهن عظيم شخصيتن ۾ سنڌ جو هي سائين اولين حيثيت ماڻيندڙن مان هڪ آهي. هن جو ڪردار هڪ مصلح ۽ سماج سڌارڪ جو آهي، سندس ڪلام ان ڳالهه جو شاهد آهي ته هو سنڌ کي عظيم بنائڻ لاءِ پنهنجي پيغام کي هڪ سماجي انقلاب جو اعلان بڻائي قوم کي سستي، ڪاهلي، ۽ اجائي غفلت کان بيدار ٿيڻ جو سڏ ڏيندي چوي ٿو ته؛

ستا اٿي جاڳ ننڊ نه ڪجي ايتري.

هو اهو به چوي ٿو ته، سلطاني سهاڳ يعني خوشحالي، ترقي؟ مقام عزت، غفلت ۾ ستل قومن کي نه ٿي ملي سگهي. ان لاءِ قومن جي هر هڪ فرد جو فرض هي آهي ته هو همت، عزم، ارادي، جوش ۽ جذبي سان اڳتي وڌندا هلن.

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه نه آهي ويل ويهڻ جي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متان ٿيئي اونداهه، پيرن نه لهين پرينءَ جو.

پرين جي پير لهڻ يعني مقصد جي حصول لاءِ رندا روڙڻا آهن، جيءُ جهورڻا آهن. لطيف سائين جي ڪلام ۾ مسلسل محنت، جدوجهد ۽ همت ڪان ڪم وٺڻ جو درس ملي ٿو. ۽ اهوئي درس اسانجي دين اسلام ۾ ملي ٿو.

لَيست لِلاِ خسَانِ اِلاَ مَاسَعِيٰ.

يعني انسان لاءِ ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو نه آهي ته هو محنت ڪان ڪم وٺي مقصد ماڻڻ جي ڪوشش ڪري.

تاريخ اقوام عالم جنهن جو شاهه وڏو ڄاڻو هو ان تاريخ ۾ قومن جي عروج و زوال ڪان هو پڻ چڱي ريت واقف هو تنهن ان جي روشنيءَ ۾ سنڌي قوم کي خوب واقف ڪندي ٻڌايو آهي ته جن قومن پاڻ ۾ متحد رهي ڪري اتفاق ۽ اتحاد جو ثبوت ڏنو، محنت ۽ مشقت ڪان ڪم وٺي قوم جي ترقي لاءِ اجتماعي عمل اختيار ڪيو سي قومون مقصدن جي بلندي تائين پهچي دنيا ۾ پنهنجو ڏاڪو ڄمائي ويون، پر جن ڪاهلي ڪئي، سستي اختيار ڪيائون پنهنجي قوم ۽ قومي مقصدن سان سچا نه ٿيا ۽ پنهنجن لاءِ دليون ۽ نتيون صاف نه رکيائون سي انتهائي زواليت کي وڃي رسيا.

لطيف سنڌ جي ثقافت جو روشن مينار آهي. هن جي ڪلام ۾ خالص عوامي انداز ملي ٿو. هو سنڌ جو سڄڻ آهي. هو خالص عوامي انداز ملي ٿو. هو سنڌ سڄڻ آهي. خالص حُجري ۽ درگاهه جو شاعر نه آهي بلڪه هن جهرجهنگ پنڌ ڪيو آهي، ڳوٺن، واهڻن، غارن، جبلن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گـــسن، پيـــچرن، پنين، پارن، اوطاقن، جهڳين ۽ جهـــونپـــڙن جو پاڻ مـشاهدو ڪري پوءِ انهن جهانگيـئڙن، سـانگيـئڙن، جي حـالت ڪي بيان ڪيو آهي. اڄ اسان جا ڪيترا اديب ۽ دانشور يا قوم جي ڏک ۽ درد جي ڄاڻ جي دعويٰ ڪندڙ اهو ٻڌائيندا تہ انهن مقامن جو مشاهدو ڪيو آهي؟ جتي اسان جو اهو طبقو رهي ٿو جيڪو اسان جي حقيقي قوت ۽ طاقت آهي.

ماڙهو منهنجي ملير جا سيئي سياڻا ۽ سهڻا.

لطيف سـائينءَ جو سارو ڪلام سچ آهي. لطيف اُن سچائيءَ جو علمـبردار ۽ مـهندار آهي. هن قـوم جو هر فـرد لطيف جو هيـرو آهي تہ لطيف وري قـــوم جي هر فـــرد جي اکين جو تارو آهي.لطيف سنڌ جي سونهن آهي تہ سنڌ لطيف جي سوڀيا آهي.هنن ٻنهين کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪري نٿو سگهـجي. هي تنهنجو لطيف، هي منهنجو لطيف هي سنڌ جو هي سهڻو لطيف!

ضـرورت ان ڳالهہ جي آهي، اسان لطيف کي سمـجهـون ۽ لطيف جي سرزمين تي وسندڙ ماروئڙن، سـانگيـئڙن ۽ جهـانگيـئڙن تي اعـتمـاد ڪريون، انـهن کي پنهنجو سرمـايو سـمـجهـون ۽ انهن جي هِيڻين حـال تي رحم ڪري انهن جي تڪليفن کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون.!

حصو ٻيو:

”سُر بلاول“ جيڪو اڄ جي ادبي ڪانفرنس جو موضوع آهي. تنهن ۾ بہ لطيف سائين سنڌ جي ثقافت جي عظيم ورثي بهادريءَ ۽ همت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي قدرن کي اجاگر ڪيو آهي، ٻڌائي، جي هم گير خيالن ۾ تصوف جي ڳوڙهن نڪتن، روح اسلام جي حفاظت ، محبت جي رازن، رِنديءَ جي رمزن، عشق الاهيءَ جي اسرار، حياتي ۽ موت جي فلسفي، توڙي علم ۽ فڪر جي ٻين نظرين متعلق اهم اشارا موجود آهن. هن سُر ۾ لطيف سائينءَ ڏٺي پاڪ ۽ نبي صلي الله عليہ وسلم جي ساراهہ ڪئي آهيءَ سنڌ جي هڪ سخي حاڪم جادم جکري جي سخاوتن، بهادريءَ ۽ همت جو تذڪرو ڪيو آهي ۽ انهن سڀني ساراهہ وارن بيتن کي نبي صلي الله عليہ وسلم جن جي ذات تي اپليڪبل (چسپان) ڪيو آهي.

جکرو جَس ڪَرو ٻيا مڙيئي مَلُ،
سَمي جي سُهاڳ جي ڪنهن نہ پئي ڪَلَ!
مِتي اِن مُرسَل اصل هئي ايتري.

سنڌ جو جکرو جادم سخاوت جو صاحب هو. شاهہ سائين هن کي سَمن جو سرتاج ڪري ڪوٺي ٿو. شاهہ جي نظرن ۾ سنڌ جو هي حاڪم سَخا ۾ حاتم کان بہ سَوائي هو. ڏٺي اهڙا انسان هن جهان ۾ وِرلي ٿو موڪلي، ڇو تہ سچن مردن جي مٿي بہ وٽس محدود آهي. شاهہ صاحب، هن سُر ۾ نبي صلي الله عليہ وسلم کي مڙني پيغمبرن جو مهندار ڪري ٿو سڏي ۽ فرمائي ٿو تہ پيغمبر صلي الله عليہ وسلم کي جيڪو مڪان مُيسر ٿيو سو ٻئي ڪنهن بہ بني بشر کي نصيب نہ ٿيو. شاهہ صاحب ان اعزاز کي ڏٺيءَ طرفان امت تي احسان مڃيو آهي ۽ چيو اٿس تہ:

”ايءُ آڳي جو احسان جنهن هادي ميڙيم هڙوَ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر بلاول جي پهرين داستان جي مطالعي مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته شاهه صاحب ڪن سمن ۽ سومرن حاڪمن جي راڄ کي سونهري زمانو ڪري ٿو سمجهي، اڪثر عالمن کي سمن ۽ سومرن جي تاريخ ۾ ڪيتريون پيچيدگيون نظر ٿيون اچن، هتي به حاڪم ڪٿي سمو آهي ته ڪٿي ابڙو، ڪٿي هالار ڏٿي آهيته ڪٿي ڏونگر راءِ ۽ ڪٿي راهو ته ڪٿي ڪيچ ڏٿي. ڪٿي جکرو ته ڪٿي پٽ ڏٿي، ابڙي جي سخاوت ۽ شجاعت بي مثل هئي. هتي شاهه سنڌ جي قديم وسيع صورت ڏيکاري آهي. اشارو دودي شجاعت ڏانهن ٿو ڏسجي، جڏهين چنيسر کي تخت نه مليو تڏهين هو علاءالدين کي پنهنجي ڀيڻ ٻاگهل جو سڱ باسي وڏي ڪٽڪ سان سنڌ ۾ وٺي آيو، دودي ڪليل لفظن ۾ چيو ته:

"جي گولي ويندي گجرين ته به سڌجي دودل ڀيڻ!

سو آءٌ پنهنجي ڀيڻ جوسڱ ڌارين کي نه ڏيندس دودي لڙائيءَ مهل سومرين کي سام ڏيئي بچايو پر نيٺ مڙس لڄن جي حفاظت ڪندي مارجي ويو لطيف چوي ٿو:

هو مهاڏئين مور، پر مستوراتن ماريو.

"سر بلاول جي داستان ٻئي ۾" لطيف سائين فرمائي ٿو ته:

"جکرو ڏٿيءَ پنهنجي هٿن سان پاڻ ڪنهن خاص مٿي مان جوڙي جهان ۾ موڪليو هو ڪيهر (شينهن) جهڙو بهادر ۽ حاتم جهڙو سخي آهي. ٻيا راجائون سندس پيٽ ۾ ڪابه حيثيت نه رکندا هئا هو سخا جو سمنڊ هو. ٻيا مڙيئي حاڪم سندس سخاوت جو مقابلو نه ڪري سگهيا هئا، جڏهين سندس تذڪرو ڪجي ٿو ته ٻيا راجائون ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اڳيان ڪجهه به نه آهن. ڇو ته هو سندن وچ ۾ ائين آهي جيئن ننڍن ڪـــــوهن جي وچ ۾ وڏو سرُ! پيـــــا سڀ در ڇڏي سندس در تي وڃڻ گهرجي دنيا جا ٻيا مڙيئي در ڪوڙا آهن.

هن سُر ۾ " ڏاتي سڳوري، پيـغمـبـر صلي الله عليـه وسلم " ۽ "جادم جکري" جي ساراهه آيل آهي. جادم جکري کي بطور تمثيل ۾ ڪم آندو ويو آهي. ڪٿي شاهه سائين ان مان مراد ڏاتي سڳورو ورتو آهي ته ڪٿي وري نبي سڳورو صلي الله عليه وسلم.

سُر بلاول جي داستان چوٿين جي ساراهه ۾ لطيف پنهنجي هڪ معتقد، محبتي، صحبتي ۽ عاشق وڳند فقير جو تذڪرو ڪيو آهي. بيتن تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته لطيف سائين رڳو صوفيانه، عاشقانه ۽ انقلابي شاعري ڪرڻ سان گڏ شاعري جي هڪ اهم صنف مزاحيه شاعري کي به نه وساريو آهي. هن سُر ۾ سندس شاعري جو مزاحيه پهلو واضح طور تي سامهون اچي ٿو. هن داستان ۾ هُن پنهنجي هڪ فقير "وڳند" کي ياد فرمايو آهي، وڳند سان لطيف جو لڳاءُ هو. سندس بي ڍولائي، بدشڪلي ۽ گدلائپ جي ڪري لطيف ڪانئس ڪڏهين به نفرت نه ڪئي. ڇو ته لطيف ته هيڻن جو همراهه ۽ ايرن، سيرن جو آڌار ۽ آسرو هو، اگر چه وقتي طور تي ساٿس ڪل ٻوڪ ۽ مذاق ڪري دل به وندرائيندو هو، پر ڪيس پيار به گهڻو ڪندو هو. هن سُر ۾ اسانکي شاهه صاحب جي ظرافت طبع جو هڪ وڻندڙ مثال ملي ٿو. جيتوڻيڪ ظاهر ۾ "وڳند" کي اوڳي ۽ ڪاهل ٿو سڏي پر ڪلام مان ظاهر آهي ته هن جڏي ۽ ٻيٺير سان دلي محبت هيس، هو ميرو سيرو هو ته به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس پيارو هو ۽ اهو گندو وڳند به شاهه صاحب جي صحبت ۾ ”گلابي“ تي پيو ۽ سيد سڳوري کان هرگز پري نه رهندو هو. سُر بلاول ۾ شاهه سائينءَ ڪيس اهڙو ته امر ڪري ڇڏيو جو اهڙو شرف شاهه صاحب جي ٻئي ڪنهن فقير کي نصيب نه ٿيو. هن سر مان لطيف سائين جي خوش طبعي ۽ خوش مزاجي ظاهر ٿئي ٿي جا نهايت اهم ۽ فرحت ڏيندڙ ڳالهه آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيد يار محمد شاهہ

# شاهہ جو فڪر

سانئيم سدائين ڪرئين مٿي سنڌ سڪار، دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرئين. لطيف سائين سنڌ ۽ سنڌي مظلوم ماروئڙن سانگيئڙن جهانگيئڙن ڏوٿيئڙن ڪي دعا ٿو ڪري تہ شال اهي آزاد آباد خوشحال رهن شال سنڌ سدائين جيئي شال جيئي سنڌ لطيف سائين جو ڪلام مظلوم سنڌين لاءِ آب حيات آهي. اُن ڪي سمجهن عمل ڪن تہ هاڃي سنڌي هڏڪوڪ نہ سٽن ڪڏهين، ويهن ورهين ڪان لطيف سائين جي ڪلام جي معنيٰ لکي رهيو آهيان.جيڪا هاڻي مڪمل ٿي آهي. لطيف سائين پنهنجي ڪلام بابت چويٿو تہ جي تو بيت ڀانئيا سي آيتون آهين. آيتون قرآن جون آهن قرآن جا ٽيهہ پاره آهن تہ لطيف سائين جي ڪلام ڪي بہ ٽيهن پارن ۾ ورهايو اٿم جيڪي هي آهن. وحدانيت، رسالت، امامت، شهادت، صداقت، شجاعت، سخاوت، عبادت، عدالت، نصيحت، شريعت، طريقت، حقيقت معرفت، فنافي الله بقابا الله لاهوت، هاهوت، باهوت، وحدت الوجود، وحدت الشهود، حب الوطني، عشق، قرباني ورد غفلت پڇتاءُ سنڌ جو شاندار ماضي سنڌ جو دکي حال، سنڌ جي شاندار مستقبل حاصل ڪرڻ لاءِ، محب وطن ڪي نصيحتون هدايتون ۽ رهبري ڪرڻ، اهي ٣٠ پاره ٽيا هرهڪ پاره ۾ ڪيئي موضوع آهن ۽ هرهڪ موضوع ۾ ڪيئي بيت آهن. جيڪي سڄي رسالي مان ڳولي چونڊي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موزون موضوع وار لکيا اٿم ۽ هرهڪ بيت جي خاص اکرن جي معنيٰ لکي پوءِ سڄي بيت جي معنيٰ لکي اٿم. جنهن لاءِ حرف آخر جي دعويٰ نٿو ڪريان، ڇو تہ لطيف سائين جو ڪلام بحر عميق آهي. جيڪو اڻ کٽ خزانن سان ڀرپور آهي. معنيٰ ڪندڙ غواص جي مثل آهي. انهي بحر ۾ ٽبي هڻي ٿو ۽ جيڪي ڪجھہ حاصل ٿئيس ٿو سو پيش ڪري ٿو پر اهو بحر عميق اڻ کٽ خزانن سان ڀرپور رهي ٿو. جيستائين دنيا قائم آهي تہ غواص ٽبيون هڻنداقيمتي موتي حاصل ڪندا رهندا. تاهم اهو بحراڻ کٽ خزانن سان ڀرپور رهندو. خرار مان هڪ مٺ ڪڻڻ سان بہ جنس جو پتو پئجي سگهندو. نموني خاطر سر بلاول مان هڪ بيت جي معنيٰ پيش ڪريان ٿو سڄي رسالي جي ان طرح معنيٰ لکي اٿم. داستان پهريون جو پهريون بيت آهي وسهہ انهي ويڻ کي جڻن دعوت ڪيئي داتا، مضمضه واتا، وجھہ تہ ڏيئي وات ۾. وسهہ جي معنيٰ اعتبار ڪر يقين ڪر، ويڻ، سخن دعوت، ڪوٺ سڏڻ داتا حضرت مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم تون انهي سخن تي يقين ڪر، تہ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ و آلہ وسلم توکي حقيقي دين محمدي جي دعوت ڏني آهي. ڪوتيو آهي حقيقي دين محمدي دين فطرت دين الاهي صلح ڪل مذهب انسانيت آهي. أن جو مقصد اتحاد انساني امن عالم ترقي بني آدم آهي ان جا اصول هي آهن حق صداقت انصاف امن سلامتي محبت مروت رحمدلي ايمانداري نيڪ نيتي خيرخواهي خلق جي خدمت سخاوت شرافت انسانيت بلند اخلاقي. قياتم جو يقين خدا جي وحدانيت جو اقرار محمد جي نبوت جو اقرار علي جي امامت جو اقرار جڻن تہ هر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شي جو ضد بہ موجود هوندو آهي. جيئن روشني جو ضد اونداهہ نيڪي جو ضد بدي سچ جو ضد ڪوڙ آهي. تيئن حقيقي دين محمدي جو ضد آهي. ظلم ناحق غصب حق تلفي ناانصافي فتنو فساد خونريزي ڪوڙ ڪپٽ دغا دولاب فريب ٺڳي ڪلفت نفرت بي رحمي بي ايماني بدنيتي بدخواهي خلق آزاري غريبان مار ڦرلٽ بخيلي ڪمينپ حيوانيت بداخلاقي آهي. پهرين بيت جي معني ٿيندي تہ تون انهي سخن تي يقين ڪر تہ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن توکي حقيقي دين محمدي اختيار ڪرڻ ۽ ان تي عمل پيرا ٿيڻ جي دعوت ڏني آهي. ڪونيو آهي پر لطيف سائين بيت جي ٻي سٽ ۾ شرط ٿو وجهي تہ مضمضہ واتا وجهہ تہ ڏيئي وات ۾ مضمض معنيٰ "ڪرڙي" تون پنهنجو وات ڌوئي صاف ڪر زبان ڌوئي صاف ڪر دل ڌوئي صاف ڪر سچ ڳالهاءِ ڪوڙ نہ ڳالهاءِ مٺو ڳالهاءِ ڪڙو نہ ڳالهاءِ اهڙو ڳالهاءِ جو ٻڌندڙن کي راحت ۽ نصيحت ٿئي، دل آزاري نہ ٿي ۽ دل مان بغض ڪينو حسد ساڙ دشمني بدنيتي بدخواهي ڪڍي دل آئيني وانگر صاف ڪر، تہ حقيقي دين محمدي ان ۾ جائگير ٿئي تون سچي دل سان ان تي عمل پيرا ٿئي تہ تنهنجي اکين تان پڙدا لهي ويندا تون سچ سجاڻي سگهندين تنهنجي ڪنن تان پڙدا لهي ويندا تون سچ سُڻي سگهندين تنهنجي دل تان پڙدا لهي ويندا تون سچ سمجهي سگهندين ۽ توکي روحاني فوقيت حاصل ٿيندي. لطيف سائين فرمائي ٿو تہ جني سودي سچ جو وکروهائيو، بخرو لهہ بشرا جو انهن لئي آ ٿيو، اُن کي لالڻ لنگهاٿيو ساندارو سمونڊ جو. سامي چويٿو تہ سچ سچاتو جن سي ڪوه ڪريندا ڪوڙ کي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرگھہ ترشنا جي جل ذي سالڪ ڪين ڍڪن أهي رتا رنگ رهن ائئي پهرا لڪ سين اهڙي طرح تون پنهنجي زندگي جو حقيقي مقصد حاصل ڪندين. تنهجي زندگي سچائي ۾ سقلي ٿيندي سمجهہ تہ پوري ٿي. لطيف سائين جو رسالو لکندڙ ن سر بلاول کي گهڻ اهميت وارو سمجهي سيني سرن کان پڇاڙيءَ ۾ لکيو آهي حالانڪ سر بلاول رسالي جي ٻين سرن سان برابري جي اهميت رکي ٿو. بلڪ سر بلاول جو فلسفو ٻين سرن جي بيتن تي بہ اثر انداز آهي. اُنجو ثبوت پيش ڪريان ٿو. عزت ماب خادم العلم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪلياڻ ۾ يمن ڪلياڻ جي معنيٰ لکي آهي ٦٢٢ صفحن تي مشتمل رسالو ڇپايو آهي. ديباچي ۾ لکي ٿو تہ ۴۲ قلمي رسالا ۾ ۱۴ ڇاپي رسالا پيتي ڇنڊ ڇاڻ ڪري لطيف سائين، جو نج ڪلام هن رسالي ۾ لکيو ويو آهي ۾ ٻين سگهڙن شاعرن جو ڪلام هن رسالي مان ڪڍي ڇڏيو ويو آهي. ان مستند رسالي ۾ سر ڪلياڻ جي داستان ٽئي جو چوڏهون بيت آهي. تہ ڪافر ٿيءُ تہ اُبهين باب شرع جا ڇڏمن مشرڪن سين گڏ تہ ويجهو ٿيئن وصال کي. ڊاڪٽر صاحب ان بيت جي معنيٰ لکي اهي تہ اي رسمي ڪافر تون سچو ڪافر ٿي، تہ ڪاميا ب ٿيئن تون اسلامي شريعت جون ڳالهيون ڇڏ پهرين، سٽ جي معنيٰ پوري ٿي ٻي سٽ آهي. من مشرڪن سين گڏ تہ ويجهو ٿئين وصال کي. ڊاڪٽر صاحب ان جي معنيٰ لکي ٿو تہ تون پنهنجو من عقيدو مشرڪن سان ملاءِ تہ تنهنجو جيڪو پنهنجو محبوب مقصد آهي سو مليئي ٻي سٽ جي معنيٰ پوري ٿي ڊاڪٽر صاحب جي رسالي ڇپجڻ کان پنج سال اڳئي مون انهي ساڳي بيت جي معنيٰ لکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جيڪا پيش ڪيان ٿو هيءَ بيت تمام اونهي ۽ وڏي اهميت واري معنيٰ ٿو رکي جيڪا سموري هن ٿوري وقت ۾ پيش ڪرڻ ممڪن ناهي تنهنڪري معنيٰ جو ٩٥ سيڪڙو ڇڏي باقي ٥ سيڪڙو جهلڪ پيش ڪريان ٿو باب شرع جا ڇڏ ڪافر ٿيءَ ته ابهين باب شرع مان ترقي ڪري قدم اڳتي وڌائي اُڪري پار پئي حقيقي دين محمدي جي ڄاڻ حاصل ڪري اُن تي عمل پيرا ٿي ته تنهنجي اکين ڪنن ۽ دل تان پڙدا لهي وڃن ۽ سچ ڏسي سگهين سچ ٻڌي سگهين ۽ سچ سمجهي سگهين توکي سچ پلئه پئي انهي سچ جي ذريعي روحاني فوقيت حاصل ڪرئين ۽ دنيا جي ڪثافتن غلاظتن کان پاڻ کي دور رکين ۽ باري تعاليٰ جي طرفان توکي بشارتون ۽ نعمتون عطا ٿين تنهنجو خيال عقيدو هلت چلت سمجهه فهم باب شرع وارن کان نرالو ٿيندو جئن خاجا غلام فريد چوي ٿو ته ميڏا دين و تون ميڏا ايمان و تون ميڏا عشق و تون ميڏا يار و تون، و تون جي معنيٰ نرالو باب شرعه وارا اڪثريت ۾ آهن. طاقت دولت اقتدار حڪومت اسلام تي قبضو فتويٰ جو اختيار باب شرع وارن پنهنجي وس ۾ رکيو آهي. باب شرع وارا اڪثريت طاقت دولت حڪومت ۽ سازگار وسائل جي موجودگي جي گهمنڊ ۾پاڻ کي سچو ۽ پنهنجي عقيدي کان نرالو عقيدو رکڻ وارن کي ڪوڙو بي دين مشرڪ ملحد زنديق ڪافر تا ڄاڻن جئن منصور تي ڪفرجي فتويٰ ڏيئي سنگسار ڪري هٿ پير وڍائي، اکيون ڪڍائي زبان وڍائي، ڦاسي ڏيئي لاش کي باهه ۾ ساڙيو ويو هو. شمس طبريز تي ڪفر جي فتويٰ ڏيئي کل لهرائي ويئي هئي. مخدوم بلاول تي ڪفر جي فتويٰ ڏيئي گهاڻي ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيڙايو ويو هو. شاهہ عنايت صوفي تي ڪفر جي فتوٰي ڏيئي سر ڌڙ کان ڌار ڪيو ويو هو. اهي سڀئي عظيم انسان حقيقي دين محمديءَ تي عمل پيرا ۽ اولياءَ هئا ۽ اڄ بہ اولياءَ آهن. پر باب شرع وارن انهن بزرگن عظيم انسانن کي ڪافر ڄاڻي سزا ياب ڪيو. باب شرع جا ڇڏ ڪافر ٿي تہ اُبهين جي معنٰي ٿي تہ باب شرع واري منزل تان ترقي ڪري قدم اڳتي وڌائي اُڪري پار پئي حقيقي دين محمدي جي ڄاڻ حاصل ڪر ۽ اُن تي عمل پيراٿيءُ تہ سچ پلئہ پويئي ۽ تنهنجو عقيدو باب شرع وارن کان نرالو ٿيندو تہ باب شرع وارا توکي ڪافر چوندا حالانڪ تون ڪافر ناهين حقيقي دين محمديءَ تي عمل پيرا آهين. اهڙيءَ حالت ۾ باري تعالٰي وٽ تنهنجو مٿانهون مرتبو ٿيندو تنهنجي زندگي سجائي ۽ سڦلي ٿيندي ۽ حيات جا وداني جو مرتبو حاصل ڪندين. ان بيت جي ٻي سٽ هي. من مشرڪن سين گڏ تہ ويجهو ٿيئن وصال کي، ٻهرينءَ سٽ جي معنٰي ڪندي واضح ٿي چڪو تہ جيڪي عظيم انسان حقيقي دين محمدي تي عمل پيرا آهن. ۽ هرگز مشرڪ ناهن پر باب شرع وارا اُنهن کي مشرڪ ٿا ڄاڻن. تون انهن عظيم انسانن جي صحبت مان فيض حاصل ڪري سچي حقيقت پروڙي روحاني فوقيت حاصل ڪري پنهنجي زندگي سجائي ۽ سڦلي. ڪر ٻي سٽ جي معنٰي بہ پوري ٿي سائنير سدائين ڪرئين. مٿي سنڌ سڪار دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرئين لطيف سائين سنڌ ۽ سنڌي مظلوم مارُئڙن سانگيئڙن جهانگيئڙن ڏوتيئڙن ويڙهيچن کي دعا ٿو ڪري تہ اهي شال آزاد آباد خوشحال هجن شال سنڌ سدائين جيئي شال جيئي سنڌ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقير امداد علي سرائي

## سُر بلاول ۾ شاهه رحه جي سُندر سوچ ۽ عارفاڻو اُهاءُ

شـــاهـه ســـائين جو هي سُر بـه " سُر ڏهر" جي ڏامپ وانگر نـهيل آهي. سـر بلاول ۾ بـه سُر ڏهر وانگر چار داسـتـان آهن ۽ گـهـٽن رسـالن ۾ هي ٻئي سُرَ رسـالي شـريف جي پويان ڳنڍيل آهن. سُر ڏهر ۾ بـه ڪڇ طرف جي مڙسن ۽ سخي مردن جو ذڪر آهي تـه هن سر ۾ پڻ ان ڏس جي ڏاتارن، جهونجهـارن ۽ مهـا ويرن جو بيـان آهي. جڻ تـه هي ٻئي سُرَ سڱاپي ۾ پائر تا لڳن.

سُر ڏهر ۾ آيل ويرَ وريام ۽ عظيم انسان آهن :

١ـ" لاکـو لوڙائو يا لاکـو هاڻو". ڪڇ ملڪ جو مـشـهـور اَمـوٽ بهـادر ڏاڙيل ۽ پاڳيا (اوڏ ۽ ريباڙي).

٢ـ راڄ جو رکپال سخي ۽ نيادار ڄام لاکو ڦلاڻي.

٣ـ ڏرمدار غريبنواز جسودڻ راجا ۽ عوام (غريب وامير). گهيڙ گهات.

٤ـ مَڇُ، ڪونجون. ڪنڊو وڻ، پنيـهر درياهه. لاکي جي هاجي جا مـاڳ مڪان ڳوٺ لوٽيو هـه ڪڇ ڪوهيار ۽ حاجي پير جو اُتريون پاسو.

اهڙي پر سُر بلاول ۾ بـه ڪڇ ملڪ جي غيـرتمند رسـتم هند بهـادر ابڙو اڙٻنگ ۽ ڄام جکرو سـخي ڏاتار غريب نواز جو ذڪر ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساراهہ سمايل آهي. هنن پنهي سُرن ۾ نبي آخر زمان صلعم جي پڻ تعريف ۽ ثنا قلم بند آهي. سُر بلاول ۾ ۵ - ۴ بيتن ۾ حضرت علي ۽ امام زادن اڪبر ۽ اصغر جو پڻ بيان آهي. اهي بيت جنگ جهيڙن ۽ ڪٽڪ ۾ ويرين وچ ۾ آيل شهزادن ۽ حضرت علي ڪرم الله وجه ڪي هڪل ۾ حامي ٿيڻ جي نشاندهي ڪن ٿا. خبر ناهي اِهي بيت جيڪي سُر ڪيڏاري ۾ وڌيڪ سونهن ها، سي هتي ڪيئن اچي ويا آهن؟ باقي سر بلاول جي چوٿين داستان ۾ وڳنڌ عرف ورو فقير جي بات آهي جيڪو شڪل جو ڪوجهو، بناوت ۾ ڪِل جهڙو وصفن ۾ ڪُلاٽ ڪُوڙو ۽ پيٽر بدوبي نمازي ۽ گدلو ٿو ڏسجي. هي بيت پڻ شاه جي ڪلام ۾ اوپرا ۽ ڪنهن فقير جا ٽوڪ چرچي خاطر چيل آهن ۽ ٽُنبجي ويا آهن.

شاهہ سائين خود پاڻ ڪي ڪوجهو ۽ ڪنو ٿو چوي سو ڪيئن بئي ڪي حقارت وچان ائين چوندو، ڇو تہ ڪوجهي ۽ سهٽي جو خلقڻهار ساڳيو آهي. اسان ڪي ڪهڙي مجال آهي جو اُن سچي ڪنيار جي برتن تي ٽوڪ يا ٽنولي ڪريون. ڏسو شاهہ صاحب جي حُسن نيزاري ۽ نِهٺائي: -

۱- " ڪوجها پس ڪرين جي آهن تنهنجي آسري"

۲- "اي ڪر ڪريمن جي ڪهيون ڪُن پاڻ سان"

۳- "آئون انهن ۾ آهيان لَنگهي ۽ لوري"

۴- "آهيان ڪميڻي ذات پاروچي نہ جڙان"

۵- "هو جا پائن پير ۾ تنهن جُتيءَ نہ جيهي"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦ ” ڪونهي ڪميٽيءَ جو بگر تو بلو“

هو خدا جو صالح ٻانهو ۽ ڪامل ولي آهي پر پاڻ کي هيڻن تو سمجهي:

بچائجا ٻاري، آهيان گناهن جي گوڏڙي،
نڪو پئسو پتڻ جو، نه ظاهر ڪيم زاري،
آهيان اگهاڙِي، ڏجاءِ پاند پناهه جو.

هن چوٿين داستان ۾ وڳند کي بدو بي نمازي چيو ويو آهي يعني هو هندو نه پر مسلمان آهي. اِهي بيت شاهه صاحب جا هر گز نه آهن. ثابتي:

ٻانڊو ٻيلي نه ٿيو، وَرو اڄ ويو
پيتر پنڌ پيو، سونهاري سادات ڏي
(هن ست مان پتو پوندو ته شاعر هيو آهي)

مدن متي ذڪر ڪيو آهي ته چند بيت جيڪي حضرت علي ۽ امام زادن جي بيان ۾ آهن سي سُر ڪيڏاري ۾ اڻ ڪپندا هئا. اهو ان ڪري ٿيو آهي جو شاهه سائين جي چمار ۾ نه سندس رسالو جوڙيو ويو نه گنج راس ٿيو. سيني ائين ٿي سمجهيو ته هي سا حيات شاعر ڪامل ولي عارف با لله شال جڙيو هجي ۽ صد سال جئرو رهندو، پر اَجل اَموت جي تکي ڪاتي حياتيءَ جي ڪچڙي ۽ بي بقاد ڏور کي ٦٣ سالن ۾ ڪپي اسان ڪان هيءُ عظيم انسان ڌار ڪري متيءَ پيڙو ڪيو. سيني فقيرن، محبتي مريدن ائين ٿي سوچيو ته هڪ ڏينهن سائين بادشاهه جو سمورو ڪلام سهيڙي گڏ ڪري قلم بند ڪري ڪناس ترتيب ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تصديق ڪرائي هڪ جامع ۽ مڪمل رسالو تيار ڪبو - پر: ” هڪڙي ٻانهي چِت ۾، ٻي جا ڪري الله! “

هن املهه لعل جي لاڏاڻي بعد ٢٩ ڪان ٣٥ سالن تائين گنج يا قلمي رسالا حبدار فقيرن مريدن جوڙيا پر انهن جي ترتيب ته اجان ٻه پوءِ ڪئي وئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن اهم ۽ ڪٺن ڪم تي وقت جي سرڪار يا ڪنهن شاهوڪار ماڻهو ڪوبه توجهه نه ڏنو. تنهن ڪري هن نيڪ ڪم ۾ ڪافي ڪجهه اوڻايون ۽ گهٽتايون اچي ويون آهن. منهنجي نبرجاڻ موجب جيڪڏهن مرحوم دائود پوٽو اجان ١٥ سال زنده رهي ها ته شايد رسالي ۾ آيل ڏاريا بيت ۽ اوپرا اکر تڙجي وڃن ها ۽ بيتن مطابق رسالي شريف جي ترتيب ٻه خامي ٿئي ها ڇو ته علامه دائود پوٽي کي هڪ ته شاهه سان ازلي عشق ۽ شاهه جي ڪلام سان وڏو ڪوڏ هيو ٻيو ته هن سچ جڙاءِ عالم پنهنجي دُنيوي علم کي پاسيرو رکي، رسالي جي سُجاڻ فقيرن جو سنگ ورتو ۽ وٽن ويهي پڇڻ ڪيو. فقير حاجي هاشم مڱڻهار سال واري وٽ ته سندس تحرير موجود آهي ته هو وٽس کي ڏينهن گهاري ڪافي ڪجهه پڇي پڪ ڪري ويو. اهڙي پر مولوي حاجي احمد جت (ڪڇي) کي پنهنجي سنگت ۾ رکي، نئين سر رسالي جوڙڻ جو سعيو ڪيو ۽ ڪيس پنهنجي خرچ تي هندستان موڪلي ڪافي نولابيت ۽ معنائون هٿ ڪيون. افسوس جو اهي خان ٻه ڪپي ويا ۽ اهو هٿ لکيل مولوي احمد جت جو رسالو نامڪمل رهجي ويو جيڪو امڙ خديجه زوجه مرحوم دائود پوٽي وٽ پوٽيءَ ۾ ويڙهيل پيو آهي. حاجي احمد جت جو پٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رمضان فقير جت منهنجو رسالي ۾ استاد هيو ۽ مون سان گڏ هندستان پڻ هليو هيو. هو بہ پيءُ وانگر ڏاڍو رسالي جو ڄاڻو ۽ وڏو عالم هيو. پنهنجي دور ۾ سنڌ ۾ حاجي هاشم مڱڻهار فقير ڪانپوءِ پهريون نمبر سچاڻ هيو پر هي بہ خان ڪيي ويو. هاڻي يا نصيب! جيڪڏهن حڪومت هن نيڪ ۽ اهم ڪم ۾ هٿ وجهي، ڀٽ شاهہ تي ڪو خاص ادارو کولي ۽ ان ۾ جاکوڙي ۽ سچاڻ فقيرن جو تقرر ٿئي تہ بہ هي رهيل ڪنن ۽ ضروري ڪم پورو ٿي سگهندو. يا وري ڪو مخير زميندار يا شاهوڪار پنهنجي خرچ تي لطيف اڪيڊمي کولي هي ڪم ڪرائي تہ سندس نالو مرحوم ٿيڻ کان بہ بلند رهندو ۽ مرڻ ڪانپوءِ ڀٽ ڌڻي جي مِهر هيٺ هوندو.

موضوع تي ايندي قلم کي ڦيرائي سر بلاول ۽ شاهہ رحہ اچان ٿو. پهريائين شاهہ رحہ، پوءِ باقي سر بلاول.

بلاشڪ شاهہ آلستي عطار ۽ سيني پَرِبين عالي'۽ بالي' هيو.

هو سچو صراف، وڏو وينجهار ۽ رواحاني ويڄ بہ هيو تہ مرشد، هادي ۽ انسان ذات جو پڪو دعا گو. گهٽگهرو ۽ وطن جو رکپال بہ هيو. سندس ڪلام قدسي آهي ۽ هو لاشڪ الهداد ۽ آڪاشي شاعر هيو. هو مذهب جي پنڌڻن، تعصب ۽ فرقي بازي کان پري هيو. هن جو ڪلام هر انسان ذات لاءِ هدايت نامو ۽ روشن چراغ مثل آهي، هو سچو صوفي ۽ ڳامو سچار آهي:

نکي گنگا ۾ گير لهن، نکي مکي مدايون ٿين معاف
سينو جنهين صاف، تنهن تان پاڻهي پاپ پري ٿيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو پاڪ صاف اشراف ۽ عابد هيو ۽ پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيو:

ثابتي : ١ـ بيراڳي پڳوان، ڪي ڏهاڙي ڏسن،
مشاهدو محبوب جو اندر آديسن،
خالي ڪومَ ڪئن، گر ري پساهہ گوڏڙيا.

٢ـ جي رتا راول چام ڪان، سي آديسي آهين،
جوڳي جدا پاڻڪي، بيراڳي نہ پائين،
لانگوٽيا، لطيف چئي، لنگ نہ لڄائين.

عارف بالله: سندس درجو هي آهي:

اَسور سندو آسرو، وڳنڌ ڪي وڏو
سوٽي الار مَ سيد تي، مُلا مدن نہ مار
نظر ڪري نهار، تہ آءُ اڳهين پڙهيل آهيان.

شاهدي روميءَ جي:

علم اهلِ دل نہ از مڪتب بود
بلڪ از تلقين خاص رب بود.

شاهہ سائين عارف بالله، "تحقيق جبروتي" جو چاڻندڙ هيو ۽ انهيءَ سببن رب پاڪ جي مٿس عنايت آهي جو هو آخر هن درجي تي پهچي، آسڻ آرامي ٿيو:

وحدت جن وجود، ڪعبو ڪوٽيو تن جو
سي ڪنهن ڪي ڪن سجود، مڪو جنين من ۾.

سندس رسالي جي تعريف اسان ڪهڙي ڪنداسين پر هن اصلي گوهر جي ڪلام جي تعريف، گروهڙي فقير ڪري ويو آهي: آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبداللطيف تي رضامند و هرحمان، پڙهيائين پريت مان، باري جو بيان،
جوڙي جنهن قرآن، سنڌي ۾ سَولو ڪيو.

سُر بلاول جي پهرين داستانن ۾ ابڙي جو ذڪر آهي جيڪو شينهن زور، شينهن شبيهه، ويرُ هيو. انڪري ڪيس ڪيهر شينهن سان تشبيهه ڏني وئي آهي: " ڪيهر شينهن ڪر ڪٺيو. تو ملهه مُجون موڙي". هي اهو ابڙو اڙٻنگ آهي جنهن سومرين جو سامون جهليون هيون ۽ علاؤالدين سان جنگ جهيڙي شهيد ٿيو پر پاڳهل جو سڳ نه ڏنائين. هن جي دودي سومري سان دوستي هئي ۽ دودي علاؤالدين سان وڏا ندڙي ويڙهه ڪئي ۽ هي پڻ شير شهيد ٿيو. مختصر پر سچو احوال سمجهو ڇاڪاڻ جو آءُ هن رستم هند جي قبر جي ۽ سومرين ستين جي زيارت ڪري آيو آهيان. مون اهڙو ڪجهه ذڪر پنهنجي سفر نامي قدم ڪاپڙين" ۾ ڪيو آهي. " دودو ۽ ابڙو هڪ ڏينهن راند تي رميا. راند رمندي هڪ ڳوٽ ٽِڙي وڃي ابڙي جي جهوليءَ پئي. راند پوري ٿيڻ تي دودي ابڙي جي جهولي ڪان ڳوٽ تي ڪنئي ته ابڙي ڏيڻ کان انڪار ڪيو. چيائين ته هي ڳوٽ منهنجي جهول ۾ يعني منهنجي سام تي آئي آهي تنهن ڪري هي ڳوٽ توکي هرگز نه ڏيندس.....

ان مڙساڻي ادا ۽ دوستيءَ جو دنگ ڏسي دودي پنهنجي پيٽن ۽ نياڻين کي وصيت ڪئي هئي ته علاؤالدين جي جنگ ۾ جيڪڏهن مان مارجي وڃان ته اوهان يڪدم هتان ٽِڙڪي وڃي منهنجي دوست ابڙي وٽ پناهه وٺجو. هو شير مڙس اوهان جي سام جهليندو...

ابڙو ذات جو سمو آهي پر هن " نر مڙس" جو نالو ابڙو آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثابتي:

(۱) ابڙو وڏ ـ وڙو سَمون سونهن سين
تنهن در سڀ اچن، ڪنڌ نه ڪيڏي ڪچ
(۲) سمون تن سڏ ڪري جن تي وڏو وير
ڏٺي اٿي ته آجي ٿيان، پائي پاڳوڙي پير
توري، پيو ڪير، سرٽين جا سوٽا ڪٽي.
(سرٽيون معنيٰ سام ۾ آيل)

علاءالدين جي ڪاهه ۽ ابڙي جو جنگ ۾ وڙهڻ ۽ فوت ٿيڻ
جي ثابتي:

ابڙو وڏ ـ وڙو سَمون سونهن سين
علاءالدين آيو، ڪٽي چل چڱير
ڪهين ڪين همٿئو ڪانَ جهليندو ڪير؟
سومرين سام ڪٽي، ابڙي ڪيو اُٺ پير
هو مُهائين مير، پر مستوراتن مارائيو.

(چل ـ لشڪر، مستوراتن ـ عورتن ـ سومرين ستين ڏانهن
اشارو.)

ابڙي گهر جڏهن سومريون ستيون پهتيون ته هو اوطاق ۾ راج
جا فيصلا پيو ڪري. سندس گهرواري ڪيس اهڙو ڏک جو نياپو
موڪليو ۽ سومرين جي سام ۾ اچڻ جو نياپو موڪليو. هو اُروڙجي
اوطاق مان فيصلو مهمل ڪري گهر پهتو. سيني کي مٽي تي ڪوري
ڪپڙي جون پوتيون وجهي پنهنجون پيئرون بنائي چوڻ لڳو اوهان هتي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آرام سان رهو جيستائين مان جئرو آهيان اوهان جي وار جو ناُلو ڪوبہ نہ ونگندو، ۽ جي عـلاءالدين مـون تي ڪاهي آيو تہ بہ اوهان تان قـربان ٿيندس، اوهان جو سڱ ڪونہ ڏيندس.

ابڙو ڪڇ جي هڪ خطي جو سـردار هيـو. ڪـٿي چئـجي هڪ تعلقي جيتري سندس اسٽيٽ هئي. هاڻي اهو ابڙاسو تعلقو آهي. هو وڏو ڏيادار مڙس ۽ پهلوان هيو. هن ڪان ڪوئن پر راجا بہ ڏچندا هيا. هو اهڙو تہ اشراف هيو جو ڪنهن بہ غير عورت ڏي اک کڻي نہ ڏٺو هيائين. ڪڇ ۾ مون کي گهڻن ماڻهن رات جو ڪچهريءَ ۾ ٻڌايو تہ اهڙو راڄ اشراف هيو جو زال جي اوگهڙ بہ شرم کان نہ ڏسندو هيو ۽ ٻني وِساٽي حق شرعي پاڙيندو هيو. ان ڪري قدرت طرفان هن کي هردم سـوڀ ۽ مـدد ملندي هئي. هن يڪـدم پنهنجي راڄ جي جوانن کي گهرايو ۽ جنگ جهيڙڻ لاءِ تيار ڪيو ...

عـلاءالدين ٻيي ٻاگـهل جي عـشق ۾ "لوسي" "لوسي" ابڙي جي ڳوٺ "رامپر" کان ۴ ميل پري پنهنجي لشـڪر سميت لڏو لاٿو ۽ ڪيس محمد شـاهہ نالي هڪ ميجر موڪليو تہ توسان جنگ نہ ڪندس، تون مسلمان عورتن کي منهنجي حوالي ڪر ورنہ نتيجو برو ڏسندين. ابڙو اصل راجپوت هيو ۽ مسلمان ڪونہ هيو. ابڙي محمد شـاهہ کي چيـو تہ برابر عـلاءالدين وڏو راجا آهي، سندس لشـڪـر هزارن جي تعداد ۾ آهي ۽ مون کان هر حـال ۾ وڏيڪ طاقتـور ۽ وڏو فوجدار آهي پر منهنجي جان ۾ قدرتي ايڏي جوت ۽ طاقت آهي جو آءُ هرگز سندس آڻ نہ مڃيندس. سومريون منهنجون ڀيڻون آهن آءُ ڪڏهن بہ هنن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عــلاءُالدين عــيــاش جي حــوالي نــه ڪندس منهنجي هٿ ۾ تلوار ۾ حــيدري طاقت آهي... عــلا ءالدين جي مــوڪليل ايلچي مــحــمــد شــاهه جڏهن ابڙي سمي سردار جي تقرير ۾ شير شبيهه اکيون ۽ چهرو ڏٺو ۽ ويتر جو هن وير جي اشرافت جي نيڪي راڄ ڪان سٽي سو قدرتي طرح موهجي پيو. هو عــلا ءالدين ڪان ان ڪري بـه باغي ٿيو جو عــلا ءالدين ٻاڪهل تي مست ۽ بري نيت رکندڙ هيو.

قصو ڪوتاهه محمد شاهه ابڙي ڪيهر شينهن جو ڪردار ۽ ڪريڪـتـر ڏسي ڪـيس ڪنڊائـتـون وٺي چوڻ لڳو" جيـڪـي تو ۾ مـون خوبيـون ڏٺــيـون آهن سي هاشـمي خاندن ۾ هونديون آهن. هاڻي مـان تنهنجون خوبيون حسن اخلاق ۽ بهادري ڏسي تنهنجو طرفدار ٿيو آهيان، تـه تون بـه منهنجي هڪ ڳالهـه مڃ." ابڙي هاڪار ڪئي. مـحـمـد شـاهه چيو تـه مان سيد آهيان منهنجي روبرو ڪلمو پڙهه تـه معرفت ماڻيندين ۽ مئي ڪان پوءِ بـه پيو ڳائبين. ابڙي ڪلمـه پڙهيو پر طهر ڪان انڪار ڪيو چو تـه جنگ ۾ سپهه سالاري سپاٽي هن ڪي ڪرڻي هئي...

جنگ لڳڻ ڪان اڳ هي شير سومرين ستين ڪي مٿي تي هٿ رکي الله واهي چئي سندن اڳيـان ڪـيـر جو وٽو رکي آکين اکين سـان چوڻ لڳو جيـڪـڏهن اهو ڪـيـر "رت" تي وچي تـه سـمـجهـجو تـه آئون شـهـيـد ٿي ويس، پوءِ ڪتي اوهان جي قسمت.

ڳالهـه تمام دلچسپ ايئان بـه آهي جو وچ ۾ هڪ آسو مينگواڙ جوان جو پارٽ آهي. پر ٿيو ائين جو جنگ ۾ هڪ حملي سان هن شير ٣٢٠ ماڻهو ماريا، عــلا ءالدين يـڪـدم حـڪـم ڪـيـو تـه دوڪـو، فريب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Foul play اختيار ڪيو نه ته هن بهادر کي ڪوبه جنگي قانون موجب نه ماري سگهندو. ٿيو به ائين. گهاٽن وڻن جي اوٽ ۾ هڪ لنگهي سپاهي انعام جي لالچ ۾ لڪي وڃي ابڙي شينهن کي زهر آلوده تلوار هٽي سسي جدا ڪئي پر ڪڇ جي روايتن موجب ابڙي جو ته دڙ ڪونه ڪريو ۽ تلوار سميت اڳين تي اُلرون ٿي ڪيون... سسيءَ مان اهو جواب نڪتو ”لغور لنگها ڳوٺ نه هونديءَ“ يعني ته اهو فوجي لنگو هيو جنهن جي ذات کي هن پاڪدامن وير جي اهڙي پٽ لڳي جو اڄ تائين ڪنهن به ڳوٺ تي ڪنهن لنگهي جو نالو ڪونهي. هوڏانهن ڪير جو وتو رت ٿيو سومريون ستوين پرواري جبل ڏانهن ڊوڙي ويون ۽ خدا تعاليٰ ذي هٿ ڪٽي عرض ڪيو ” يا الله اسان کي زاني علاءالدين کان پناهه ڏي تون ستين جو ستُ ۽ پرم رکڻ وارو آهين. ان جبل ۾ ڏار پيو ۽ هي ست ئي ڇٽيون سسئي وانگر اجان سُتيون پيون آهن. مون گنهگار اهي مقام ڏٺا ۽ فاتح پڙهي عبرت حاصل ڪئي. (هنن ستن ستين ۾ ڇهه سومريون ۽ هڪ ٻانهي آهي.)

مضمون هاڻ. آخر ۾ رهيو جکرو سردار يا چام جکرو سخي ۽ جکري جي اوٽ ۾ پيو حقي ۽ سخين جو سردار جکرو.

چام جکرو نالو اتس ذات جو هي پڻ سمون آهي. هن سخي مرد ۽ عظيم انسان جي سخاوت جي واڪاڻ به پرکندين پڌري آهي. جڏهن به سائل کي خيرات يا ڏانُ ڏيندو هيو. اهو عمر پر وري وتس نه ايندو هيو. سائلن مان مسڪينن ۽ اگهاڙن کي ڏان ڏئي ڍڪي روانو ڪندو هيو. ثابتي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابـڙو وڏـ وڙو سَمون سـونهن سـپڻ
کوهہ نہ جهارين جکرو، جنهن ڏيهہ ڏِيا ڏيئي
جي لَڏيا تي لينگهن ۾، سالن ۾ سيئي

سمي سيئي، طعامائو تہ ڪيا. (تهہ ڪيا ـ ڍ ڪيا ـ لينگن ۾ ليڙن ۾ قاتل ڪپڙن ۾)

بلاشڪ هي سمو حاڪم پي سخي هيو تنهن ڪري شاهہ صاحب رڻ ڪڇ جو سير ڪندي هن جي جود ۽ سخاوت ڪي ساراهي ڪيس زندهہ جاويد بڻايو آهي. هي ڏاتار پيادن ڪي سواري لاءِ گهوڙا پي ڏيندو هيو ۽ وڏيڪ هو ان خوبي جو مالڪ هيو تہ هن جي وجود ۾ وير وتار ڏانَ ڏيڻ جي خواهش هئي ۽ هو پنهنجي ان نيڪ مقصد ۽ جود سخا تي گيرب ۽ گاء نہ ڪندو هيو. هو ولهين ۽ ڪنگالن لاءِ پارس ۽ گنگاجر هيو ۽ سيني جي تنگ دستي ۽ سڃائپ جي اُڃ اُجهائيندو هيو. هن جي سخاوت ڪوجهي ۽ چڱي لاءِ ساڳي هئي. هو ڏڏن ۽ فقيرن ڪي ايترو ڏيندو هيو جو عمر ساري وري هو نہ پنندا هيا.

ڏڏ وڏو ڏان گهَري، هوتياڻي هتاء
سمي جي سخاوت ۾، گيرب نہ گاء
جاء وهلو آءُ، ڏئي ڏانُ ڏڏن ڪي.

هي” جام ڏاتار“ ابڙي ڪان گهٽو آڳاتو آهي. هاٿي ڏسٽو اهو آهي تہ هي ڪڇ جو هيو يا سنڌ جي سمن يا لس ٻيلي وارن مان هيو. مون هن حمير جي هاڪ ڪڇ ۾ ٻڌي ۽ هو اوڍهون جو هيو. برابر سنڌ ۾ يا لس ٻيلي وارن سمن ۾ ٻہ ڪو سخي ٿيو هجي پر هن بيت مان هي

سپني ڪان وڌ ھيو ۽ ڀٽائي صاحب ھن ڏاتار يعني سخي جي جود ۽ اخلاص جي ساراھ ڪئي آھي:

ثابتي ١ـ سمون سِنڌ سمن ۾، جکري جِھو ڪوءِ
وائـي جنـھـن وات ۾: ڏئـو ۽ ڏئـو
الله اچـي عوءِ، ڏڏ وڏو ڏانُ گـھـُـري.

ثابتي ٢ـ جيڪڏھن اھڙي نالي وارو جکرو سمو اسان جي ملڪ جو ھجي ھا تہ شاھ صاحب ان جي تعريف ۽ سخاوت جي وسيع دائري کي "سنڌو جر" سان مشابھت ڏئي ھا پر بيتن ۾ "گنگاجر" ٢ ـ ٣ ڀيرا آيل آھي.

ثابتي ٣ ھالار ڏٺي ڪڇ ڏٺي جا اکر پڻ ھن سُر ۾ ڪتب آندا ويا آھن. اھڙي طرح " سنيھا سرير ۾ راھو جا رھيا." ھاٺي ڏسٹو اھو آھي تہ ھتي اسان وارن سمن جي پُر ۾ ڪو "راھو" تہ ڪونھي؟ چام تماچي جي پُر ۾ راھو نالي سان ڪو بہ ڪونھي باقي وڌيڪ خبر انھن عالمن کي جيڪي مون کان علم ۾ اعليٰ آھن مون پنھنجي چاڻ موجب لکيو آھي. ٻيو ٻيلي جو اکر جيڪو بيتن ۾ ڪٿي آيل آھي اھو ٻيلو حاجي ولي محمد جت سگھڙ شھر ڀنارو ضلع ٻيچ ٻڌايو تہ اُن طرف يعني ڪڇ جي علائقي ۾ بہ ھيو. مونکي اکر گنگاجر وڌيڪ ويساھ ڏنو آھي تہ اھو سخي چام جکرو ھند ستان جو ٿي سگھي ٿو نہ تہ " سنڌو جر" جو اصطلاح سنڌ جي سخي لاءِ وڌيڪ فضيلت وارو ۽ وڌيڪ سٺو ٿئي ھا (والله اعلم با ثواب)

اھڙي آس اَپار، پارين جھليو نہ رھي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيـل ۽ گرنار، انـو گـنگاجر جکرو.

تي سگهي تـو اهو پيلي وارو شـهـر يا ڳوٺ تمام گـهـٽـو اڳ گرنار جي طرف هجي

هاڻي آءُ شاهہ رحہ جي جکري جي اُپٽار کندس ۽ اُن سر مان خاص بيت نروار کري ان ڏينهن جي ڏاتار کي پاڏاريندس جيکو سخين جو سردار ۽ هزارين حاتمن کان اتم ۽ عاليٰ آهي. اڳ ۾ اها بہ حديث ذهن ۾ رکـجي تہ "الله پاڪ جي خزانن جون چاٻيـون منهنجي هٿ ۾ آهن ۽ پچاڙي ۾ هي اکر آهن "آنا قـاسمُ". مـان تقـسيم کندڙ آهيان. اهي بيت جکري جي نالي يا اوٺ سـان ان سـچي سـخيءَ نبي آخر زمـان صلعم جي شان ۾ تعريف ۽ هٿ ڏِگهي سخاوت جي نشـاندهي کن ٿـا جنهن جي سـخاوت کيچ جي عـلائقي تائين نہ پر سـچي دنيـا تـائين اجا تائين عـام آهي هو ڏينهن جو ڏاتار کريم رحمت العالمين ۽ شـفـيع نبين اکيلو آهي نہ رڳو ائين پر سيني امتن جي شفاعت لاءِ وسيلو آهي. وبتغو اليہ الوسيلت (قرآن) امت جو جمع اُمم آهي ۽ پاڻ کريم جن شـفـيع الامم پڻ واحد آهن.

شـادي بعـد بيـبي خديجت الـکـبريٰ جي پوري دولت خدا جي راهہ ۾ خيرات کيائون. جنگ ۾ جيکي اٺ گـهوڙا ايندا هيا، سي سڀ غريبن ۽ کنگالن ۾ هڪ کلاڪ اندر تقـسيم ٿي ويندا هيـا. در تي جيـکـو خيرات لاءِ ايندو هيو. اهو خالي کونہ موٽندو هيو وري سندن خيـرات ۽ سـخاوت هر عـام وخاص لاءِ هوندي هئي پر پنهنجن لاءِ " نہ" جي برابر هوندي هئي. جيکي وٽن آيو سو ورهائجي واٽ خدا جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو. پر سنڌن گهر ۾ مسڪيني، جو سدائين ڪامون ڪُتل هونديون هيون. اهوئي سبب آهي جو پاڻ ڪريمن جن ڪڏهن به ذڪوات ڪونہ ڪڍي آهي ڇاڪاڻ جو پاڻ ڪڏهن بہ صاحب مال جهجهو وقت نہ رهيا ( بقول مولانا احتشام الحق ٿانوي واعظ جمع نماز جيڪب لائن مسجد ١٩٧٩)

هاڻي ثابت اهو ڪرڻو آهي تہ اهي جڪري وارا چوند بيت واقعي پاڻ ڪريمن صلعم جي شان ۾ شاهہ صاحب چيا آهن؟ جي ها تہ ثابتي: "متي ان مرسل، اڳهين هئي ايتري". مرسل اڪر جڪرو ڇام تہ ڇا پر حضرت علي ڪرم الله وجہ جي شان ۾ بہ نہ ٿو چئي سگهجي. مرسل اڪر فقط رسولن لاءِ محصوص آهي.

ثابتي ٢- جڪري جِهو جوان، ڏسان ڪونہ ڏيهن ۾
مهڙ مڙني مُرسلين، شاهي سندس شانَ
فڪان قاب قوسين او ادني'، اي ميسر تيس مڪان
اي آگي جا احسان ، جنهن هادي ميڙيم مهڙو.

( رسالي ۾ سرس سندس شان لکيل آهي سو سراسر غلط آهي).

جيهس ڪونہ جهان ۾، سندءِ صورت ساڻ
مڱ مڱتا در داتا، ٻي جي ڪيد مَ ڪاڻ
اي پاتوندر پاڻ، حال پسي پال ڪري.

----

ثابتي ٣- وني وجهي مَ وچ، جيهي، تيهي، جڪرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇو آيا نِچ، سمي وائي وات ۾.

(هن بيت ۾ وٽي جو اشـــارو آب ڪوثر جي جام ۽ سندس ساقي هجڻ بابت آهي.)

ثابتي ۴- حضرت ابابڪر ڪان روايت آهي تہ سهڻا قيامت ڏينهن اوهان ڪٿي هوندا؟ پاڻ فرمايائون گنهگارن جي وچ ۾:

شاهہ ان ڳالهہ جي تصديق ساڳي سر بلاول ۾ هيئن ٿو ڪري:

پِڙ ۾ اڀو پاڻ، ٿو ساٿيئڙن سَڏ ڪري

تنهن ٻلي جي لاڏاڻ، سڀ لنگهيندا لڪيون.

هن ســـر ۾ اجان بہ وڏيڪ ثابتيءَ وارن بيتن جون ڪجهـــ سِٽون لکي پڪ ٿو ڏيان تہ اهو جڪرو ڇام نہ پر ,محمد ڇام، صلي الله عليہ وسلم آهي: "اي سيد وڏي سوڙ، جنهن ۾ متو لڪايو مڱٽي".

"ٻي در ڪنهن مَروج، ري هاشمي هيڪڙي"

ان ڪـان وڏيڪ ثابتي ۽ شـاهدي هن سر جي وائين ۾ پڌري آهي جيڪي ٿورڙي علم وارن لاءِ پڻ واضح ۽ اعتبار جوڳيون آهن.

آخر ۾

" جڪرا جيئن شال تنهنجو ڪُنين مدو نہ سٽان،

جيئن تـو اڇي ڪالهہ، نالائق نـوازيا.

اللّهم صلي علىٰ محمد و آل محمد بارڪ وسلم."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book